ڪيئن ريجهايان توکي!

(فقير سليمان شاهه بودلائيءَ جو ڪلام)

تحقيق ۽ ترتيب

پروفيسر شمشاد احمد سومرو

ساهتي

ڪيئن ريجهايان توکي!

(فقير سليمان شاهه بودلائيء جو ڪلام)

ڪيئن ريجهايان توکي!

(فقير سليمان شاهه بودلائيءَ جو ڪلام)

تحقيق ۽ ترتيب

پروفيسر شمشاد احمد سومرو

ساهتي

ساهتي ادبي اڪيڊمي
نواب شاهه سنڌ
2013ع

Sahitee Book No: 7

ڪيئن ريجهايان توکي!

(شاعري)

شاعر: فقير سليمان شاهه بودلائي
تحقيق ۽ ترتيب: پروفيسر شمشاد احمد سومرو
ڇاپو: پهريون، © مارچ 2013ع
ڇپائيندڙ: ساهتي ادبي اڪيڊمي،
رضا هائوس، مهراڻ ڪالوني، نواب شاهه، سنڌ
رابطي لاءِ: 03003212891
ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ ۽ رام پرڪاش
سُورج پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ
قيمت: -/250 روپيا

KEIN REJHAYAN TOKHE!

(POETRY)

Poet: Fakir Suleman Shah Bodlai
Compiled by: Prof. Shamshad Ahmed Soomro
1st Edition © Sahitee: March 2013
Published by: Sahitee Adabi Academy, Nawabshah, Sindh.
Compoed by: Rano Khan Meghwar & Ram Parkash,
Souraj Printers, Hyderabad, Sindh.
Price Rs. 250/=

ارپنا

هيءَ تحقيقي ۽ ادبي پورهيو آءٌ پنهنجي مُحسن والد، موري شهر جي ڪُهنه مشق اديب ۽ ليکڪ، **فتح الدين سومرو “بيدار” مورائيءَ** جن جي نالي ڪريان ٿو جنهن جي تربيتَ مون کي ادب ۾ پيرُ پائڻ سيکاريو.

هن تحقيقي ڪم کي آءٌ پنهنجيءَ پياري **امڙ** ڏانهن پڻ منسوب ٿو ڪريان، جنهن جي دعائن سان اڄ آءٌ سٺي عهدي تي فائز آهيان ۽ سماج ۾ سٺيءَ حيثيت سان سُڃاتو وڃان ٿو.

هن پورهيي کي آءٌ پنهنجي عظيم استاد، شفيق چاچي ۽ بهترين انسان، **بابا فيض محمد سومري** جي نانءُ ڪيان ٿو جنهن مون کي لکڻ پڙهڻ جي قابل بنايو. اڄ آءٌ جيڪو به آهيان، سندن محنت جو ثمر آهيان. اهڙا عظيم انسان دنيا ۾ گهٽ آهن، جن لاءِ ڀٽائي سرڪار فرمايو آهي ته:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

هن ادبي پورهيي ۾ آءٌ پنهنجي گهر واريءَ کي به وساري نٿو چاهيان، جنهن جي ساٿ ۽ سهڪار سان مون هيءَ تحقيقي ڪم خير خوبيءَ سان مڪمل ڪيو آهي.

- پروفيسر شمشاد احمد سومرو

فهرست

حال حقيقت بشير احمد هيسباڻي 9
اندر توسان اوريان (پيش لفظ) پروفيسر شمشاد احمد سومرو 11
محبت پائي من ۾ پروفيسر "اصغر" ڀٽي ڀريائي 17
مُهاڳ بشير سيتائي 21
مقدمو پروفيسر شمشاد احمد سومرو 35

متن

بيت 79
ڪافيون 84
سنڌي خُطبا 203
ٽيھ اکري 208
سِهرو 212

ضميمو

1. بهادر فقير لغاري 215
(ميانداد فقير لغاريءَ جو طالب صادق)
بهادر فقير جا طالب
(الف) رحيم فقير لغاري 219
(ب) سنت چولارام 220
(ج) خوبو ڀڳت 223
2. سليمان ڪوش 225
(فقير سليمان شاھ جي ڪلام ۾ آيل ڏُکين لفظن جي فرهنگ)
3. ببليوگرافي 237

حال حقيقت

سُونهاريءَ سنڌ ۾ پيرانِ پاڳاره هڪ جليل القدر خاندان آهي، جنهن روحاني ۽ ديني خدمتن سان گڏ، سنڌ جي علم ۽ ادب جي حوالي سان پڻ نهايت ئي شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن خاندان جي بزرگن مان حضرت پير سيد محمّد راشد شاهه ’روضي ڌڻي‘ رحمة الله عليه، حضرت پير سيد علي گوهر شاهه ”اصغر“ ’بنگلي ڌڻي‘ رحمة الله عليه، حضرت پير سيد حزب الله شاهه ”مسڪين“ ’مَسند ڌڻي‘ رحمة الله عليه ۽ حضرت پير سيد علي اصغر شاهه ”علي“ رحمة الله عليه سنڌي ۽ فارسي زبان جا پنهنجي وقت جا ناميارا شاعر هئا. سندن ڪلام، فڪر توڙي فن جي لحاظ کان نهايت اعليٰ درجي جو آهي.

ساڳئي وقت، پاڳاره جماعت جي فقيرن ۽ مريدن مان فقير عبدالله ڪاتيار، آخوند گل محمّد ”گل“ هالائي، خليفو نبي بخش ”قاسم“ لغاري، خليفو غلام نبي لغاري، فقير سليمان شاهه بودلائي ۽ مولوي عبدالقادر ”عبدي“ وغيره سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن مان بلند پايي جا شاعر ٿي گذريا آهن.

فقير سليمان شاهه بودلائيءَ جو تعلق، سنڌ جي قديم ”ساهتي“ پرڳڻي سان آهي. سندس ولادت ضلعي نوشهري فيروز جي موري تعلقي ۾ ڳوٺ ”پُرڻ“ ۾ ٿي، جتان پوءِ پاڻ لڏي تعلقي نوشهري فيروز ۾ ڀِريائين ڳوٺ ”جعفر وڳڻ“ ۽ پوءِ ڳوٺ ”بودلي ڏاهريءَ“ ۾ اچي رهيو ۽ وفات بہ اتي ئي ڪيائين.

فقير سليمان شاهه بودلائي، حضرت پير سيد حزب الله شاهه ”مسڪين“ ’مَسند ڌڻي‘ رحمة الله عليه کان قادري سلسلي جو ذڪر ورتو، درگاهه شريف جي مريدن ۾ شامل ٿيو. پاڻ پنهنجي وقت جو هڪ سُٺو شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ سنڌي ۽ سرائڪي بيت ۽ ڪافيون ملن ٿيون، جن کي جماعت سڳوريءَ جا راڳي وڏي شوق، عقيدت ۽ احترام سان ڳائيندا آهن. سندس ڪلام ۾ جيڪا روحانيت ۽ مرشد سان محبت سمايل آهي، اُها اُتم درجي جي آهي.

سنڌي ادب جي مختلف تذڪرن خواهه سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي چونڊ ڪلام تي مشتمل شايع ٿيل مجموعن ۾ فقير سليمان شاهه بودلائيءَ جو تفصيلي احوال ۽ ڪلام خير ڪي ملي ٿو. البت، چند اهڙن

ڪتابن، جهڙوڪ: ”سڪ جي سوغات“ (مرتب: رام پنجواڻي)، ”سپ رنگ“ (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، ”ڪافيون“ جلد پهريون (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) ۽ ”راز و نياز“ (مرتب: مير محمّد خان ”نياز“ ٽالپر) ۾ فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ جي زندگيءَ بابت ہ چار سِٽُون ۽ سراري طرح پنج ڇهہ ڪافيون ملن ٿيون. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ”ڪافيون“ جلد پهرئين ۾ فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ جي ڪافين جي تعداد جي باري ۾ لکي ٿو تہ، ”سندس 43 کن ڪافيون مختلف بياضن ۾ نظر مان گذريون.“ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي انهيءَ مٿئين راءِ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪيس پنهنجيءَ تحقيق دوران فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ جي وڌيڪ ڪلام بابت مزيد ڏَسُ پتو معلوم ٿي نہ سگهيو هو.

موجوده وقت ۾ فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ کي وفات ڪئي 117 ورهيہ گذري چڪا آهن ۽ سندس صحبت ۽ ڪچهري وارا مرد ۽ عقيدت مند فقير هن وقت باقي نہ رهيا آهن. ساڳئي وقت، اهو خاطريءَ سان چئي نہ ٿو سگهجي تہ سندس ڪلام مڪمل طرح ڪنهن بياض ۾ لکيو ويو يا نہ! جيڪڏهن لکيو ويو تہ پوءِ اُهو هن وقت تائين محفوظ رهي نہ سگهيو آهي. بهرحال، هِهڙي قحط الرجال واري دؤر ۾ اسان جي عزيز دوست، پروفيسر شمشاد احمد سومري مختلف بياض ڦلهوري، جماعت سگوريءَ جي خليفن خواهہ وڏيءَ ڄمار وارن سڄاڻ فقيرن سان ڪچهريون ۽ راڳي فقيرن سان معرڪا ڪري، فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ جون 117 ڪافيون ۽ متفرق ڪلام هٿ ڪيو آهي، جنهن کي ڇَنڊي ڦُوڪي ۽ سُوڌي سَنواري، هيءُ گلدستو تيار ڪيو ويو آهي. فقير سائنءَ جو ايتري تعداد ۾ ڪلام هٿ اچڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ آهي.

اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، جو سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن مان پنهنجي دؤر جي هڪ اهم ۽ مُعتبر شاعر جي سوانح حيات ۽ ڪلام وڏيءَ تحقيق سان پهريون دفعو جامع نموني ۾ مرتب ٿي، هن اداري طرفان شايع ٿي رهيو آهي. اميد تہ اسان جو هيءُ پيار جو پورهيو قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو.

ساهني لائبريري،
رضا هائوس، نواب شاهہ سنڌ.
15 فيبروري 2013ع
(ضلع نواب شاهہ/ شهيد بينظير آباد جي
سؤ ساله جشن جو افتتاحي ڏهاڙو)

خادم العلم،
بشير احمد هيسباڻي

اندر توسان اوريان!

(پيش لفظ)

راقم جڏهن ”نوشهري فيروز ضلعي جي تاريخ“ (ساهتيءَ جي تاريخ) تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته ان مواد جي حوالي سان هڪ چيپٽر هو: ”ساهتيءَ جا صوفي شاعر ۽ درويش.“ ”ساهتيءَ“ جي انهن سرموڙ صوفي شاعرن ۾ شاهه نصير نوشهرائي، فقير سليمان شاهه لڪياري، سيد مهدي شاهه جهانيان پوٽو علي گوهر شاهه منياٽوي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. مٿين شاعرن ۽ صوفي درويشن مان سواءِ سائين سليمان شاهه جي، ڪوجنا ڪندي سندن سوانح حيات ۽ شاعري ملي ٿي. پر، فقير سليمان شاهه متعلق فقط ٻه چار سٽون ۽ سندس ٻه چار ڪافيون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ”ڪافيون“ - جلد پهريون ۽ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ جي ڪتاب ”نواب شاهه ضلعو: تاريخي شهر ۽ شخصيتون“ جي ذريعي مليون. اڳتي هلي، ڇپيل ڪتاب اُٿلائڻ پُٿلائڻ شروع ڪيم. جن مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”سڀ رنگ“ ۽ مير محمد خان ”نياز“ ٽالپر جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”راز و نياز“ ۾ ٻه سائين سليمان شاهه جون ڪجهه ڪافيون نظر آيون.

سائين سليمان شاهه جي ڪلام جي هيئت، فني پختگي، سلاست ۽ بلاغت کي ڏسي ويتر شوق ۾ اضافو ٿيو ته اهڙي بلند پايي جي شاعر جو ڪلام هٿ ڪرڻ کپي. ان سلسلي ۾، پنهنجي جاکوڙ ۽ جستجو جاري رکيم. سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي دوستن کي ووڙ ڏيڻ شروع ڪيم.

گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج، نواب شاهه ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار ۽ پنهنجي پياري دوست، پروفيسر محمود ڏاهريءَ سان رابطو ڪيم. هُن ٻڌايو ته مون ايم. فل. لاءِ سائين سليمان شاهه جي ڪلام وارو موضوع ڪنيو پئي، پر مناسب مواد نه ملڻ جي ڪري اهو موضوع ڇڏي، ٻيو موضوع ڪنيو اٿم. ان دوران، ڪمال فقير ڏاهري (جنهن جو ڏاڏو محمد علي ڏاهري، سائين سليمان شاهه جو طالب هو) ۽ پنهنجي والد، فقير حبيب الله ڏاهري (ويٺل ڳوٺ ڪارجاڻي، تعلقو دولت پور، ضلعو نواب شاهه)، جن ٻنهي کي سائين سليمان شاهه جو ڪافي ڪلام ياد آهي، تن کان اهو ٻُڌي، پاڻ وٽ ڊائري ۾ لکيو هُئم. اُهو سمورو موادُ فوٽو ڪاپي ڪرائي، اوهان ڏانهن موڪليان ٿو. اهڙيءَ طرح، پروفيسر محمود ڏاهريءَ جي مهربانيءَ سان 25 کان 30 ڪافيون مليون.

ان بعد، سائين سليمان شاهه جي خاندان جي فرد، سائين فقير مولوي حسين شاهه صوفاڻي لڪياريءَ سان ان سلسلي ۾ ڪچهري ٿي. پاڻ ٻڌايائين ته مون کي ٻه 1970ع واري ڏهاڪي ۾ سائين سليمان شاهه جو ڪلام گڏ ڪرڻ جو شوق ٿيو. مون انهيءَ سلسلي ۾، روزنامه ”مهراڻ“ اخبار ۾ خبر ڏني. جنهن بعد، پني عاقل جي فقيرن کان ڪجهه ڪلام پوسٽ ذريعي مليو ۽ ٻيو ڪلام ٻين هنڌن تان گڏ ڪري، هڪ نوٽ بوڪ تي لکيو هئم. جاچ جوچ ڪري، اها ڪاپي اوهان جي حوالي ڪندس. صوفاڻي سائينءَ سان مسلسل رابطو رهيو. پاڻ قرب ڪري اها ڪاپي ڏنائون، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 35 _ 30 ڪافيون لکيل آهن.

انهيءَ وچ ۾ ڪافي دوستن سان رابطو جاري هو ته ڏهرڪيءَ مان پياري دوست پروفيسر محمد پنهل ڏهر جي فون آئي. هن صاحب ٻڌايو ته پروفيسر محمد فاضل شيخ جڏهن ”ڪلامِ اصغر“ (سائين علي گوهر شاهه ”اصغر“ - بنگلي ڏيٺي) تي ڪم پئي ڪيو ته ٻئي ڪلام سان گڏ، وٽس هڪ بياض (1200 – 1000 صفحن تي مشتمل هو) فوٽو ڪاپيءَ جي صورت ۾ موجود هو. جنهن جو اصل درگاهه شريف، پير ڳوٺ جي لائبريريءَ ۾ آهي. انهيءَ بياض ۾ درگاهه سان واسطو رکندڙ ڪيترن شاعرن جو ڪلام ڏنل آهي، جن ۾ سائين سليمان شاهه جو ڪلام پڻ آهي. مون ان بياض جي فوٽو ڪاپي ڪرائي هئي. آءٌ ان مواد مان سائين سليمان شاهه جو ڪلام الڳ ڪري، ان جي فوٽو ڪاپي ڪرائي اوهان ڏانهن موڪليندس. اهڙيءَ ڇاڻ بعد، پروفيسر ڏهر صاحب وٽان ٽيهن جي لڳ ڀڳ ڪافيون پهتيون.

اهڙيءَ طرح، ڪلام جي ڇپائي جو ڪم شروع ڪيو ويو. سائين حسين شاهہ صوفاڻيءَ واري بياض کي بنياد بنائي، ان سان پروفيسر محمود ڏاهري ۽ درگاهہ شريف واري بياض جي ڇپائي شروع ڪئي وئي ۽ ان بعد ڪلام جو اُتارو شروع ڪيو ويو. ڪلام تي ڇپائي جو ڪم جاري هو جو سائين سليمان شاهہ جي پياري طالب، مياںداد فقير لغاريءَ جي طالب، بهادر فقير لغاريءَ جي خاندان جي فردن - عرض محمد لغاريءَ ۽ بهادر فقير لغاريءَ جي گاديءَ تي ويٺل فقير شير محمد لغاريءَ سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي ۽ بعد ۾ درگاهہ بهادر فقير لغاري (ڳوٺ ڪامل لغاري، نزد شهدادپور) وڃڻ ٿيو. اتي فقير شير محمد لغاريءَ سان سائين سليمان شاهہ ۽ سندس ڪلام سان گڏ، بهادر فقير جي سوانح حيات متعلق پڻ تفصيلي ڪچهري ٿي، جيڪا ٻہ ٽي ڪلاڪ هلي. ان بعد، شهدادپور واسي فقير ڪلياڻ داس (هن جي ماءُ بهادر فقير جي طالبياڻي هئي ۽ ڪيس سائين سليمان شاهہ جو ڪيترو ڪلام ياد هو) کي گهرايو ويو ۽ کانئس فقير سليمان شاهہ جي ڪلام متعلق پڇيو ويو. ديوان صاحب ٻڌايو تہ مون وٽ سائين سليمان شاهہ جو ڪجهہ ڪلام آهي، جيڪو آءٌ جلد پروفيسر صاحب کي ڏياري موڪليندس. ڪجهہ وقت بعد، هن ڇهہ ست ڪافيون ڏياري موڪليون.

انهيءَ وچ ۾، پنهنجي محسن ۽ حُر هسٽاريڪل سوسائٽي، سانگهڙ جي چيئرمين، محترم مير محمد نظاماڻيءَ سان ان سلسلي ۾ رابطو ٿيو. هن صاحب چيو تہ توهان ٻہ ٽي ڏينهن ڪڏي سانگهڙ اچو تہ آءٌ توهان کي جماعت جي راڳي فقيرن وٽ وٺي هلندس، جن کي سائين سليمان شاهہ جو ڪيترو ئي ڪلام ياد آهي. ڪجهہ ڏينهن بعد، آءٌ مير محمد صاحب وٽ سانگهڙ وڃي پهتس، جنهن مون کي ’گڙنگ بنگلي‘ ڀرسان رهندڙ فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي، نوجوان راڳي فقير ڪاشف نظاماڻي، جهول ڀرسان رهندڙ فقير محمد عالم شر، کڏڙي جي رهواسي فقير سوڍي ملاح، ناري جي رهواسي فقير صابو مُلي، اچڙي ٿر جي ڪُنيري ڳوٺ جي چنيسر فقير خاصخيلي ۽ مور هڏي ڀِٽَ جي فقير غلام سرور ابڙي سان ڌار ڌار ملاقات ۽ رهاڻ ڪرائي، جن کان فقير سليمان شاهہ جو ڪلام ٻڌوسين. مون وٽ جيڪو ڪلام نہ هو اهو ٽيپ ڪيم ۽ ڊائريءَ تي نوٽ بہ ڪيو ويو. مون کي اتان تقريباً اٺ ڏهہ نيون ڪافيون مليون. انهن راڳي فقيرن وٽان ٻارنهن بيت (ٻارنهن ڏينهن جا) پڻ مليا. بقول چنيسر فقير جي، تہ سائين سليمان

شاهه ٽيهن ڏينهن جا بيت چيا هئا، جيڪي سنڌس استاد، ڏٽي بخش خاصخيلي مرحوم کي ياد هئا ۽ هن وقت هنن فقيرن کي صرف ٻارنهن ڏينهن جا بيت ياد آهن.

سائين سليمان شاهه جي پياري طالب، ميانداد فقير لغاريءَ جي ٻارهي جي موقعي جي مناسبت سان ٦ شعبان المعظم تي سنڌس خانقاهه تي وڃڻ ٿيو. هتي فقير جي روضي تي حاضري ڀرڻ کان پوءِ، اها رات فقير جي خانقاهه تي گذاري، جتي راڳي فقير عبدالغفور ڪٽپر (عمر 70 سال) ۽ راڳي فقير محمد عمر ڪٽپر (عمر 54 سال، ويٺل ڳوٺ "فقير محمد بخش ڪٽپر"، لڳ "ڪوٽ مير محمد خان"، تعلقو ڪنگري) کان فقير سليمان شاهه جون ڪافيون ٻڌم، جن مان ٻه ٽي نيون ڪافيون مليون، جيڪي پڻ نوٽ ڪيون ويون. صبح جو سنگت سان درگاهه شريف "پير ڳوٺ" جي حاضري نصيب ٿي، جتي درگاهه شريف جي لائبريريءَ ۾ وڃڻ ٿيو. لائبريريءَ جي مهتمم، سائين موروجو صاحب سان ملاقات ٿي ۽ کانئس سائين سليمان شاهه جي ڪلام متعلق پڇا ڪيم. هُن گنج شريف (بياض) آڻي ڏنو جنهن ۾ فقير سائينءَ جو ڪلام هو. پروفيسر ڏهر صاحب ان بياض ۾ آيل مواد جي فوٽو ڪاپي اڳ ۾ ڪرائي موڪلي هئي. بهرحال، ان گنج شريف جو مطالعو ۽ ڪلام جي ڀيٽا ڪئي وئي.

ڪجهه ڏينهن بعد، پنهنجي عاقل مان محترم سائين مولوي قربان علي ڪلهوڙي جي فون آئي، جنهن ٻڌايو ته آءٌ ٻن چئن ڏينهن بعد اوهان وٽ فقير سليمان شاهه جي ڪجهه ڪلام سميت حاضر ٿيندس. ٽن ڏينهن بعد، مولوي قربان علي صاحب مون وٽ آيو ۽ هڪ نوٽ بوڪ، جنهن ۾ 35_30 ڪافيون هيون، (هيءُ نوٽ بوڪ فقير يار محمد خاصخيلي، ويٺل ڳوٺ "فقير پير بخش ڳاهو" نارو تعلقو اچڙو ٿر مؤرخه 4 آگسٽ 1988ع جو لکيل هو.) منهنجي حوالي ڪيو. ان کان علاوه، هن استاد محمد علي مهر (ساڪن، پير ڳوٺ) جي هٿ اکر لکيل فقير سليمان شاهه جون ڇهه ست ڪافيون پڻ آنديون.

انهيءَ مٿئين سموري مواد جي اڳ مليل مواد سان ڀيٽا ڪئي وئي. ان بعد، ڪافين جي سٽاءَ لاءِ سنڌ جي بهترين شاعر، پنهنجي محسن ۽ مهربان دوست، سائين "بشير" سيتائيءَ کي عرض ڪيم، جنهن جي ڏنل هدايتن ۽ صلاحن جي روشنيءَ ۾ سموري ڪلام کي فيئر ڪيم.

سائين مشتاق احمد نظاماڻي، ريسرچ آفيسر، روضي ڌڻي چيئر، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس سان ان وچ ۾ رابطو ٿيو جنھن ٻڌايو تہ چيئر ۾ ھڪڙو قلمي بياض پيل آھي. آءُ ٻئي ڏينھن يونيورسٽيءَ ويس ۽ چيئر ۾ رکيل اُن بياض جو ويجھي معائنو ڪيم. بياض کي اٿلائيندي، پٿلائيندي، ان مان سائين سليمان شاھ جون ٻہ نيون ڪافيون مليون، جيڪي پڻ نوٽ ڪيون ويون.

فقير سليمان شاھ جي سوانح حيات جي حوالي سان سندن خاندان جي فردن سيد گلبھار شاھ صوفاڻي، سيد حسين شاھ صوفاڻي، سيد شاھ محمد شاھ لڪياري مرحوم، سيد سبب علي شاھ، فقير سائينءَ جي طالب، محمد علي ڏاھريءَ جي پوٽي ڪمال الدين فقير ۽ سندس مامي غازي فقير ڏاھريءَ کان پڻ تفصيلي انٽرويو ڪيم. فرق جي اڳواڻ، فقير عبدالله "مست" جي پوٽي، سانئلي فقير مھر سان ٻہ چار تفصيلي ڪچھريون ٿيون، جنھن وٽان تمام جھجھي معلومات ملي. ڳوٺ "جعفر وڳڻ" (جتي فقير سائين سليمان شاھ جو مڪان ھو) پڻ ويس ۽ اتي جي وڳڻ دوستن سان ڪچھري ٿي. سائين نور محمد شاھ (گادي نشين، درگاھ فقير سليمان شاھ) جي طالب تڳيل فقير جتوئيءَ (عمر 90 سال) سان سندس رھائش گاھ تي ڦل شھر (تعلقي نوشھري فيروز) ۾ ملاقات ٿي ۽ ان کان ٻہ چار ڪافيون ۽ فقير سائينءَ جي حوالي سان ٻہ چار روايتون مليون.

راقم پنھنجيءَ وت ۽ وس آھر ڪوشش ڪئي آھي. الله تعاليٰ جي مھربانيءَ سان فقير صاحب جون ڪُل 117 ڪافيون، ۽ 21 بيت، ھڪ ٽيھ اکري ۽ خطبا (ھڪ مڪمل ۽ ٻہ نامڪمل) مليا آھن، جيڪي ھن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آھن. اجان بہ ڪوششون جاري آھن. جيئن ٻيو مواد ملندو تہ انشاءَ الله ان کي ٻئي ڇاپي ۾ شايع ڪيو ويندو. ان لاءِ سڀني علم ادب دوستن کي گذارش ڪجي ٿي، تہ جن سڄڻن وٽ فقير سليمان شاھ جو ڪلام موجود ھجي، تہ اُھي مھرباني ڪري راقم کي ڏياري موڪلين، تہ انھن مھربانن جي ٿورن سان شايع ڪنداسين.

آءُ انھن سڀني سڄڻن جو نھايت شڪر گذار ۽ ٿورائتو آھيان، جن ھن علمي پورھيي ۽ تحقيقي ڪم ۾ مون سان ڀرپور تعاون ڪيو ھٿ ونڊايو ۽ قربائتو ساٿ ڏنو. خاص ڪري، سڀني راڳي فقيرن سان گڏ، فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي، فقير مير محمد نظاماڻي، ڪمال فقير ڏاھري، پروفيسر

محمود ڏاهري، سيد حسين شاهہ صوفاڻي، مولوي قربان علي ڪلهوڙي، فقير يار محمد خاصخيلي، پروفيسر محمد پنهل ڏهر، سائين "بشير" سيتائيءَ، رضا لانگاهہ، حسن شاهہ صوفاڻي ۽ ٻين سيني دوستن جو تهدل سان شڪريو بجا آڻيان ٿو.

محترم سانئلي فقير مهر جو پڻ خاص ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي وسيع معلومات مان ڪافي ڳالهيون قلمبند ڪرايون. مون کي فقير صاحب جي هر قدم تي رهنمائي ۽ همت افزائي حاصل رهي.

آءٌ پنهنجي پياري محسن ۽ دوست، محترم بشير احمد هيسباڻي صاحب جو پڻ نهايت شڪرگذار ۽ احسانمند آهيان، جنهن ڪتاب جي مواد جي پروف ريڊنگ، سيٽنگ، گيٽ اپ کان ويندي ڇپائيءَ تائين تمام گهڻي مدد ڪئي. هن ڪتاب جو منظرِ عام تي اچڻ پڻ سندس مرهونِ منت آهي.

30 آڪٽوبر 2011ع
سچل سرمست لائبريري،
مورو سنڌ

پروفيسر شمشاد احمد سومرو
0333_7082655


بين أيديهم وما خلفهم ولا يحيطون بشيء من علمه إلا بما شاء وسع كرسيه
لا اله الا الله
محمد رسول الله

فقير سليمان شاهہ جي مزار


هو الغفور
وفات علي مرحوم
مغفور جنت جايگاه
جناب سيد سليمان
بن رحمن شاه جو
رجب سنه

فقير سليمان شاهہ جي مزار جو ڪتبو



فقير سليمان شاهه جي هٿ اکرين لکيل قرآن پاڪ جا ورق



فقير سليمان شاهه جي مسجد



سيد نور محمد شاهه (اول) ولد سيد سبب علي شاهه (پيو)
(فقير سليمان شاهه جو ڏوهٽوءِ گادي نشين درگاهه فقير سليمان شاهه بودلائي)

فقير سليمان شاهہ بودلائيءَ جي ڪوٺي ۾ ٽي مزارون
ساڄي ڪان سخي شاهہ محمد شاهہ اول (سيد نور محمد شاهہ اول جو سهرو)
سيد نور محمد شاهہ (اول) ۽ فقير سليمان شاهہ بودلائي



٧٨٦
لا اله الا الله محمد رسول الله
مرحوم سيد حاجي نور محمد شاهه بودلائي
ولد سيد سبب علي شاهه
تاريخ وفات ٢٥ محرم الحرام ١٤٠٠ھ
مطابق ١٦- ڊسمبر ١٩٧٩ع
بروز آچر وقت ١٢ بجي
ٻڌن ۾ گهڻن جيئڻ تو سا ڏينهڙا
جڏهن منهنجو تن ڪڏهن راهي رت جا

سيد نور محمد شاهہ (اول) جي مزار جو ڪتبو

اولاد سيد نور محمد شاهه (اول)

سيد خير محمد شاهه
(گادي نشين درگاهه فقير سليمان شاهه بودلائي)

سيد سليمان شاهه (پيو)



سيد يعقوب علي شاهه (پيو)

سيد شاهه محمد شاهه

سيد سبب علي شاهه (ٽيون) ولد سيد خير محمد شاهه
(موجوده گادي نشين درگاهه فقير سليمان شاهه بودلائي)

سيد نور محمد شاهه (پيو) ولد سيد سليمان شاهه (پيو)

فقير سليمان شاهہ جي طالب فقير محمد علي ڏاهريءَ جو فرزند حاجي ڪنڊو فقير ڏاهريءِ سندس اولاد



حاجي ڪنڊو فقير ڏاهري



فقير محمد علي
عرف محمد خان ڏاهري



فقير امام بخش ڏاهري



فقير رحيم بخش ڏاهري



فقير ڪمال الدين ڏاهري



فقير حفيظ الرحمان ڏاهري



فقير منظور علي ڏاهري



فقير خادم حسين ڏاهري

ميانداد فقير لغاريءَ جو ڪوٺو

درگاهه بهادر فقير لغاريءَ جو بيروني منظر

بهادر فقير لغاري ۽ رحيم فقير لغاريءَ جي مزارن جو اندروني ڏيک.
فقير شير محمد لغاري، گادي نشين
درگاهه بهادر فقير دعا گهرندي.



رحيم فقير لغاري



سنت چولارام

مُحبت پائي من ۾....

پروفيسر شمشاد احمد سومرو سنڌي ادب ۾ ”تاريخ ۽ تحقيق“ جي موضوع تي محنت ڪري رهيو آهي. ضلعي نوشهري فيروز جي ڪيترن ئي روحاني شخصيتن تي ڪيل علمي کوجنا، ڪيس قابلِ فخر محقق مڃائڻ لاءِ دليل آهي.

ادب ۾ تخليقي عمل، تخيل جي بلنديءَ ۽ تصور جي پُختگيءَ سان گڏوگڏ، طبيعت جي حساس ۽ موزون ميلان جي آڌار تي به ٿي سگهي ٿو. مگر ”تحقيق“ جو عمل، مشاهداتي سگهه ۽ ناقدانه نظر سان تلاش ۽ وري وري تلاش جي ڪٺن مرحلي کان علاوه ممڪن ئي ڪونهي. پنهنجي ئي رَتَ مان ڏِيو ٻاري، نُورُ نِچوئي، گهڻو ڪجهه ڇَنڊي ڦُوڪي، ٿورو ڪي ظاهر ڪرڻو ٿو پوي.

هڪ ته آڳاٽو بياض، ٻيو ته معلومات جو ماخذ زياده تر سينه بسينه ۽ روايات تي مبني، ته علمي قدرن جي مدِ مقابل ڪيئي مونجهارا اچن ٿا. مگر، بصيرت افروز انسان لاءِ سِڪ جي سچائي، موضوع سان محبت جو پيچُ ۽ شخصيت سان دلي لڳاءُ، دراصل سيني رڪاوٽن جو ترياق آهي. اڻ ٽڪ جذبو آخر رنگ لائي ٿو. مشڪل، مشڪل نه ٿي رهي. مسلسل جاکوڙ جو عمل، عشق جي اميد کي پختو بنائي ٿو ۽ اٽانگن پيچرن جي مسافت آخر منزل ماڻي ٿي ۽ اسان ۽ اوهان جي هٿن ۾ ”ساهتي“ پرڳڻي جي مايه ناز عارف ۽ شاعر، فقير سليمان شاهه بودلائيءَ جو ڪتاب ”ڪيئن ريجهايان توکي“ (بمع سوانح حيات ۽ ڪلام) اچي ٿو جيڪو دراصل اسان جي محترم

دوست پروفيسر شمشاد احمد سومري جي اڻ ٿڪ محنت، پيار لگن، جاکوڙ ۽ جُهد جو ثمر آهي. هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ لاءِ سچ تہ هِن دوست ڏاڍا واهڻ ووڙيا آهن، وڏي محنت ڪئي آهي. مواد سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان پري پري تائين وڃي روبرو مليو آهي. نازڪ اندامي، طبيعت جي ناچاقائي ۽ اخراجات جي پرواهہ نہ ڪيندي، هُن وڏي مسافت طيءِ ڪئي آهي. مواد سان لاڳاپيل ماڻهن سان مسلسل رابطي ۾ رهندو آيو آهي. بياض جا مختلف مسودا هٿ ڪيا آهن ۽ اُهي بہ ڪيئن هٿ ڪيا آهن، تہ انهن جو احساس انهيءَ مرحلي مان گذرندڙ کان علاوه ٻيو ڪو شايد ئي محسوس ڪري سگهي!

هن وقت، ممڪن حد تائين جيڪو بہ مواد هٿ آيو آهي، اُهو هِن پنهنجي ڪشڪول ۾ سمايو آهي ۽ ائين بہ ممڪن آهي تہ اڳتي هلي، اجا بہ ڪجهہ نئون يا نرالو مواد آشڪار ٿئي، تہ ان لاءِ بہ هيءُ نسخو قابلِ ديد ثابت ٿيندو!

موجوده وقت ۾ ممڪن حد تائين حاصل ٿيندڙ مواد کي محقق ٻيٽا جي شفاف نظر ڏري آهي ۽ ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ان کي قطعي شڪل ڏني آهي. جتي بہ ڪا سِٽَ، ڪو ٻَندُ زائد ڄاتو آهي، يا ڪنهن الڳ نوعيت ۾ لکيل پاتو آهي، يا ڪيس ڪا ڦير گهير نظر آئي آهي، تہ قياس گمان جي آڌار تي ا‥ ازي سان ڪاٽيو واڍيو ناهي. مگر، حاشيي ۾ ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون طور ان جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي، تہ جيئن مستقبل جي محقق لاءِ ڪي قدر سفر آسان ٿي سگهي، ڇو تہ تحقيق جو دَرُ ڪڏهن بہ ڪنهن هڪ نقطي تي اچي بند ٿيڻو ناهي. اهو ان لاءِ بہ ضروري آهي، تہ ڪو بالغ نظر سُخن شُناس يا راڳ وديہ جو ماهر فني تسڪين سان گڏوگڏ، روحاني راز کان بہ آشنائي حاصل ڪري سگهي.

منهنجي ذاتي راءِ مطابق، ڪافين ۾ جتي جتي بہ ڪي ٿورا اُترادي ۽ لاڙي لهجا موجود آهن، تہ اُهي انهن علائقن جي فنڪارن طرفان آهن، جتان جتان مواد مُيسر ٿي سگهيو آهي؛ نہ ڪي مواد جي اصلوڪي هيئت ۾ آهن ۽ نہ ئي سمجهڻ گهرجن، ڇو تہ "ساهتي" پرڳڻو عام زبان ۾ بہ "معياري لهجو" اپنائي ٿو، تہ هتان جو شاعر سموريءَ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندڙ زبان تہ استعمال ڪري سگهي ٿو مگر پنهنجي لهجي ۾ ڦيرگهير لسانيات جي فطري اصولن تحت نہ ٿو ڪري سگهي، تہ ان نوعيت جي لهجن کي مواد ميسر ڪندڙ گائڪن ڏانهن سمجهڻ گهرجي، ڇو تہ اهڙا انداز زياده تر محذوف آوازن ۽

سٽن جي آخر ۾ اشباع طور استعمال ٿيندا آهن، جن جو فني سٽاءَ تي اثر نہ پوندو آهي. تاهم، انهن جو اندراج بہ معنوي طور اهم آهي، ورنہ تحقيق جا اهڙا باريڪ بين رُخ قابل محقق لاءِ مقدار جي گهٽتائي جو ڪارڻ بنجن ٿا.

ترتيب و تحقيق جي هن ساري عمل ۾ ڪابہ ذاتي غرض تہ ڪانهي! هيءُ تہ قابل محقق جو پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي علم ادب ۽ پنهنجي مشاهيرن سان دلي لڳاءَ جو قَلُ آهي، جو لڳ ڀڳ هڪ صدي يا ٻہ صديون اڳاٽو علمي ادبي ۽ اَملهہ روحاني سرمايو سهيڙجي ويو ۽ هڪ عارف بالله جي تخيل جي خوشبوءِ، هڪ خوبصورت ڪتاب جي صورت ۾ اسان جي ادبي تاريخ جو مناسب حصو بنجي چڪي. جزاڪ الله! ورنہ، هن بي بها بياض جا اڻ پورا نُسخا ڪن ٿورڙن عقيدت وارن جي ذاتيات ۽ ڪن لوڪ ڪلاسڪ ڳائڻ وارن جي دائري تائين محدود رهن ها ۽ هن طرح سنڌي ادب جي ڦلواريءَ ۾ ڪتابي صورت ماڻي نہ سگهن ها! سائين ضرور سبب ڪري ها! پر، جي اهو ادا شمشاد احمد سومري جي هٿاران ڪرايو ويو آهي، تہ هن لاءِ وڏو فخر آهي ۽ سندس نجات جو سبب بنجي پوي، تہ شڪ نہ آهي.

هڪ عظيم انسان، عارف بالله، عشق و محبت جي پرچارڪ، انسانيت جي گُڻن سان سرشار، سائين سليمان شاهہ بودلائيءَ جي قابلِ رشڪ، عشق جي راهہ تي سفر ڪندڙ سوانح حيات، جا سلوڪ جي مسافر لاءِ وڏي غنيمت مثل آهي ۽ سندس لازوال رندي ڪلام، جو دراصل عارفن ۽ عشاقن لاءِ طريقت جو نصاب آهي، جنهن ۾ وحدت جو درياءُ پنهنجي اوج سان مؤجزن آهي. منجهس هڪ دردوند انسان جي پيڙا، پيار ۽ پاٻوهہ جي پرچار ۽ سچي سڪ سمايل آهي، جا اڄ بہ اُچارڻ سان دل جي دنيا ۾ تحرڪ مچائي ٿي. داستانن جي تمثيل ۾ سندس چيل ڪافيون، سنڌي لوڪ ڪلاسيڪل ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون ۽ سڀ جون سڀ علم موسيقيءَ جي محور تي گردش ڪن ٿيون. منجهن لئہ جي چَسُ ۽ گائڪيءَ جو رَسُ سمايل آهي. بندش جي اعتبار کان ايتريون تہ مضبوط پيرائي ۾ اُڻيل آهن، جو هڪ سفر شناس انسان جي دل کي جهوري جُهومائڻ جو باعث بنجن ٿيون. ڪافين ۾ وراڻيءَ جي نزاڪت ايڏي تہ خوبصورت رَچيل آهي، جو بند جي معنوي حسن کي تہ بلندي مُيسر ٿئي ٿي، مگر فني اعتبار کان بہ شاعر کي پنهنجي دؤر جي شعر و ادب ۾ هڪ نرالو تشخص ملي ٿو. ٻوليءَ جي ڇاپ موضوع

سان ايتري تہ مطابقت رکي ٿي، جيڪا ڪي قدر ٿورڙن ڪافي گو شاعرن کي حاصل آهي.

ههڙو املهہ سرمايو جيڪو گهڻو ٿڌو هڪ اڌ مثال کان سواءِ سنڌي ادب جي قاريءَ کان ڪوهين ڏُور رهيو سو فن ۽ فڪر جا ايڏا تہ پختا ٻَرَ ميچي ٿو جو دل دنگ رهجيو وڃي. سائين سليمان شاهہ بودلائيءَ جون ڪافيون ۽ بيت، جتي دل جي درد، اندر جي اُمنگ، راز و نياز جي صوفياڻي ڍنگ، تمثيل جي روپ ۾ "پنهوارن پچارون"، سڪ وَنديون ساروڻيون، تانگهون ۽ تارون، مارئيءَ ۽ سسئيءَ جي روپ ۾ وحدت الوجود جي الستي آلاپن جو سنگم آهن، اتي فني طور تجنيس حرفي ۽ سلاست جي سِٽاءَ ۾ سوز و گداز جو ورلاپ بہ پيش ڪن ٿيون. ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ بہ، جي آڳاٽن محاورن ۽ متروڪ لفظن جا گل ڀرجن ٿا، سي ضرور لسانيات جي ماهرن جي توجهہ جو مرڪوز بنبا. وڏي ڳالهہ تہ هُو پنهنجي ڪلام ۾ دل جي درد سان جا رقت ۽ روشني ڏئي ٿو، سا روايتي عبادتي قدرن جي نفي ڪري ۽ هُوالڪُل سان هڪ ٿيڻ جو اهڙو تہ انمول ڏَسُ ڏئي ٿي، جنهن سان عشق واري انسان لاءِ حقيقت پسڻ آسان بنجي ٿي.

سائين سليمان شاهہ بودلائيءَ جو سڄو ڪلام اهڙي سرمستيءَ سان ٿُمٽار آهي، جا نہ صرف پڙهندڙ جي دل کي ڇُهڻ جي طاقت رکي ٿي، پر جي قاريءَ جي دل درد جي لذت کان آشنا آهي، تہ ان ۾ اسرار جون سرگوشيون راز و نياز جا پردا چاڪ ڪن ٿيون ۽ سُونهن جي وِرُونهن تي سُلوڪ جو اهڙو مدار قائم ٿئي ٿو جو اڻ ڏٺل ڏيهہَ اکڙين ۾ سمائجڻ جو ڪمال ڪن ٿا ۽ قطري ۾ قلزم جا قرار ڪَرَ موڙن ٿا.

منهنجي دعا آهي تہ اسان جي دوست، پروفيسر شمشاد احمد سومري جو هيءُ اهم ادبي پورهيو تڪميل ماڻي! ڪيس اڃا بہ مزيد علمي، ادبي، روحاني ۽ تحقيقي اڀياس جي سگهہ عطا ٿئي، تہ هيءُ پنهنجي سڄي ساري "ساهتي" پرڳڻي جي ڪلاسيڪل ادب کي نروار ڪري، تہ جيئن اسان جو نسل ۽ اسان جي پويان ايندڙ هرنئين دؤر جو طالب علم نہ صرف پنهنجي مشاهيرن سان شناسا بنجي، مگر انهن جي سچي گفتار ۽ قبول پيل ڪردار کان زندگيءَ جي حقيقي معنيٰ ماڻڻ ۾ بہ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي! (آمين)

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج،
نوشهرو فيروز سنڌ.

پروفيسر "اصغر" پنھي پريائي
03013801678

مهاڳ

ڪنهن نصابي ڪتاب ۾ هڪ انگريزي نظم "The bird" پڙهيو هوم، جنهن ۾ ڪجهه اِن طرح ڄاڻايل هو ته هڪڙو پکي، جو اڃا بيضي ۾ بند هيو سوچڻ لڳو ته هيءَ دنيا هڪ بيضي ۽ اُن ۾ اندر پاٽيٽ جي ٺهيل آهي. جڏهن هُو بيضي مان ڦُٽي ٻاهر نڪتو ۽ آکيري ۾ آيو ته سمجهڻ لڳو ته دنيا ڪکن ۽ تِيلِيُن جي ٺهيل آهي. جڏهن ٿورڙو وڏو ٿيو ۽ آکيري مان نڪري وڻ جي ساين ٽاريُن تي ويهڻ لڳو تڏهن سمجهڻ لڳو ته دنيا ساين ٽارين ۽ ساون پنن جي ٺهيل آهي. ڪجهه ڏينهن پڄاڻان جڏهن ڪيس اُڏامڻ جي سگهه حاصل ٿي، ته هن وڻ ڇڏي ٻاهر پڙڪي ڪاڏي ۽ هن وشال دنيا جي وسعتن ۾ اُڏرڻ لڳو ته حيرت ۾ اچي چوڻ لڳو ته، "دنيا بابت منهنجا سمورا اڳيان خيال غلط هئا. هيءَ دنيا ته الائي ڇا آهي؟" ان نظم کي جڏهن مون ان دؤر ۾ پڙهيو ته جوانيءَ جي جوش، اُمنگ ۽ تَرنگ ۾ اُن جو مفهوم سمجهيو به ڪونه هو. فقط رٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اڄ جڏهن مان زندگيءَ جي سٺ سالن کان تجاوز ڪري چڪو آهيان، ته سوچيان ٿو ته اُن ننڍڙي نظم ۾ ڪيڏي نه معنيٰ خيزي آهي. شاعر، ڪيڏو نه اُن ننڍڙي نظم ۾ اسان جي سوچ لاءِ وڏو سامان مُهيا ڪيو آهي.

انسان جڏهن کان هن دنيا ۾ قدم رکيو آهي، ته اهي سوال ٿي سندس پيڇو ڪري رهيا آهن ته آئون ڪير آهيان، ڪٿان آيو آهيان، ڪهڙي ڪم لاءِ آيو آهيان، ڪيڏانهن وڃڻو اٿم، هيءَ حيات ۽ ڪائنات ڇا آهي؟ صدين کان اُن مُعمي کي حل ڪرڻ لاءِ هُو حيران پريشان ۽ سرگردان آهي. سچل

سرمست اهڙيءَ حيرانگيءَ جو ئي نقشو پنهنجي هڪ اردو غزل جي هن بند ۾ چِٽيو آهي:

کنارہ تھا نہ جس کا تو "سچل" اس بحر میں آیا،
نگوسار اس میں ہر اک طالبِ دیدار دیکھا تھا.

انهيءَ سوچ ۽ ولوڙَ انيڪ نظرين ۽ مذهبن کي جنم ڏنو. انسان جنهن شيءِ کان خوف کاڌو ان کي پنهنجو ديوتا ۽ خدا بڻايو ۽ ائين ئي هُن مٽيءَ، هوا، باهہ، پاڻيءَ، ڪکر، آسماني بجليءَ، سج، چنڊ ۽ ستارن کي پوڄيو ۽ باور ڪيو تہ هُو سندس خوف خطرن کي ٽاري ڇڏيندا، هُن جي ارمانن ۽ خواهشن کي پورو ڪندا. ائين هُو پنهنجي ويساهن ۽ خام خياليءَ جي سَرابُن ۾ صدين کان ڀٽڪندو رهيو ۽ پنهنجي ئي انساني نفسيات جي تابع پنهنجي خود ساختہ خدائن ۽ ديوتائن کي راضي رکڻ لاءِ پاڻ تي پنهنجا ئي خود ساختہ فرائض عائد ڪيا ۽ انهن فرضن کي بجا آڻڻ، پوڄا پاٺ ڪرڻ، ورد وظيفا ۽ منتر اُچارڻ جا طور طريقا گهڙي ورتا. اهڙيءَ ريت، دنيا جي هر هڪ خطي ۾ انيڪ مذهبن جو ڄارُ اُڻجي ويو. انهن مذهبن جي منين، رشين ۽ اوتارن ۾ اضافو ٿيو. هيڏانهن نبين ۽ رسولن وري الهامي ڪتابن سان مذهب آندا. توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن ڀٽاندر انسان ذات کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي؛ ميٺ محبت، امن اخوت، انصاف ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو. پر، ٿيو ائين، جو ڪِڇل عرصي گذرڻ بعد، هر مذهب ۽ دين ڏرم ۾ فرقا ۽ گروهہ پيدا ٿي پيا. انهن جي پوئلڳن دنياوي مفادن ۽ ذاتي حرص هوس کي مُقدم رکي، مذهب جي اصليت ۽ وحدت کي پاش پاش ڪري ڇڏيو. هڪ هڪ مذهب ۾ ڪيترين الڳ شاخون پيدا ٿيون. مذهب اسلام ۾ بہ شيعا سني، وهابي اهل حديث، بريلوي ديوبندي، الائي تہ ڇا ڇا ٿي ويو ۽ ماڻهن ۾ عقيدن جي آڌار تي خليجون پيدا ڪرائي، ڪين ويڙهايو ويو. پنهنجي پنهنجي اختراع سان نت نيون تاويلون ۽ تشريحون ڪري، سِڌَن سادن مسلمانن جو دماغ ڦيرائي، پاڻ کي پاڻ سان ويڙهايو ويو. هڪ گهر کي ٻئي گهر جو دشمن بڻايو ويو ۽ نئين ڏينهن نت نئون خونريزيءَ جو عالم برپا ڪيو ويو. تنگدليءَ ۽ تعصب جي بازار گرم ڪري، پنهنجي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪئي وئي ۽ هڪ عام ماڻهوءَ لاءِ اهو سمجهڻ دشوار ٿي ويو تہ حق ڪهڙي پاسي آهي. "حافظ" شيرازيءَ اهڙي ئي ماحول کي چِٽيندي رڙ ڪري چيو هو:

جنگ هفتاودو و ملت همه را عذر بنه،
چون ندیدند حقیقت ره افسانه زدند.

[ٻاهتر فرقن جي اختلافي جنگ کي معذور سمجهه ڇو ته انهن حقيقت ڏٺي ئي ڪانهي، فقط ڪهاڻيون گهڙي ورتيون آهن.]

جڏهن هر عقيدي جا اجاره داران هٿ ڌرميءَ تي لهي آيا، ته وٽن جيڪو عقيدو آهي، اهو ئي صحيح ۽ حرفِ آخر آهي ۽ باقي عقيدا رکندڙ باطل ۽ گمراهه، ڪوڙا ڪافر ۽ دوزخي آهن، ته پوري معاشري جو شيرازو ٽُٽڻ لڳو ۽ پوءِ تاريخ گواهه آهي ته دنيا ۾ مذهبن جي آڙ ۾ انسان ذات جو جيڪو بي پناهه خونِ ناحق وهيو ان جو ڪاٿو ڪرڻ مشڪل آهي. ايتري تباهي ۽ بربادي ته ٻين شين، جهڙوڪ: بُکن، بيمارين، ٻوڏن، زلزلن ۽ ٻين قدرتي آفتن سان به نه ٿي. اهو سڀ مذهبي انتهاپسندي ۽ تعصب پرستيءَ جو نتيجو هيو ۽ اجان به آهي.

ان پاره پاره ٿيل معاشري کي يڪجاءِ ڪرڻ لاءِ تصوف جي هڪ ڪوشش هئي ته نظرياتي ڇڪتاڻ گهٽائي، انسان ذات ۾ سهپ، رواداري ۽ باهمي احترام جي فضا قائم ڪري ۽ صوفي صُلح ڪل جو نعرو کڻي آيو. هن جي تصوف ۾ خدا جو شخصي تصور نه رهيو بلڪ هُو ڪل مطلق هو ۽ لامحدود!! هن ڪائنات ۽ ان ۾ نظر ايندڙ ۽ نظر نه ايندڙ هر شيءِ کي ان جو پرتو تصور ڪيو. ڪنهن به شيءِ جو الڳ وجود تصور ڪرڻ تصوف جي منافي هيو. فطرت جا سڀ مظاهر خدائي صفت جا حامل قرار ڏنا ويا. صوفي جٿي ڪٿي هر شيءِ ۾ ان جو جلوو ڏسي رهيو هو ۽ ان جي هر لقاءَ کي ڏسڻ، گهرو وڃڻ، هن جو شعار هيو. مسلسل جستجوءِ جلوي پسڻ جي عمل کي به هُن عشق جو عمل قرار ڏنو. جيئن هڪ فارسي شاعر، "مسلمي" شيرازي چئي ڏنو ته:

استاد کائنات که این کارخانه ساخت،
مقصود عشق بود، جهان را بهانه ساخت.
("مسلمی" شیرازی)

[ڪائنات جي استاد (خدا) جنهن هيءُ ڪارخانو ٺاهيو ان جو مقصد فقط عشق کي تخليق ڪرڻو هيو جهان جو ته فقط بهانو ٺاهيائين.]

صوفي عشق کي عبادت جو محور ۽ مُنبع بڻايو. هن لاءِ فقط ۽ فقط عشق ئي عبادت جو ٻيو نالو هيو. هُن عشق کي دنيا جي هر شيءِ کان بالاتر سمجهيو. ڪائنات جي هر شيءِ مان سُونهن تلاش ڪئي. جڏهن هر شيءِ خالق جو جزو قرار ڏني وئي، ته هن دنياوي محبوب ۾ به، ان جو جلوو ڏسڻ جي

ڪوشش ڪئي ۽ مجاز کي حقيقت جي ڏاڪڻ سمجهيو. هُن لاءِ مذهبن ۾ به وحدت نظر آئي ته ڪفر ۽ اسلام ۾ به، ڪعبي ۽ بُتخاني ۾ به!! ايتري تائين، جو هن شريعت جي ظاهري احڪامات ۽ فروعي لوازمات جي پرواهه به نه ڪئي، ڇو ته سندس محبوب جو جلوو هر پاسي نظر پئي آيو. بقول "حافظ" شيرازي:

در عشق خانقاه و خرابات شرط نیست،
هر جاکه هست پرتوی روئے حبیب است.

[عشق ۾ خانقاه ۽ ميخاني جو شرط رکيل ئي ڪونهي. هر جاءِ تي محبوب جي چهري جو عڪس آهي.]

کفر و دین مُتحد بوحدت است،
سخنی هر دو لب یکی باشد.
(سرخوش)

[ڪفر ۽ دين ٻئي هڪ جي هيڪڙائيءَ سان ڳنڍيل آهن. سخن (ڳالهه ٻولهه) هميشه ٻن چپن جي ميلاپ سان ٿيندو آهي.]

از مسجد و میخانه وز کعبه و بتخانه،
مقصود خدا عشق است باقی همه افسانه.
("قاسم" تبریزی)

[مسجد هجي يا ميخانو ڪعبو هجي يا بتخانو. مقصد فقط خدا جو عشق آهي، باقي سڄو افسانو آهي.]

صوفيءَ جي نظر ۾ ڪنهن به جاءِ تي وڃڻ سان ڪو فرق نه هيو. جيڪڏهن عشق پنهنجي سچي محبوب سان آهي ۽ ان جي ئي تارَ تَنَ ۾ آهي ته مسجد يا ميخاني ۾ وڃڻ، ڪعبي يا بتخاني ۾ وڃڻ سان ماڻهوءَ تي ڪوبه فرق نه ٿو پوي، ڇو ته:

بسیر کعبه و دیریم گاه اینجا و گاه آنجا،
که مطلب جستجوی اوست خواه اینجا و خواه آنجا.
(محمد سعید "اشرف")

[هتي ڪعبي جو سير ڪرڻ، هُتي بتخاني جو سير ڪرڻ ٿا وڃون. ٻنهي ڳالهين مان اسان جو مطلب آهي هُن محبوب جي جستجو! اها چاهي هِتي ڪيون، چاهي هُتي، ڪو فرق نه ٿو پوي.]

مقصود من از کعبه و بتخانه توئی،
مقصود توئی کعبه و بتخانه بهانه.
("خیال" بخاری)

[اي محبوب! منهنجو ڪعبي ڏانهن وڃڻ يا بتخاني ۾ وڃڻ جو مقصد ئي تون آهين. آئون تنهنجي تلاش ۾ ويجان ٿو ڪعبو ۽ بتخانو ظاهري طور مون لاءِ رڳو بهانو آهي.]

چو تہ صوفي فقط پاڻ کي عشق جو غلام تصور ڪري ٿو. عشق جو هن لاءِ پنهنجي حقيقي محبوب جي جستجو جو هٿيار آهي. ان ڪري، هن جو ڪنهن شيخ ۽ برهمڻ سان بہ تعلق ڪونهي. جيئن هيٺ شاعر چوي ٿو:

ما بنده عشقیم و مبرا ز مذاهب،
با شیخ و برهمن سر پیکار نداریم.
("سودا")

[اسين عشق جا بندا آهيون ۽ مڙني مذهبن کان آزاد. اسان جو ڪنهن بہ شيخ ۽ برهمڻ سان جهڳڙو ڪونهي.]

اهڙي ساڳي ڳالهہ مولانا روميءَ جي فرزند، سلطان ولد بہ واضح لفظن ۾ هن ريت بيان ڪئي آهي:

از کفر گذشتیم و از اسلام بکلی،
امروز نہ در بند خطائیم و ثوابیم.
(سلطان ولد)

[اسين ڪفر مان بہ گذري ويا آهيون تہ اسلام مان بہ ڪُليءَ طرح پار ٿي ويا آهيون. اسين هاڻي ثواب ۽ گناهہ جي حد بندين ۾ آهيون ئي ڪونہ!]

پیش ما سوختگان مسجد و میخانہ یکیست،
حرم و دیر یکی، سبح و پیمانہ یکیست.

[اسان سڙيل دل عاشقن لاءِ مسجد ۽ ميخانو هڪ آهي. حرم ۽ بتخانو بہ هڪ آهي، تہ تسبيح ۽ پيالو بہ هڪ شيءِ آهي.]

چو تہ جنهن پنهنجي وجود تان ئي هٿ کنيو آهي، ان لاءِ نہ گناهہ ثواب جو ڪو فلسفو معنيٰ رکي ٿو نہ ڪنهن عبادت جي فارملٽي! هن تہ پنهنجو پاڻ محبوب تان نڇاور ڪري ڇڏيو آهي ۽ هلڪو ٿيو پيو هلي. هو تہ عاشق آهي، مجذوب آهي، مدهوش ۽ مخمور آهي، عقل ۽ خرد کان آجو آهي. هر دنياوي شيءِ کان هن لڳ لاڳاپو ٽوڙي ڇڏيو آهي. هن تہ خدا سان بہ تون ۽ مان جو سڄو فرق ختم ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ هي مذهبي ظاهرداريون ڪهڙي معنيٰ رکن ٿيون، جنهن پنهنجي من ۾ ئي محبوب جو مسڪن بڻائي ڇڏيو آهي. بقول شاعر:

نماز جاہلان سجده و سجود است،
نماز عاشقان ترک وجود است.

[جاهلن جي نماز سجدو ۽ سجود آهي. جڏهن تہ عاشقن جي نماز پنهنجي هستيءَ تان ئي هٿ کڻڻ آهي.]

هر صوفي عشق کي ئي هر شيءِ کان اُتم سمجهي ٿو پنهنجي محبوب جي معرفت ۽ ميلاپ جو ذريعو بڻائي ٿو. ان ڪري، سندس ڪلام ۾ عشق ئي عشق جون تنوارون آهن. هو عقل (Reason) جو ٻه قائل ناهي، ڇو ته هن جي سموري ڳالهه دل سان وابسته آهي، جيڪا دماغ سان لاڳاپيل ناهي. هو پنهنجي روحاني هستيءَ ۾ آزاد بندو آهي، مخمور آهي ۽ مدهوش! هو عقل کي بي پهچ، واٽڙو گمراهه ۽ منزل کان ڀٽڪائيندڙ تصور ڪري ٿو. هن کي پنهنجي منزل تي پڄائڻ وارو عشق آهي، جو سندس ساٿي ٻه آهي ته رهبر ۽ امام ٻه آهي:

من بنده آزادم عشق است امام من،
عشق است امام من، عقل است غلام من.
هنگامۀ این محفل از گردش جام من،
این کوکب شام من، این ماه تمام من.
این عالم رنگ و بو، این صحبت ما تاچند،
مرگ است دوام تو، عشق است دوام من.
(اقبال)

[مان آزاد بندو آهيان، عشق منهنجو امام آهي. ها! عشق منهنجو امام آهي، عقل منهنجو غلام آهي. هن محفل جو شور شرابو منهنجي ئي پيالي جي گردش جي ڪري آهي ۽ شام جو ستارو منهنجو آهي. هي مڪمل چنڊ ٻه منهنجو آهي، هي رنگ ۽ خوشبو جو جهان، هي صحبت ڪيستائين. موت تنهنجي دائميت آهي ۽ عشق منهنجي دائميت آهي.]

صوفين ۽ عارفن وٽ خالق ۽ مخلوق ۾ ڪا وڇوٽي ڪانه رهي، ته پوءِ خالق کان ڌڄي عبادت ڪرڻ وارو تصور ٻه نه رهيو. سندن بي لوث محبت ۽ اُجري عشق ۾ ڪنهن لوڀ لالچ جو عنصر نه رهيو. هنن شرعي احڪامات ۽ فروعي لوازمات جو ٻه ذري پر خيال نه ڪيو. هيڏانهن مذهبي رسومات ۽ عبادات کان عارفن ۽ صوفين جو انحراف مذهبي پيشوائن کي نه آئڙيو ته کين ملحد، ڪافر ۽ زنديق قرار ڏنو ڪيئي فتوائون صادر ڪيون، عقوبتون ڪيون، روحاني ۽ جسماني اذيتون ڏنيون ۽ ڪيترن کي موت جي گهاٽ اُتاريو ويو. مگر، انهن ذري جي پرواهه نه ڪئي. ’اناالحق‘ ۽ ’من خدايم‘ جهڙن نعرن جي گونج ۾ سُورين صليبن کي ڳلي لڳايو. قتل گاهن کي پنهنجي رَتَ سان رنگين بڻايو ۽ پنهنجي جان جي نذرانن سان پنهنجي يار سان هر پيري پنهنجي اقرار کي پاڙيو ۽ عشق جو ڳاٽ اوچو رکيو. ائين ئي تصوف هڪ انساني رويي جو روپ ورتو جنهن ۾ ڪنهن ظاهر پرست مُلا،

پنڊت يا پادريءَ جي عمل دخل جي پرواهه نه ڪئي وئي. گناهه ثواب جي تصور کي بالائي طاق رکي ڇڏيو. ڪائنات جي ذري ذري ۾ پنهنجي جانان جو جلوو پسڻ هن جو شعار بڻجي ويو. هر جاءِ، هر هنڌ پرينءَ جو پاڇو ڏسندي، بلڪ پنهنجو پاڻ ۾ به اهو ئي محبوب پسندي، هو مستيءَ ۽ محويت واري ڪيفيت ۾ گم رهيو ۽ ظاهرداريون نڀائي نه سگهيو. هيءُ سمورو حساب ڪتاب باطني هيو جيڪو هڪ ظاهر پرست ديندار کي سمجهه ۾ اچڻو ئي نه هيو. متعصب مذهب پرستن جيترو صوفين سان بُرو ورتاءُ ڪيو اوترو ئي صوفي سالڪن پنهنجي قول ۽ فعل ذريعي شديد ردِ عمل ڏيکاريو جنهن سان تاريخ جا باب ڀريا پيا آهن. هتي اهو سڀ ڪجهه ڇاٽائڻ طوالت جو سبب بڻبو.

صوفي پنهنجو هيءُ سمورو باطني ڪار وهنوار ۽ روحاني تجربو پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي اظهار ڪري رهيا هئا، ڇو ته هُو جن تجربن، مشاهدن ۽ ڪيفيتن مان گذري رهيا هئا، انهن جو برملا اظهار ته فقط شاعريءَ جي ذريعي ئي ڪري ٿي سگهيا. ان لاءِ انهن کي 'ڪافيءَ' جي شعري صنف، جا ان وقت رائج هئي، ۾ پنهنجي داخلي ڪيفيتن، روحاني رازن ۽ رمزن کي مناسب الفاظ ملي ٿي سگهيا. هر ملڪ ۽ خطي جي صوفين جو وڏو انگ 'شاعر' آهي، جن ڪٿي پنهنجي نظريي کي پوري جذبي ۽ مستيءَ سان سڌو سنئون، ته ڪٿي سماج ۾ اڳئي موجود عشقيه ڪهاڻين، قصن ۽ ڪردارن، جهڙوڪ: ليليٰ مجنون، وامق عذرا، شيرين فرهاد، سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ ٻين اهڙن داستانن جو سهارو ورتو آهي، جن کي ڍال بڻائي، هنن پنهنجي روحاني رمزن، مشاهدن ۽ باطني تجربن کي انيڪ معنائون ڏنيون آهن. هنن جي جذبي، مستيءَ، محويت جي عالم ۾ اظهاريل ڳالهين عام ماڻهن تي گهرو اثر ڇڏيو ۽ انهن جي انسان دوست ۽ امن پسند نعري 'با مسلمان الله الله، با برهمن رام رام' ڪوڙ دليون جِيتي ورتيون. اهو ئي سبب هيو جو عام ماڻهو تصوف کي عدم تشدد، رواداري، انسان دوست، سهپ ۽ هڪٻئي جي احترام وارو نظريو سمجهي هِئين سان هنڊايو ۽ اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ اڄ به ڪليل ذهن (Secular) صلح جُو (Non_Violent) آهي ۽ سهپ ۽ رواداريءَ واري پاليسيءَ تي عمل پيرا آهي. منجهس مذهبي ڪٽرپڻو پنهنجا پير پختا ڪري نه سگهيو آهي ۽ اڄ ڀٽائيءَ جو هيءُ امن ۽ اهنسا وارو عالم دوست پيغام سڄيءَ دنيا ڏانهن وڃي رهيو آهي:

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سنڌ جي سموري آڳاٽي شاعري تصوف جي گونج سان ڀري پئي آهي. اسان جي پراڻي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو موضوع ئي تصوف رهيو آهي، جنهن جا اثرات هيڪڙ ٻيڪڙ اسان جي جديد شاعريءَ ۾ به موجود آهن. سنڌ صوفين جي سرزمين آهي ۽ تصوف جو آماجگاهه رهي آهي. سنڌ جي صوفين جي نظريي جو ڦهلاءُ 'ڪافيءَ' ذريعي ٿيو آهي. هيءَ سنڌ جي اها شعري صنف آهي، جيڪا سنڌ جي 'وائيءَ' جي صنف مان ڦُٽل آهي. بلڪ محققن جو چوڻ آهي، ته 'ڪافي' ۽ 'وائي' هڪ ئي صنف آهي. ان صنف کي لاڙ ۾ 'وائي'، ته اتر سنڌ ۾ 'ڪافيءَ' جي نالي سان متعارف ڪرايو ويو آهي. وائي ۽ ڪافيءَ جي هيئت ۾ هڪجهڙائي آهي. اڳتي هلي، ڪافيءَ جي گهاڙيٽي ۽ جڙاءَ ۾ ڳائڻ واري حساب سان قافيي ۽ رديف رکڻ ۾ مناسب تبديلي آڻي، ان جي مصراعن ۽ انترن ۾ ڪن سِٽُن جو اضافو ڪري، وڌيڪ خوبصورتي پيدا ڪئي وئي. سنڌ جي اها صنف صدين کان مقبول ترين صنف پئي رهي آهي، جيڪا اوطاقن ۽ اوتارن ۾ ڳائي ويندي آهي. 'ڪافي' اها Media آهي، جنهن کي سنڌ جي صوفين پنهنجي نظريي جي ڦهلاءَ جو اهم ذريعو بڻايو ۽ تصوف جي بازگشت سنڌ جي ادب ۾ ايران کان آئي، ڇو ته سنڌ جا ايران سان عهدِ قديم کان ئي گهرا ۽ گهاٽا رشتا هئا. هند سنڌ ۾ به ايران وانگر شاعريءَ ذريعي تصوف اڳتي وڌيو آهي. 'ڪافيءَ' جي صنف جو سنڌ ۾ عمل دخل به پراڻو نظر اچي ٿو. 'ڪافيءَ' جو تجرباتي دؤر، ارغون دؤر جي شروعات آهي ۽ عروج جو دؤر ڪلهوڙا پيرڊ آهي. ان کان پوءِ، 'ڪافي' پنهنجي مڪمل خوبصورتيءَ سان سنڌي ادب جو هڪ اٽوٽ حصو رهندي پئي اچي. اسان وٽ روحل، سچل، عثمان سانگي، فقير خوش خير محمد، بيدل، بيڪس، شاهه نصير، مصري شاهه، مولانا همايوني ۽ ٻين انيڪ شاعرن جون ڪافيون وڏي ذوق ۽ شوق سان ڳايون به وڃن ٿيون، ته ٻُڌيون به وڃن ٿيون.

فقير سليمان شاهه (1824عـ 1895ع) به انهن جي تسلسل جو هڪ خوبصورت ڪافي گو شاعر آهي. سندس شهره آفاق ڪافي "ڪيئن پرچايان توکي ڪيئن ريجهايان، ڏس ڪو ڏانءُ" ته سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهوري ماڻي چڪي آهي. سائين سليمان شاهه هڪ فقير منش انسان هيو.

هن ۾ نہ حسب نسب واري وڏائي هئي، نہ شاهاڻو ٺَٺُ ٺانگر هو. ان ڳالهہ کي ٺيڪ سمجهندو هو. سچو صوفي سالڪ، اعليٰ خوبين وارو انسان دوست، سڌو سادو ماڻهو هيو. سندس اندر ۾ عشق جي آڳ دُکيل هئي. هُو سراپا سوز ۽ گُداز بڻيل هو. هن جي ڪافين ۾ بہ انهن ئي روايتي صوفين ۽ سالڪن وانگر هر لفظ ۽ سِٽَ ۾ ساڳي گُونج آهي، ساڳيون روحاني رمزون آهن، ساڳي وحدت الوجودي تنوار آهي. سندس هيءَ ڪافي ملاحظہ ڪيو:

پوش اچي انساني پايئي، صورت جو اچي بيک بنايئي،
تون تہ سچڻ سبحان!
بنجي آئين مير محمدﷺ، ضعيفن جو تہ زمان،
تون تہ سچڻ سبحان!
نوح نبي تي نازل ڪيڙئي، تم ٿيو تہ طوفان،
تون تہ سچڻ سبحان!
ابراهيم کي تہ آڙاهہ چڙهايئي، باهہ ڪيئي تہ بستان،
تون تہ سچڻ سبحان!
نور تنهنجي سارو طور جلايو ۽ موسيٰ ڪيئي تہ مستان،
تون تہ سچڻ سبحان!
يوسف بنجي مصر وڪاڻين، ڪاٽي ڇڏيئي ڪنعان،
تون تہ سچڻ سبحان!
ڪربلا ۾ امام تي آئين، ملهايئي تہ ميدان،
تون تہ سچڻ سبحان!
خلق ساري خادم ڪيڙيئي، آهين تہ پير جوان،
تون تہ سچڻ سبحان!
نازن غمزن ساڻ نوايئي، سڪايئي تہ ”سليمان،“
تون تہ سچڻ سبحان!

فقير سليمان شاهہ جي ڪافيءَ ۾ ساڳيو تسلسل ۽ ساڳي باز گشت آهي پٽائيءَ واري!

سو هِي، سو هُو سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهُہ سو ويري، سو واهرو.

”هو“ سڀ پاڻ آهي، پٽائيءَ چواڻي: ”احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق!“ ان جي تائيد ۾ فقير سليمان شاهہ ساڳيو نعرو بلند ڪري ٿو:

بي مثل دا مثل ڏٺوسين،
احد احمد اصل ڏٺوسين.

*

آدم جو پائي آئين چولو
ميم محمد جو ڪري آئين اولو.

*

جو لامڪاني مٺڙو آ!
سو منجهه مڪان مون ڏٺڙو آ!

*

عرش عظيم تي قُدسي ڪُرسي،
دعويٰ جاٿي ناهي درسي،
بادل آيو آهي برسي،
ابر اسان تي اُٺڙو آ!

*

لامڪاني لاڏلا، آئين ڪهڙي عنوان ۾:
ڇو ڇاڪئون پئين، سهڻا سڄڻ مڪان ۾:
ڪنهن ڪنهن سڃاتئي سپرين، جانب هن جهان ۾:
ڪن جون دليون لُٽيئي دين سان ڪن کي ڦريئي ڪفران ۾:
پيڙهئين ويٺي اچي پير ٿي محبوبي مان ۾:
تون والي ولايت جو ڏٺي، ڇا تنهنجو نفعي نقصان ۾:
گفتگو سين غلام ڪيئي، ايڏو ذوق تنهنجي زبان ۾:
سهڻا سڄڻ "سليمان" جو هينئڙو وڌئي حيران ۾:

مٿئين ڪافيءَ ۾ به ساڳي سنڌ جي روايتي صوفين جي وحدت الوجودي گونج موجود آهي. "لامڪاني لاڏلا، آئين ڪهڙي عنوان ۾" وارو سوال ته ڄڻ ايران جي عظيم عارف، بلند پايه صوفي سالڪ، ابو سعيد ابوالخير جي هيٺئين رباعيءَ جو تفسير آهي:

گفتم که کرائی تو بدین زیبائی،
گفتا خود را که خود منم یکتائی،
همه عاشق همه عشقم و هم معشوق،

هم آئينه، هم جمال و هم بينائي.

[پڇيم تہ اي محبوب! ايڏي بي پناهہ حسن سان تون ڪنهن لاءِ آهين. چيائين تہ پاڻ لاءِ، ڇو تہ آئون يڪتا ۽ بي مثل آهيان (مون جهڙو ٻيو آهي ئي ڪونہ) پاڻ ئي عاشق، پاڻ ئي عشق ۽ پاڻ ئي معشوق آهيان. پاڻ ئي پنهنجو آئينو، پاڻ ئي پنهنجو حسن ۽ پاڻ ئي پنهنجو ديدار آهيان.]

فقير سليمان شاهہ جي ڪافين ۾ اهي ’وحدت الوجود‘ فلسفي جا رنگ ۽ اولڙا هر هنڌ نِڙيا پکڙيا پيا آهن. سندس مذهب بہ عشق آهي ۽ صوفيءَ کي عشق کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ شيءِ سان وابستگي ناهي. بابا چلاسي تہ ايترو بہ چئي ويو آهي:

چلاسی زندگی بے عشق دلبر،
همانا ذلت است و شرمساری.

[اي چلاسي! دلبر جي عشق کان سواءِ هيءَ زندگي ذلت ۽ شرمساري آهي.]

”حافظ“ شيرازي بہ ٻنان رک رکاءَ جي چوي ٿو:

فاش مي گويم و اين گفته خود دلشادم
بنده عشقم از هر دو جهان آزادم.

[ظاهر ظهور چوان ٿو ۽ پنهنجي ان چئي تي خوش آهيان، تہ عشق جو ئي غلام آهيان ۽ ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان.]

فقير سليمان شاهہ بہ ساڳي ڳالهہ ڇتيءَ طرح چوي ٿو:

دل ۾ دور پرينءَ سندو مان قرب سان هان همدم ڪندو.
حنبلي، مالڪي، شافعي، توڙي ڪٽي حنفي هجي،
پر عشق ريءَ عطا نہ ٿئي، توڙي اچي اڏامندو.
نوينو ڏاڍي نينهن سان طلب جو تاڻن ٽندو.
حد حسن جي ناهي ڪا، سڪ ڪندي ڪاٽي سَنڌو.

صوفيءَ جي نظر ۾ عشق ۽ عقل ڪڏهن بہ پاڻ ۾ نہ ٺهيا آهن. جيئن هڪ ئي مياڻ ۾ ٻہ تلوارون نہ ٽيون سمائجن. هُن وٽ جنهن جو مسلڪ عشق آهي، سو عقل جو چيو نہ ٿو وٺي. اهڙيءَ ريت، صوفي ان علم جي بہ مخالفت ڪري ٿو جيڪو ان جي عشق جي راهہ ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي ٿو. ڇو تہ سندس تعلق پنهنجي جستجوءَ واري جذبي سان آهي، جو علم کان وڌيڪ سندس رهبر ثابت ٿئي ٿو ۽ ٻيو تہ اهڙو علم بہ ڪهڙي ڪم جو جيڪو فخر ۽ وڏائيءَ ۾ غرق ڪري ڇڏي ۽ ٻين کي نيچ تصور ڪري. صوفين اڪثر علم جي دعويدارن کي مغرور ۽ فتوي باز پاتو جن جو علم محدود هيو تہ ذهنيت بہ محدود. جو علم، بندي کي خالق کان پري ڪري ۽ پڻ انسان ذات ۾

اوچ نيچ جي ورهاست شروع ڪري ڏئي، ته اهو علم انساني رشتن جو دشمن ئي آهي. صوفين جو علم اهو ئي هو ته ڪائنات عشق جو ٻيو روپ آهي. ڪائنات جي ذري ذري جو رشتو ڪل مطلق سان آهي، ته وڏيڪ علم ۾ کوجنا جي ضرورت ڪهڙي.

فقير سليمان شاهه چوي ٿو:

دل ۾ دکائين نه دود پرينءَ جو
ڇو ٻاهر ساڌُ سڏائين ٿو.
علم پڙهي ٿيو آهين عالم،
پاڻ کي سڏائين ڏاڍو سالم،
عشق بنا تون آهين ظالم،
پاڻ ڀلو ڇو ڀائين ٿو.

*

سوين هجنئي علم توڙي هنر هزارين،
ته به نينهن بنا آهين نولو.

عشق ۾ علم و دانش جي هام هڻڻ اجائي، ڇو ته عشق هڪ محدود علم ۽ انڌي تقليد سان حاصل ٿيڻ جي شيءِ ته آهي ئي ڪانه. هُو ته مخموري، مدهوشي، ناداني، ٻورائي ۽ پاڻ وڃائڻ واري شيءِ آهي. "مون سان مون پرين، ٻورائيءَ ۾ ٻال ڪيا" واري عين صورت آهي. اتي علم جي لاف زني ڪا معنيٰ نه ٿي رکي.

در دبستان محبت علم و دانش چیزی نیست،
آنکه خود را دانا داند طفل نو مولود بود.
(آخوند محمد دائود سيتائي)

[محبت جي درسگاهه ۾ علم ۽ دانائي ته ڪابه شيءِ ناهي. جيڪو شخص پاڻ کي عشق و محبت جي ميدان ۾ داناءُ سمجهي ٿو سو ائين آهي، جيئن ڪو نئون ڄاول ٻار.]

عشق ته فقط مستيءَ ۽ مدهوشيءَ جي وادين جو سير ڪرائي ٿو فقط 'انا الحق' جي اظهار سان آشنا ٿو ڪري. فقير سليمان شاهه چواڻيءَ:

اهڙو عشق آهي اظهار 'انا الحق' پڙهائي ٿو.

*

ملان مار مَ مون، سڄڻ ڏسان ڪي سبق پڙهان.
'الف' آخوند اسان وٽ آهي، 'ب' جي ناهي ڪا ٻُون.

⁂

عشق نہ ڄاڻي شان ۽ شاهي،
ڪري گداگر علم عطائي،
ورق وساريا پرت پڙهڻ جا.

عارف ۽ صوفيءَ جي عشق کي ڪو اهلِ دل ئي سمجهي سگهي ٿو ڪنهن اهلِ دانش ۾ اهو دم ڪونهي. هيءَ اهي ڳوپ ڳنڍيون آهن، جيڪي ڇُڙڻ کان وڌيون آهن. اِهي اُهي راز ۽ اسرار آهن، جي هر عام خاص تي نہ ٿا کُلن:

ڳوپ ڳنڍيون ڳل ڳانا،
ڇٽڙن وارا نہ ڇُٽڙن.

فقير سليمان شاهہ جي ڪافين ۾ گهرائي بہ آهي تہ گيرائي بہ، جذبو بہ آهي تہ مستي بہ، داخليت بہ آهي تہ روحانيت بہ، سوز بہ آهي تہ گداز بہ، رنگيني آهي تہ رواني بہ، قدامت آهي تہ جدت بہ. سندس هڪ اکر اندر جي اُونهائيءَ مان نڪتل نظر اچي ٿو ۽ پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ تي رقت طاري ڪري ٿو. اگر هن پنهنجي سابقہ شاعرن جي تتبع بہ ڪئي آهي، تہ ايندڙ شاعرن لاءِ تنوع بہ پيدا ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سندس ڪافيون نهايت پيار ۽ پاٻوهہ سان هر جاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳايون وڃن ٿيون ۽ اڄ بہ عقيدت سان ٻڌيون وڃن ٿيون. جيتوڻيڪ سنڌ جي ماڻهوءَ سان صدين جون ڪيل آمرانہ ۽ ظالمانہ ڪارگذاريون ڪيس وڌيڪ سوچڻ ۽ تصوف کان گهڻو اڳتي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي ۽ تصوف جي ڪن غير انقلابي پهلوئن ۽ يڪ طرفي سهپ ۽ رواداريءَ تي نظرثاني ڪرڻ تي بہ مجبور ڪري وڌو آهي، تاهم بہ هو تصوف کي پنهنجو ورثو سمجهي ٿو.

اسان جي دوست، سنڌي ادب جي نامياري ليکڪ، پروفيسر شمشاد احمد سومري صاحب اهڙي عظيم الشان ڪافي گو شاعر جي ڪلام کي، جيڪو هينئر تائين ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ هيو ۽ هن کان اڳ ڪنهن بہ ڪتابي صورت ۾ نہ آيو هو، ڪتابي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو آهي. نہ رڳو ايترو پر ان تي محققانہ نظر وجهي، مختلف بياضن ۾ ڪافين جون مختلف پڙهٽيون پڻ حاشيائي نوٽ ۾ واضح ڪيون آهن. هيءُ هڪ محنت طلب ڪم هيو جنهن کي سومري صاحب پنهنجيءَ محنت، دلچسپيءَ ۽ دلبستگيءَ سان سرانجام ڏنو آهي. هُن کي ان لاءِ ڪيترن هنڌن تي وڃڻو پيو ڪيترن درگاهن ۽ خانقاهن جا چڪر ڪاٽڻا پيا ۽ سنڌ جي

فقراءَ لڏي سان ڪيئي ملاقاتون ڪرڻيون پيون، تہ جيئن انهن وٽان سنڌ جي هن بلند پايہ عارف ۽ صوفي فقير سليمان شاهہ جو ڪلام، جو ماضيءَ جي ڌنڌلڪن ۾ گم ٿيل ۽ اکين کان اوجهل ٿي ويو هو، وري هڪ ڀيرو ان کي شائقين اڳيان آڻي سگهي. اسان جو ڪيترو ئي ادبي ورثو وقت ۽ حالتن هٿان ضايع ٿي ويو آهي ۽ ضايع ٿي رهيو آهي. ڪابہ قوم، ڀلي هُو زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪيترو بہ اڳيري ٿي هجي، مگر هُو پنهنجي ماضيءَ جي ورثي تان هٿ ڪڻي نہ ٿي سگهي. ان ڪري، ضروري آهي تہ اسان پنهنجي ماضيءَ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي شين کي ضايع ٿيڻ کان بچايون.

هيءَ پروفيسر شمشاد احمد سومري صاحب جي محنتن جو ثمر آهي، جو فقير سليمان شاهہ جون ڇپيل ڪافيون ڪتابي صورت ۾ محفوظ ٿي ويون آهن. جيڪڏهن اسان وٽ سومري صاحب وانگر هر ڳوٺ، وستيءَ، واهڻ ۽ شهر ۾ اهڙا جاکوڙي اديب پيدا ٿي پون، تہ اسان پنهنجي ماضيءَ جو ادبي اثاثو جنهن کي اسان اجان تائين هٿ ڪري ۽ سهيڙي نہ سگهيا آهيون، سهيڙڻ ۾ ڪامياب وينداسون؛ ڇو تہ اسان وٽ اجان اهڙا بزرگ انسان ۽ جهونا جوڳيئڙا حال حيات آهن، جن جي سيني ۾ اسان جي سنڌ جو ڪوڙ سارو ادبي خزانو موجود آهي. اهي اڄ آهن، صبحاڻي نہ هوندا. ان ڪري، بِنا ڪنهن دير جي، اسان کي ان ڏِسَ ۾ جلدي جوڳا اُپاءَ وٺڻ گهرجن.

پروفيسر شمشاد احمد سومري جو هيءُ ڪم لازماً اسان کي اُتساهہ بخشيندو جنهن لاءِ هُو وڏي جَسُ لهڻي.

بشير سيتائي
شاهہ آباد محلو
دادو سنڌ

مقدمو

خانداني پس منظر:

فقير سليمان شاهه نوشهري فيروز ضلعي جي موري تعلقي ۾ ڳوٺ ”پورڻ“ جي ”لڪياري سادات“ جي ”مينهاڻي“ پاڙي سان تعلق رکندو هو. پورڻ جي لڪياري سادات جا چار پاڙا آهن: ”مينهاڻي“، جيڪي سيد مينهل شاهه جو اولاد آهن؛ ٻيو ”جعفراڻي“، جيڪي سيد جعفر شاهه جو اولاد آهن؛ ٽيون ”صوفاڻي“، جيڪي سيد صوفن شاهه جو اولاد آهن. سيد صوفن شاهه، سيد دلاور حسين شاهه عرف دِلوُ شاهه جو فرزند هو. جڏهن ته چوٿان ”سُودلاڻي“، سيد سُودل شاهه جو اولاد آهن.

ولادت، تعليم ۽ تربيت:

فقير سليمان شاهه جي ولادت، سيد جمن شاهه جي گهر، موري تعلقي جي ڳوٺ ”پورڻ“ ۾ ٿي. هيءُ ڳوٺ موري شهر جي اولهه - اتر ۾ آهي. سندس تولد ٿيڻ جي باري ۾ صحيح طرح سان معلوم ٿي نه سگهيو آهي. پر، هڪ اندازي موجب، سندس ولادت سن ١٢٤٠هه/ 1825ع کان پوءِ ٿي هوندي. فقير سليمان شاهه پنهنجي ناني، سيد شجاع محمد شاهه ”مست“ جي دعا سان ڄائو هو. شجاع محمد شاهه هڪ خدا جو پيارو درويش ۽ ڪامل بزرگ هو. کيس مخدوم بلاول ؒ کان ”اويسي“ طريقي سان فيض جو ونڊُ مليل هو. شاهه صاحب، مخدوم صاحب جي درگاهه تي تمام گهڻو ويندو هو ۽ اتان ئي کيس رنگ لڳو.

سيد شجاع محمد شاهہ گهڻو ڪري مجذوبانہ ڪيفيت ۾ گذاريندو هو. ”پورڻ“ (جيڪو درياءَ جي ڪڇي جي نزديڪ آهي) جي جهنگ ۾ شاهہ صاحب اڪثر مستيءَ جي حالت ۾ لَيُون ڪندو وتندو هو ۽ انهن کي صاف ڪري رکندو هو. جڏهن ڪانئس ڪو پڇندو هو تہ قبلا! ڇا ٿا ڪيو تہ چوندو هو تہ مخدوم صاحب جي لنگر لاءِ ڪانيون ٿو ڪيان. پاڻ اڪثر لَيُن ۾ گذاريندو هو. هڪ دفعي مستيءَ جي حالت ۾ رات جي پوئين پهر ڌاري ”پورڻ“ ۾ اعلان ڪندو ٿي وتيو تہ: جيڪو بہ مون کي ٻاجهريءَ جي ماني ۽ ڏؤنري جو وَٽو ڏيندو، تہ ان کي ڳاڙهو پُٽ ڏيندس. سندن نياڻيءَ کي بہ اولاد ڪونہ هو. تنهن جڏهن اهو اعلان ٻُڌو تہ يڪدم ماني ٺاهي ۽ ڏؤنرو وَٽي جو کڻي وڃي سائينءَ وٽ پهتي. پاڻ ڪانئس اهو نہ ورتائين ۽ روايت مطابق کيس چيائين تہ نہ اوهان کي نياڻي آهي، تنهن ڪري اهو مان نہ وٺندس. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد، وري مستيءَ جي حالت ۾ ساڳيو ئي اعلان ”پورڻ“ جي گهٽين ۾ ڪندو ٿي وتيو. وري بہ سندن نياڻيءَ جڏهن اهو اعلان ٻُڌو تہ يڪدم ماني پچائي، در تي کڻي بيٺي. جڏهن پاڻ اتان لنگهيا، تہ اُها ماني سندن اڳيان پيش ڪيائين. شجاع محمد شاهہ راضي ٿيو ۽ سندس گهر آيو. ماني کائڻ بعد خوش ٿي کين دعا ڪندي چيائين، تہ توکي ٻہ پٽ ڄمندا: هڪڙو لعل ڪبوتر ۽ ٻيو ان پٺيان هٿڙو بہ ڄمندئي! لعل ڪبوتر جو اشارو سائين سليمان شاهہ لاءِ ۽ هٿڙي جو اشارو سندس ٻئي فرزند موريل شاهہ مست ڏانهن هو. ڪافي بزرگن جو چوڻ آهي تہ موريل شاهہ جيڪي ڪجهہ زبان سان چوندو هو اهو ائين ٿيندو هو.

فقير سليمان شاهہ جي ابتدائي تعليم جو بندوبست سندن ناني، شجاع محمد شاهہ ”مست“ پورڻ ۾ ڪيو. سندن استاد حافظ عبدالواحد سومرو هو جنهن کان قرآن پاڪ جي تعليم ورتائون ۽ سنڌي هڪ درجي تائين پڻ پڙهيا. البت، اهو وثوق سان چئي نٿو سگهجي تہ وڌيڪ تعليم ڪٿان حاصل ڪيائون!

شجرو:

فقير سليمان شاهہ جو شجرو گهڻي ڪوشش ۽ ڄاکوڙ کان پوءِ، ڪافي جهونن ۽ ويجهن عزيزن سان ڪچهري ڪندي، هن طرح معلوم ٿئي ٿو:

> "سيد سليمان شاهه بن سيد جمن شاهه بن سيد موريل شاهه بن سيد سبب علي شاهه بن نور شاهه بن موريل شاهه بن يعقوب شاهه"

سائين يعقوب شاهه، هڪ وڏو درويش ۽ صاحبِ ڪرامت بزرگ ٿي گذريو آهي. سندن ٻه شاديون ٿيل هيون: هڪ "بگهياڙي" ڳوٺ (جيڪو تعلقي موري ۾ پورڻ جي اولهه ۾ آهي) جي سيدن مان، جنهن مان کين ٻه فرزند ٿيا: هڪ سيد موريل شاهه، جنهن کي مور علي شاهه سڏين ٿا (جيڪو عزت شاهه جي مقام ۾ سندس مقبري ۾ ساڻس گڏ مدفن ٿيل آهي) ۽ ٻيو ايوب شاهه (هيءُ يعقوب شاهه جي مقام ۾ ساڻن گڏ مدفن آهي). ٻي شادي ڳوٺ "مسُر جي واءِ" جي لڳ "ٽاڳڙي" ڳوٺ مان ڪيائون، جنهن مان کين ڪوبه اولاد نه ٿيو. پاڻ وفات بعد، پنهنجي زمينن واري هنڌ، جبڪو "يعقوب شاهه جو ڳڙيو" / ڳوٺ "يعقوب شاهه" سڏبو آهي، اتي مدفن ٿيا. هن وقت، اهو علائقو "درگاهه يعقوب شاهه" جي نالي سان مشهور آهي. يعقوب شاهه کي ٻيا ٽي ڀائر پڻ هئا، جن ۾ سيد عزت شاهه "درگاهه يعقوب شاهه" کان 6 ڪلوميٽر اتر طرف روهڙي ڪئنال تي واقع "وِيسر موريءَ" جي اولهه طرف هڪ وڏي قبرستان (جيڪو تقريباً چار فرلانگ ڊيگهه ۾ ۽ ٻه فرلانگ ويڪر ۾ آهي)، جيڪو "عزت شاهه جو مقام" جي نالي سان موجود آهي، ۾ مدفن آهي. انهن ٻنهي مقامن ۾ ڪافي قبرون اهڙيون آهن، جن ۾ استعمال ٿيل سِرون "ميان جي قبن" (ميان نور محمد ڪلهوڙو جي قبرستان) ۽ "هالاڻيءَ ۾ جنگ واري مقام" (ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن واري جنگ) واريون ساڳئي ساخت جون آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي ٻئي قبرستان ڪلهوڙن جي دؤر جا آهن. ساڳيءَ طرح، اهي بزرگ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٿي گذريا آهن. ان کان علاوه، سندن ٽيون ڀاءُ سيد دلاور حسين شاهه عرف ڏُلڻ شاهه موري شهر کان اتر طرف ڏهن ڪلوميٽرن تي نيو جتوئيءَ کان اولهه طرف ڳوٺ پراڻا جتوئيءَ جي ڀرسان مدفن آهي، جنهن کي "دِلُو شاهه جو مقام" چوندا آهن. ڏُلڻ شاهه کي ٻه فرزند هئا: وڏو پٽ سيد صوفن شاهه، جنهن جو اولاد "صوفاڻي" سيد طور مشهور آهن. جڏهن ته ٻئي فرزند جو نالو سڄڻ شاهه هو. ڏُلڻ شاهه جي نالي پٺيان موري تعلقي ۾ اتر طرف ديهه "دِلُو شاهه" موجود آهي. جڏهن ته سندن چوٿون ڀاءُ "بوبڪ" (ضلعي دادو) ۾ مدفن آهي، جنهن جو نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. انهيءَ بزرگ جي اولاد مان سيد پيرل شاهه ٿيو جنهن جو

طالب، فقير سليمان شاهه جو گادي نشين ۽ ڏوهٽو سيد نور محمد شاهه ٿيو. پاڻ سائين نور محمد شاهه جي چاچي (پيءُ جي سؤٽ) سيد سخي شاهه محمد شاهه جو مامو هو. پيرل شاهه جي وفات کان پوءِ، سندس پٽ ٻولڻ شاهه عرف نياز شاهه گادي نشين ٿيو جنهن جو فرزند پيرل شاهه (پيو) هن وقت ”ٻوبڪ“ ۾ گاديءَ تي موجود آهي. هيءُ چارئي ٻزرگ پائر، صاحبِ ولايت ۽ ڪمالات تي گذريا آهن.

شجرو


سيد يعقوب شاهه
سيد موريل شاهه عرف مور علي شاهه
سيد ايوب شاهه
سيد نُور شاهه
سيد سبب علي شاهه
سيد موريل شاهه (پيو)
سيد جمن شاهه
فقير سليمان شاهه
نياڻي
(زوجہ سيد سبب علي شاهه- پيو)
سيد نُور محمّد شاهه
سيد خير محمّد شاهه
سيد سليمان شاهه (پيو)
سيد يعقوب علي شاهه (پيو)
سيد شاهه محمد شاهه
سيد سبب علي شاهه
(ڪيون)
ٻه نياڻيون
سيد نور محمّد شاهه (پيو)
سيد ياسين شاهه
سيد فرحان علي شاهه
سيد جاويد شاهه
سيد ساجد علي شاهه
سيد آصف علي شاهه

مرشد جي بيعت:

فقير سليمان شاھ، ٽئين پير پاڳاري، سيد حزب الله شاھ ”تخت ڌڻي“ (١٢٥٨ھ/ 1839ع - ١٣٠٨ھ/ 1889ع)، جيڪو ”مَسند ڌڻي“ جي لقب سان پڻ مشهور آهي، جو سچو مريد ۽ پتنگ پروانو هو. سندس مريد ٿيڻ بابت بہ روايتون ملن ٿيون. هڪ روايت سانئلي فقير مهر (عمر 70 سال)، جيڪو شهيد فقير محمد يوسف مهر جو پُٽ ۽ فرق جي اڳواڻ، عبدالله فقير ”مست“ جو پوٽو آهي، هن طرح ٻڌائي:

> ”فقير سليمان شاھ پهريائين ڪنهن مدرسي ۾ پڙهائيندو هو ۽ وڏو عالم هو. ان دؤر ۾ اڪثر عالم درگاھ شريف جي گاديءَ وارن سان بحث مباحثي لاءِ ايندا هئا. اهڙيءَ طرح، فقير سليمان شاھ هڪ جيّد عالم جي ناتي ڪتاب کڻي، بحث مباحثي لاءِ درگاھ شريف آيو. فقير سليمان شاھ، پير سائينءَ کان ڪجھ سوال جواب ڪيا ۽ بعد ۾ پير سائين ’مسند ڌڻيءَ‘ کي چيائين تہ: ’پنهنجو جلال ڏيکار!‘ انهيءَ سوال تي پير سائينءَ جن جو مُنهن مبارڪ ڳاڙهو لال ٿي ويو. پير سائين علي گوهر شاھ ’مَ حافي ڌڻي‘ (وفات: ١٣١٤ھ/ 1896ع) جو بيان آهي تہ اسان ائٿي پائر ان وقت ’تخت ڌڻيءَ‘ وٽ موجود هئاسين. ان وقت، ايڏي گرمي محسوس ٿي، جو سڀئي ٻاهر نڪري ويا ۽ آئون بہ نڪري دروازي تائين پهچي پوئتي ڏٺو تہ سليمان شاھ پَٽَ تي بيهوش ٿي ڪريو پيو هو. پير سائين ’مسند ڌڻيءَ‘ فرمايو تہ هن کي ٻاهر کڻي وڃو. ان کان پوءِ، ڪيترو ئي وقت سليمان شاھ ٻاهر پيو رهيو. جڏهن هوش آيس، تڏهن پير سائينءَ کي چيائين تہ: ’تون الله آهين.‘ ان تي پير سائينءَ منع ڪيس. پر، وري چيائين تہ: ’تون رسول آهين.‘ اهڙيءَ طرح، پاڻ سختيءَ سان منع ڪندا رهيس. ايستائين جو کيس مار بہ ڪڍايائون. ان وقت، سليمان شاھ هيءَ ڪافي چئي:
>
> ش اڇي انساني پايئي، صورت جو آٽي بيک بڻايئي،
> تون تہ سچڻ سبحان.
>
> ان کان پوءِ مرشدن کيس گهرايو ۽ ذڪر جي تلقين فرمائي.“

انهيءَ مٿئين روايت جي باري ۾ ”گڙنگ بنگلي“ (سانگهڙ) جي رهواسي، فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي (عمر 58 سال) ٻڌايو تہ مون کي پنهنجي والد صاحب ۽ ٻين وڏن کان پڻ ائين ئي معلوم آهي.

ٻي روايت اسان جي طرف ”ڪارجاڻي“، ”مسُر جي واءُ“، ڳوٺ ”مرزا ڏاهري“ ۽ ان جي آس پاس جهونن فقيرن کان معلوم ٿي، جنهن جو راوي فقير حبيب الله ڏاهري (عمر 85 سال)، ساڪن ڳوٺ ”ڪارجاڻي“ تعلقو دولت پور، ضلعو نواب شاهہ آهي. انهيءَ روايت مطابق، فقير سليمان شاهہ مجاز ۾ پير پاڻ کان پوءِ، ڳوٺ ”چگل ڏاهري“، ڳوٺ ”مرزا ڏاهري“ ۽ ان جي آس پاس تنهائيءَ واري زندگي گذاريندو هو. انهن ڳوٺن وٽان جماعتين جو اڪثر گذر ٿيندو رهندو هو. اهڙيءَ طرح، فقير سليمان شاهہ جماعت جي هڪ ٽولي سان گڏجي درگاهہ پير ڳوٺ پهتو. اتي ذڪر وٺڻ لاءِ لڳل قطار ۾ سندن آخري نمبر هو. جڏهن ذڪر لاءِ اندر داخل ٿيو تہ سندس مجاز وارو محبوبُ ڪيس ڪَٿَ تي پير صاحب جي صورت ۾ ويٺل نظر آيو. ائين سندس مجازي عشقُ حقيقي عشقَ ۾ تبديل ٿي ويو. پاڻ پنهنجي مرشد ۽ هاديءَ جي سامهون آيا، تہ هڪدم چيائون تہ: ”هيءَ اها ئي صورت آهي، جنهن منهنجو مَنُ مستان ڪيو آهي.“ هاديءَ ڪين عشق ۾ رچيل ڏٺو تہ ڪيس اڪيلائيءَ ۾ گهُرائي ذڪر ڏسيائون ۽ ذڪر وٺڻ کان پوءِ پاڻ ٻاهر نڪري، هيءَ ڪافي چيائون:

اور اندر منجهہ لا الـه الا الله،
ذڪر ذاتي ذونقؤن زور.

دراصل، انهيءَ مٿئينءَ ڪافيءَ ۾ فقير سليمان شاهہ تلقين وٺڻ وارو اهو سڄو پس منظر بيان ڪيو آهي، مثال طور: اکيون بند ڪرڻ، سائينءَ جو گاديءَ تي چڙهي ويهڻ، ذڪر جو ارشاد ڪرڻ، ذڪر جو ظاهري توڙي باطني ڏيڻ، صورت جو فڪر، دنيا کي ترڪ ڪرڻ، مجاز کي ڇڏڻ، سائينءَ جو ڪيس هٿ ڏيڻ، اٿندي ويهندي ذڪر اثبات ڪرڻ ۽ آخر ۾ ورتل سخن تان پاڻ گهوري ڇڏڻ وغيره. اهو سمورو مذڪور سلسليوار بيان ڪيل آهي. جيڪڏهن غور ڪجي تہ انهيءَ ڪافيءَ ۾ فقير سليمان شاهہ جو طريقت ۾ پير پائڻ جو پوري تفصيل سان گڏ، تصوف جي سيني باريڪ نقطن جو بيان شامل آهي.

طريقت ۾ استاد:

پير سائين پاڳاري جي جماعت ۾ طريقي جو استاد وٺڻ لازمي هوندو آهي. ان ڪري، فقير سليمان شاهه کي پير سائين حزب الله شاهه "تخت ڌڻيءَ" ذڪر ڏيڻ بعد حڪم ڪيو ته اوهان استاد هٿ ڪيو، جيڪو اوهان کي ذڪر پچرائي. فقير سليمان شاهه مرشدن ڪريمن کي عرض ڪيو ته قبلا! مون کي ته ڪير ڪونه سڃاڻي. پاڻ "مسند ڌڻيءَ" کين حڪم ڪيو ته محراب فقير ڏانهن وڃو. محراب فقير ڏاهري هڪ وڏو بزرگ ۽ درويش هو. سندس ذڪر پير سائين علي گوهر شاهه (اول) "اصغر" بنگلي ڌڻيءَ (۱۲۳۱ه/ 1816ع - ۱۲۶۳ه/ 1847ع) کان ورتل هو. سندس والد جو نالو معروف فقير ۽ ڏاڏي جو نالو پڪريو فقير هو. جيڪو پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ (۱۱۷۱ه/ 1758ع - ۱۲۳۴ه/ 1819ع) جو مريد هو ۽ "روضي ڌڻي" بادشاهه سان سفر ۾ گڏ هو ته وفات ڪيائين. فقير جي مزار "پڪسِري موريءَ" وٽ نارا ڪئنال جي ڪپ تي آهي، جتي "پڪريو فقير" جي نالي سان مقام سڏجي ٿو.

محراب فقير، ڳوٺ "پِڇيل ڏاهريءَ" لڳ "هَبيري" تعلقي دولت پور، ضلعي نواب شاهه ۾ جنم ورتو. فقير جي ولادت ۽ وفات جو سن ڪونه ٿو ملي، پر پاڻ تيرهين صديءَ جو مشهور بزرگ آهي. هن فقير کي ڪوبه اولاد نه هو. سندس ڀاءُ جمال فقير جو اولاد آهي. جمال فقير کي هڪ پٽ محراب فقير (ثاني) ٿيو جنهن کي ٻه پٽ هڪ حاجي علي محمد، جنهن کي پڻ ڪوبه اولاد نه هو ۽ ٻيو رمضان فقير ڏاهري هئا. رمضان فقير کي ٻه پٽ الهه رکيو فقير ۽ غلام محمد فقير ٿيا. محراب فقير (اول) جي مزار سندس نالي سان مشهور قبرستان ۾ آهي، جيڪو "سن ساوڙي" تعلقي دولت پور جي پرسان آهي. محراب فقير جو روضو/ قبو هڪ جيلاني سيد جي حڪم تي علي محمد فقير ٺهرايو هو. جتي پير سائين حزب الله شاهه "مسند ڌڻيءَ" پاڻ اچي پڙُ وِڌو هو. ڪجهه وقت اڳ ۾ فقير جي مزار تي چوڪنڊي ٺهيل هئي، جيڪا قبي ڊهڻ بعد غلام محمد فقير ٺهرائي. هن موجوده وقت ۾ فقير مٿان قبي جي تعمير جو ڪم هلي رهيو آهي.

فقير سليمان شاهه جڏهن محراب فقير وٽ آيو ۽ ڪيس ٻالڪي ٿيڻ جي درخواست ڪيائين، ته پاڻ پڇيائونس ته توهان جو نالو ڇا آهي؟ شاهه صاحب کين چيو ته سيد سليمان شاهه. تنهن تي فقير کين فرمايو ته، "نه بابا! وڃي ڪو ٻيو استاد ڪر." پاڻ موٽي پير سائين "تخت ڌڻيءَ" وٽ آيو ۽ اچي

ڪين سچي روئداد ٻڌايائين. پير سائين جن فرمايس ته هاڻي جڏهن فقير وٽ وڃين، ته ڪيس پنهنجو نالو سليمان فقير ٻڌائجانءِ ۽ نه ڪي سيد سليمان شاهه. پوءِ جڏهن پاڻ محراب فقير وٽ ٻيهر آيو ته نالو سليمان فقير ٻڌايائون، تنهن بعد محراب فقير ڪيس طالب بڻايو. ان ڏينهن کان وٺي وفات تائين سائين سليمان شاهه پاڻ کي فقير سليمان سڏايو. پاڻ هرڪنهن کي چوندا هئا، ته مون کي سليمان شاهه نه، پر فقير سليمان ڪري سڏيو.

مرشد سان محبت:

فقير سليمان شاهه جو پنهنجي مرشد سان بي انتها عشق ۽ محبت هئي. سندس مرشد، پير سائين ”مسند ڌڻي“ پڻ مٿس مهربان هو. جڏهن به پاڻ درگاهه شريف ويندو هو ته پيرين پيادو ويندو هو. ايستائين جو جُتي لاهي، چيلهه سان ٻڌي، پيرين اگهاڙي ويندو هو.

جڏهن سندن مرشد سندس ڳوٺ تي قرب جا قدم ڪڻي اچي ٿو ته پاڻ خوشيءَ مان نه ٿو ماپي ۽ فرمائي ٿو ته:

اسان جو آيو آ مرشد امدادي ٿي،
شهر مُلڪ سڀ شاديِ ٿي.

ڏين اُجاريو ڪلنگيءَ واري،
آيو هيڻن جو حامي ٿي.

ويڙها جايون اڄ سڀ وسن ٿيون،
اسان جي اڱڻ تي آبادي ٿي.

حورن، پرينءَ لاءِ هنڌ وڇايا،
تخت گِلم سڀ گادي تي.

سڀ ڪا سينگي، سڀ ڪا سهيلي،
پئي ٻاڻ مُرادي ٿي.

اڄ ”سليمان“ حضرت آئي،
قلب دل ڪُشادي ٿي.

پاڻ ڪيترين ئي ڪافين ۾ پنهنجي مرشد، پير سائين ”مسند ڌڻيءَ“ جو ذڪر ڪيو اٿائين، جيئن:

سڏائي "سليمان" کي مرسل آپ مڪان ۾

*

مُرڪي "مسند ڏٺيءَ" ڪيو پنهنجي دان ۾.

*

اڄ "سليمان" هادي آيو ڏيهاره ديدار لڳا.

*

اڄ "سليمان" مرشد آيا، چولي وچ نہ ٿي ماوان مئن.

*

جڏهن کُليا ڀاڳ بخت دا، سانون مليا شاهہ تخت دا.

*

فقير سليمان شاهہ پنهنجي مرشد جي حسن جو تذڪرو پڻ پنهنجي ڪيترين ئي ڪافين ۾ خوبصورت انداز ۾ ڪيل آهي. هڪ ڪافيءَ ۾ فرمائي ٿو تہ:

جڏهن چشم مبارڪ چائن ٿا،
تڏهن هبنئڙي حجاب اُڏائن ٿا.

جڏهن عاشق آ مريد ٿيو تڏهن اُجريو دل جو ديد ٿيو
مهربان مٺس مرشيد ٿيو، تنهن کي آهڙي رمز رَسائن ٿا.

جن کي سڪندي سڪندي سال ٿيا، سي تہ قربن منجهہ ڪنگال ٿيا،
سي وحدت منجهہ وصال ٿيا، سي پنهنجو پاڻ پچائن ٿا.

حسن تنهنجو خوبان خوبي آ، اها ساڳي صورت محبوبي آ،
ايڏو راز مٺس ربوبي آ، سو تہ ڪنهن کي ڪين سڻائن ٿا.

ڳائي سان نہ وڄائي سان، رب راضي ٿيو پنهنجي رائي سان،
"سليمان" سڏيائين پنهنجي سعي سان تنهن کي سارو سُر سمجهائن ٿا.

مرشدن پاران کين عشق عطا ٿيڻ:

روايت آهي تہ فقير سليمان شاهہ پنهنجي مرشد کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين! مون کي ياسين سڳوريءَ جي عمل جي اجازت ڏيو. پير سائين "تخت ڏٺيءَ" جن ڪيس فرمايو تہ سليمان شاهہ! اسين توکي ياسين جي عمل

جي اجازت ڪونہ ٿا ڏيون، پر عشق جي اجازت ڏيون ٿا. يعني: عشق عطا ڪيون ٿا. (راوي: فقير سيد حسين شاهہ صوفاڻي، عمر 58 سال، ويٺل ڳوٺ صوفاڻي سيد/ پراڻا جتوئي، حال رهائش مورو شهر) فقير سليمان شاهہ مرشدن کان موڪلائي، جيئن درگاهہ شريف تان واپس اچي رهيو هو تہ سندس وارُ وارُ عشق سان سرشار هو تہ رَڳَ رَڳَ ۽ نَسَ نَسَ ۾ عشق سمائجي چڪو هئس. هڪ روايت مطابق، انهيءَ دوران پاڻ جڏهن درگاهہ شريف کان ڳوٺ "بودلي ڏاهري/ مرزا ڏاهري" واپس اچي رهيو هئو تہ واٽ تي "ڦُلن" جي ڀرسان ڳوٺ "جعفر وڳڻ" کان گذرڻ تي سندن نظارو ٿيو جنهن ويتر سندس اندر ۾ آتش پيدا ڪئي ۽ من ۾ مانداڻ مچائي ڏني. پاڻ ان جو برملا اظهار هنن ڪافين ۾ ڪري ٿو:

مون ڏي يار ڏيئي مُنج دارون، عشق سندي آزار جو.

پرين جڏهن تو پاڻ پَسايو، خيال انهيءَ ڏينهن مون يارَ ڪَسايو،
منهنجو حال وِيُمِ هيڪاريون، جوڙ پسي جنسار جو.

بلڪل باز بڇيائين بحري، آڻي سيف هنيائين سونهري،
جنهن چاڪ ڪيم چوڏاريون، حال ڏسي بيمار جو.

تن من اٿم تات اوهان جي، وائي هينئڙي اٿم وات اوهان جي،
لَهُہ يارَ سڪايلن سارُون، آئون بکيو ديدار جو.

سڄڻ "سليمان" کي سڪائِيِ، مُنهن مِٺَلَ! مون کان لڪايئي،
منهنجو هينئڙو ڦَٽي ڪيئي ڦارُون، توکي شوق شڪار جو.

* *

ڏٺيءَ منهنجي ڏاڙيل ڏاريا، چشمن جا بحري باز.
هرڪنهن ويل ڪنِ وائي وڙهڻ جي، ايڏا اٿن انداز.
ڇَرغ چنبن سان ڏين ڇپيٽون، ناز ڀريا بي نياز.
ڀاڻ تنين جا ناهن خالي، ڀَرن ۾ پرواز.
عينَ "سليمان" آهن يار منهنجي جا، مارين ساڻ مجاز.

چون ٿا تہ فقير سليمان شاهہ جو جنهن عورت مٿان نظارو هو اُها ۽ سندس سهيليون پاڻي ڀرڻ لاءِ ڳوٺ جي ڀرسان کوهہ تي وڃي رهيون هيون. ڪنهن سهيليءَ انهيءَ عورت کي چرچي ۾ چيو تہ اڄ سائينءَ کي چٽو تہ هلي نار ڪاهي ۽ اسين پاڻي ڀريون. سهيلين جي گهڻي زور بار تي ان عورت

سائينءَ کي چيو ته ”اڄ ڪٽي اوهان نار ڪاهيو ته اسين پاڻي پريون.“ فقير سائينءَ کين چيو ته حاضر محبوب سائين ۽ فقير وڃي نار ڪاهيو. عورتون پاڻي پري، پنهنجن گهرن ڏانهن راهي ٿيون. پر، سائين پنهنجي عشق ۽ محبت جي مستيءَ ۾ نارُ ڪاهيندو رهيو. تان ته پهر ڏيڍ ٿي ويو. انهن عورتن مان ڪا هڪ عورت جڏهن ڪنهن ڪم سانگي گهر کان ٻاهر آئي، ته ڏسي ته شاهه صاحب اڃا نار ڪاهي رهيو آهي. اها ماجرا وڃي ٻين عورتن کي ٻڌايائين، جن ان عورت کي چيو ته هاڻي تون وڃ ۽ وڃي شاهه صاحب کي چئو ته قبلا! بس هاڻي نار نه ڪاهيو، اسان پاڻي پري ڇڏيو آهي. ان عورت سائينءَ کي وڃي ائين چيو. جنهن تي فقير سليمان شاهه ان کي چيو ته بس! محبوب سائين ڇو يڪدم پاڻي پري ڇڏيوَ! حالانڪ نار هڪليندي سائينءَ کي پهر ڏيڍ کان مٿي ٿيو هو. پر، عشق ۽ محبت جي مستيءَ ۾ گُم ٿيل کي ڪابه خبر نه پئي ته هن هيترو وقت نار ڪاهيو آهي! (بروايت: غازي فقير ڏاهري، عمر 60 سال، ڳوٺ ”مرزا ڏاهري“، تعلقو نوشهرو فيروز.)

مجاز کان حقيقيءَ ڏانهن موٽ:

چون ٿا ته انهيءَ عورت تي مائٽن تمام گهڻيون سختيون ڪيون ۽ ٻاهر نڪرڻ تي پابندي پڻ لڳائي. لوڙهي بجاءِ گهر کي ڪوٽ به ڏياري ڇڏيائون. پر، سائينءَ جي عشق ۾ ڪابه ڪمي نه آئي. عورت به هڪ ڏينهن موقعي جو فائدو وٺي جڏهن گهر ۾ ڪير نه هو ته دروازو کولي ٻاهر نڪري، سڌو فقير سليمان شاهه وٽ اچي پهتي ۽ کيس چيائين ته مان تو وٽ آئي آهيان ۽ هاڻي تنهنجي مِلڪَ آهيان. ان وقت، فقير سليمان شاهه مجاز کان حقيقت ڏانهن پهچي چڪا هئا ۽ مائيءَ کي چيائون ته تو ۾ جيڪا شيءِ هئي، سا تنهنجي پيشانيءَ مان هُو ڏس! (آسمان ڏانهن اشارو ڪندي) مٿي وڃي رهي آهي. اڄ کان پوءِ تون مون لاءِ نياڻيءَ مثل آهين ۽ کيس پوتي ڍَڪائي، گهر ڏانهن واپس موڪليائون.

فرق جو بنياد ڪڏهن ۽ ڪيئن پيو؟

سانئلي فقير مهر کان مليل معلومات مطابق، ”فرق“ جو بنيادُ پير سائين صبغت الله ”ڇٽ ڌڻيءَ“ جي دؤر ۾ فقير غلام حيدر پٺاڻ رکيو هو. فقير غلام حيدر، خليفي نبي بخش لغاريءَ جو طالب هو. کيس خليفي صاحب ٿي پير

سائين ”ڇٽ ڌڻيءَ“ جي حوالي ڪري، ڪانئن اجازت گهري تہ قبلا! هاڻي مون کي اجازت ڏني وڃي، جو آءٌ پوڙهو ٿي چڪو آهيان. ان بعد، غلام حيدر فقير درگاهہ شريف جا معاملات سنڀالڻ لڳو جيڪي اڳ ۾ خليفي صاحب جي حوالي هئا. غلام حيدر فقير سڀ کان پهريائين اهو ڪم ڪيو تہ حويلين تان جيڪو بہ سامان سڙو هنڌ بسترو ۽ ماني (وڏن خليفن لاءِ) ايندي هئي، ان کي بند ڪرايو. غلام حيدر فقير کان پوءِ، سندس طالب عبدالله فقير، درگاهہ جي خدمت جو ڪم سرانجام ڏنو. جڏهن پير سائين ”بنگلي ڌڻي“ بهشت گهڙيو تہ پير سائين حزب الله شاهہ ”تخت ڌڻي“ جن پنجن ستن سالن جي ننڍيءَ عمر ۾ گادي نشين ٿيا. انگريزن کي هر وقت هن گاديءَ مان خطرو محسوس ٿيندو هو. ان ڪري، هنن جو خيال هو تہ خاندان مان اهڙو ماڻهو گاديءَ تي ويهارجي، جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انگريزن جو حامي هجي. ان ڪري، انگريز سرڪار، پير سائين ”مسند ڌڻي“ جي مامن ۽ ٻين عزيزن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ شروع ڪئي. اهڙيءَ سازش تحت پير صاحب جا ڪجهہ عزيز گاديءَ سان هٿ چراند ڪرڻ لڳا ۽ معاملن ۾ ٽنگ اڙائڻ شروع ڪيائون. انهيءَ سازش هيٺ ننڍي پير سائينءَ جا عزيز دعوتن واري سفر ۾ پير سائينءَ کان وڌيڪ پاڻ کي وڏائڻ لڳا. ايتري قدر جو دعوتن واري روحاني سفر دوران سندن عزيزن جون سواريون (گهوڙا ۽ ٻيا وهٽ) پير سائينءَ جي سواريءَ کان بہ اڳتي نڪري ويندڀون هيون. ايتري تائين جو پير سائينءَ (جيڪي ننڍا هئا) کان وڌ سندن عزيزن کي پروٽوڪول ڏنو ويندو هو ۽ سندن خاطر تواضع ڪئي ويندي هئي. سندن مامي سيد ڪاظم شاهہ کي وڏو پير ۽ ”تخت ڌڻيءَ“ کي ننڍو پير ڪري سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح، فقيرن ۾ پنهنجي پير صاحب ۽ روحاني رهبر جي تحفظ، عزت ۽ احترام ۽ پروٽوڪول برقرار رکڻ جو احساس جاڳيو. جيڪو اڳتي هلي فرق جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. هنن اهو اصول پيدا ڪيو تہ جيئن ”الله بہ هڪ آهي، رسول بہ هڪ آهي ۽ پاڪ ڪتاب (قرآن پاڪ) بہ هڪ آهي، تيئن پير بہ هڪ. باقي نہ ڪو پير جو پاءُ، نہ ڪي پير جو پُٽ، نہ ڪي ٻيو ڪو. (عزيز وغيره) سلام آهي تہ رڳو پڳدار کي آهي.“ هُو ان کي ڪافي حد تائين مٿي کڻي ويا ۽ خاص سنگت جوڙيائون، جن کي سمجهايائون تہ گاديءَ واري پير پاڳاري ۽ ٻين پيرن ۾ فرق رکڻو آهي. اها سنگت پوءِ، ”فرق وارا“ سڏجڻ لڳي ۽ ان ۾ وڏو واڌارو ٿيو. فرق جا اڳواڻ عبدالله فقير ”مست“، خليفو غلام نبي

لغاري ۽ وريام فقير خاصخيلي وڏو (رليءَ وارو) هئا. اندريان معاملا (درگاهه وغيره جا) عبدالله "مست" فقير سنڀاليا، جڏهن ته ٻاهريان معاملا غلام نبي لغاريءَ فقير سنڀاليا.

مست فقير کان هٿ وٺڻ ۽ فرق ۾ شامل ٿيڻ:

فقير سليمان شاهه، عبدالله فقير "مست" (جيڪو سانئلي فقير جي چوڻ مطابق ته سندس وفات پير سائين "ڪوٽ ڏڻيءَ" جن جي وفات کان ٻه مهينا پوءِ ٿي. پير سائين ڪوٽ وارن جي وفات ۷ ربيع الاول ۱۳۴۰هه/ 8 نومبر 1921ع تي ٿي. انهيءَ لحاظ کان "مست" فقير جي وفات اندازاً جمادي الاول ۱۳۴۰هه/ فيبروري 1922ع ۾ ٿي هوندي، ان وقت، فقير جي عمر تقريباً 90 سال هئي.) کان هَٿُ گُهريو (يعني: فرق طريقي ۾ شامل ٿيڻ گهريو)، جنهن تي "مست" فقير انڪار ڪيو. فقير سليمان شاهه چار پنج راتيون هن سان گڏ هليو پر "مست" فقير کيس چيو ته، "مون کي پنهنجي استاد غلام حيدر فقير جي منع ٿيل آهي، ته ڪنهن به سيد کي هٿ نه ڏجانءِ." ان بعد فقير سليمان شاهه سومر فقير نوڙهي (مگريي) ۽ مٺا خان جوکيي شهدادپور وازي کي "مست" فقير کان هٿ وٺي ڏيڻ لاءِ چيو. انهن ٻنهي ڪوشش ڪئي، پر فقير کين چيو ته، "اسان جي ٽولي تي جيڪي مهربانيون آهن، سي ته ڪنهن کان لڪل ڪين آهن. اسان مهيت به آهيون، لعنتي به آهيون ۽ دوزخي به آهيون." فقير سليمان شاهه چيو ته "اهي سڀ ڳالهيون مڃي، پوءِ ته آيو آهيان." انهن سڀني ڳالهين جي باوجود "مست" فقير انڪار ڪيو. پوءِ سومر فقير نوڙهو ۽ مٺا خان جوکيو فقير سليمان شاهه کي عثمان فقير وٽ "ڇرائيءَ" (نزد شهدادپور) ۾ وٺي آيا ۽ کيس چيائون ته "مست" فقير تو سان گهڻو راضي آهي ۽ تون "مست" فقير کي چئو ته فقير سليمان شاهه کي هٿ ڏئي. عثمان فقير، فقير سليمان شاهه کان پڇيو ته، "آخر استاد ڪهڙي ڳالهه تو ڪري؟ ڇا سيد ذات جي ڪري؟" فقير سليمان شاهه چيو ته، "اڄ کان آءٌ شاهه ناهيان، آءٌ فقير آهيان." عثمان فقير، "مست" فقير کي فقير سليمان شاهه لاءِ سفارش ڪئي. جنهن تي "مست" فقير چيو ته، "ڇڏيو سليمان کي." (ڇاڪاڻ ته "مست" فقير، شاهه ڪنهن کي به ڪونه سڏيندو هو. ڪڏهن چيائين به ته رڳو "سيد" ڪري سڏيندو هو) پر، پوءِ ڪجهه شرطن تي فقير سليمان شاهه کي هٿ ڏنائين ته:

(1) ڪوبہ جماعت جو ماڻهو نہ ٽڪائيندين.
(2) ڪنهن بہ جماعتيءَ کي حويليءَ جي ماني نہ کارائيندين.
(3) تون اسان سان ڀلي پيو هل، پر ڪڏهن بہ اسان مان ڪنهن کي پنهنجي تڏي تي نہ وٺي ويندين.
(4) ڪنهن بہ جماعتيءَ کي حويليءَ جو ڪپڙو لٽو نہ ڏيندين.
(5) اڄ کان پوءِ شاهہ نہ سڏائيندين.
(6) نہ صرف ايترو پر تون پنهنجي گهران ڪچو سيڌو بہ ڪنهن کي نہ ڏيندين.
(7) هتي توکي فقيرن سان اٿڻ ويهڻ جي اجازت آهي.پر، ان مان اهو خدشو آهي تہ اُهي پوءِ تنهنجي اولاد سان ڳنڍجي ويندا. ان ڪري، توکي اها بہ اجازت نہ ٿا ڏيون.

اهڙيءَ طرح، اهي سڀ شرط قبول ڪرڻ کان پوءِ، فقير سليمان شاهہ ڪجهہ وقت "مست" فقير سان گڏ رهي، درگاهہ شريف تي ويو. اتي پير سائين حزب الله شاهہ "مسند ڌڻيءَ" کانئس پڇيو تہ، "ڇا تو مست فقير کان هٿ ورتو آهي؟" سليمان شاهہ عرض ڪيو تہ، "هائو قبلا!" پاڻ فرمايائون تہ، "هُو اُمتي آهي. تو اُمتيءَ کان هٿ ڇو ورتو آهي؟" فقير سليمان شاهہ کين عرض ڪيو تہ، "روضي واري جو فقير ٿي آيو آهيان." پاڻ ڪيس ٻيهر فرمايائون تہ، "تو درگاهہ جي اصول جي خلاف ڪم ڪيو آهي. هاڻي جيڪا غلطي ڪئي اٿئي، اها توکي معاف ٿا ڪيون ۽ واپس موٽي اچ!" فقير سليمان شاهہ عرض ڪيو تہ، "نہ قبلا! ٻولي ۽ ٻاٽ هڪ ٿيندو آهي. اسان جيڏانهن آهيون، تيڏانهن ٺيڪ آهيون." (هيءَ گفتگو پير سائينءَ جن جي روبرو ٿيل ڪانہ ٿي ڏسجي، جنهن جو اظهار سانئلي فقير ڪچهريءَ دوران ڪيو تہ فقير سليمان شاهہ ٻاهر ويٺو رهيو ۽ ڪنهن وچ واري ماڻهوءَ ذريعي ڳالهہ ٻولهہ ٿي.) آخر ۾ پير سائين جن فقير سليمان شاهہ تي ناراض ٿيا ۽ پاڻ فرمايائونس تہ، "اسان هنن تي لعنت وڌي آهي، توهان موٽي اچو." ان جي جواب ۾ فقير سليمان شاهہ هيءَ ڪافي چئي:

جيڪو درد جو ديوانُ سو عريان ڀلو آ،
عاشق جو سِرُ، محبوب تان قربان ڀلو آ.

مولا مُڪو مرسل ڏي قرآن ڀلو آ،
مسلمانو! مؤمنو! ايمان ڀلو آ.

عليءَ جي ذوالفقار کي، جُولان پلو آ،
تنهن ڏُلدل جي هسوار کي، ميدان پلو آ.

ملڪن چيو عزازيل کي، فرمان پلو آ،
(چي) تنهن مخلوق کان، محبوب جو لعنتان پلو آ.

ڏڏن تي ڏاتار جو هي ڏانُ پلو آ،
”سليمان“ کي ديدار جو سو دانُ پلو آ.

فقير سليمان شاهه تي مرشد جو ناراضپو:

فقير سليمان شاهه تي پير سائين ”تخت ڏٺي“ بادشاهه ناراض ٿيا ۽ سندس هٿ بند ڪيائون. ناراضگي ڪهڙي ڳالهه تي ٿي؟ انهيءَ سلسلي ۾ مختلف روايتون ملن ٿيون.

هڪ روايت مطابق هڪ فقير ذات جو ڪانهيو هو (نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي) ان جو درگاهه طرفان هٿ بند ڪيو ويو. اِتان واپسيءَ تي مسافري ڪندو آيو پر جنهن به جماعتيءَ وٽ ويو پئي ۽ کين ٻڌائي پيو ته سندس هٿ بند آهي، ته ڪيس ڪوبه رهائڻ لاءِ تيار نه هو. جڏهن فقير سليمان شاهه وٽ آيو ۽ کيس به سڄي صورتحال ٻڌايائين، ته ان جي باوجود هن اُن فقير کي نه صرف پاڻ وٽ رهايو پر ماني ٽِڪي به کارائي. انهيءَ ڳالهه جي ”چڳل ڏاهريءَ“ جي ڳوٺ وارن کي خبر پئي، ته هنن چغلي هنئي. اهڙيءَ طرح، اها ڳالهه درگاهه تي به پهتي. جڏهن پير سائين جن سفر تي هن علائقي ۾ آيا، ته فقير سليمان شاهه کي گهرايائون ۽ کانئس حقيقت پڇيائون. فقير سليمان شاهه کين صاف حقيقت ٻڌائي ته سائين! هُو جماعتي هو مسافر هو يتيڪيل هو. ان ڪري کيس پناهه ڏنم. تنهن تي پير سائين کانئس ناراض ٿيو ۽ کيس ڪامين کان مار کارايائون. (راوي: فقير مولا بخش ڏاهري، عمر 70_75 سال، ساڪن: ڳوٺ ”محمد موسيٰ ڏاهري“، تعلقو دولت پور).

ٻيءَ روايت ۾ اچي ٿو ته فقير سليمان شاهه، پير سائينءَ جن کي الله سڏيندو هو جيڪو سندس عشق ۽ بي خوديءَ وچان هو. تنهن تي پير سائين جن ناراض ٿيس.

ٽين روايت آهي ته جيئن ته فقير سليمان شاهه پير سائين جن جو سچو عاشق ۽ پروانو هو ان ڪري اڪثر ڪري پيادل درگاهه شريف تي ويندو هو.

جڏهن پير سائين جن کي اها خبر پئي ته ڪيس منع فرمايائون. پر، پاڻ ڪونه مڙيو. ان ڪري ڪانئس ناراض ٿيا.

چوٿين روايت مطابق ته فقير سليمان شاهه کي پنهنجا مرشد تمام گهڻو ڀائيندا هئا. پر، سندس فرق ۾ شامل ٿيڻ جي ڪري ڪانئس ناراض ٿيا.

انهيءَ چوٿين روايت متعلق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ۽ ٻين ڪيترن ئي محققن جو خيال آهي ته انهيءَ ڳالهه جي ڪري ئي سليمان شاهه جو هٽ بند ٿيو ۽ سندس درگاهه تي اچڻ تي پابندي لڳي. جيئن ته فقير سليمان شاهه جو پنهنجي مرشد سان نينهن جو ناتو هو ۽ پاڻ پنهنجي مرشد سان بي انتها محبت ڪندو هو، تنهن ڪري اهو فراق ۽ جدائي برداشت نه ڪري سگهيو. انهيءَ درد، فراق ۽ سوز ۾ پاڻ ڪيتريون ئي ڪافيون چيون اٿائين، جيڪي سندس ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ نظر اچن ٿيون.

عشق سيکاريا ناز نچڻ جا، مست آهيون مشتاق ملڻ جا.

*

”سليمان“ سان پرچ پيارا، سڪ وارن کي ڏي ڳل ڳارا،
ڪر انجام عجيب اچڻ جا.

*

دليئون دلبر! اي ناز پرور! هيءَ ويچاري ڪيم وسارج.
درشن تنهنجو قوت بکين جو، نالي ڏٺيءَ جي مُنهڙو ڏيکارج.
آءٌ اوهان جي لائق ناهيان، پلئه پيس سو ننگ پارج.
دردونديءَ کي در پنهنجي تئون، سانول سائين ڪين لوڏائج.
سوال ”سليمان“ جو عرض اهوئي، هن گداگر سان گڏ گذارج.

*

جوڳي بيراڳڻ آهيان بر ۾، پنهل پنهنجو پرچايان مان،
ڳولي ڦولي جوءِ جتن جي، ڍولڻ پنهنجو ڳل لايان مان.
وار ونگوڙا مُور نه ڪنديس، چوٽيءَ ڦل تنهنجو ڪين پائينديس،
ڦٽي ڪٽي مان سينڌ نه ڪڍنديس، سُرمون مُور نه پايان مان.
عشق تنهنجي پٽيون ٻڌايون، سور سختيون سِرَ تي آيون،
سرتيون چون هلون پيرين پيادي، پاند ڳچيءَ ڳل پايان مان.
تڏي تي منهنجي مرشد ايندو، اچي منهنجا غم ميٽيندو،
سِڪون يار ”سليمان“ کي ڏيندو، پِيرن تي باس ورهايان مان.

❋

مون سان منهنجا سهڻا، هيڪر لاهِ حجاب.
ويٺي وڄايان ۽ ڳڻ ڳايان، رمزن وارا رباب.
ڀِهَر ملڻ جي بلڪل ملندي، هئہ هئہ ڪري ٿو حباب.
سڄڻ "سليمان" کي محب ملڻ جو جانب ڏي نہ جواب.

❋

آءُ چنيسر پيهي، هارُ هَٿين مون ڇڏيو.
داتا تنهنجي در تي، ڪار ڪنديس ڪيهي.
مَڃَ تنهنجي محبت جا، ورهہ وسايا مون ويهي.
منهنجي هن حال جي، معلوم توکي مڙيئي.
سڄڻ "سليمان" سان، نينهن نڀائج نيهي.

❋

ياد ڪريو ڙي جيڏيون، ناهي وَرُ وسرڻ جو.
ڪيچئون ڪوڙي اچن، رنگ ۾ ڪي ڪي رچن،
مون کي منجهان سچن، ساءُ اچي سڄڻ جو.

❋

جيسين محب نہ ملندو تيسين ورهہ پيو وڏندو
ساهہُ "سليمان" جو سڪندو پرين ڏاران ناهي پُرجهڻ جو.

❋❋❋

ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان،
ڏس ڪو ڏانءُ.

روايت ۾ اچي ٿو تہ فقير سليمان شاهہ کي جڏهن خبر پئي تہ سندس هادي، پير سائين "مَسند ڏڻي" جن فلاڻي دعوت ۾ اچي رهيا آهن، تہ پاڻ جامو پهري، ڇيرون پائي، نقاب اوڍي، جتي پير سائينءَ جو دعوت ۾ تنبو لڳل هو ان جي اڳيان اچي وڏي سوز ۽ فراق مان مٿئين ڪافي عشق ۽ مستيءَ جي حالت ۾ سندن اڳيان ڳاتائين. سندس آواز ۾ ايڏو تہ درد هو جو پير سائين "مَسند ڏڻيءَ" ڪافي هلندي پنهنجي فرزند، پير سائين علي گوهر شاهہ "محافي ڏڻي"، جيڪو ساڻن گڏ ويٺل هو کان پڇا ڪئي تہ هيءُ سليمان شاهہ تہ ناهي! سندن فرزند هائوڪار ڪندي کين عرض ڪيو تہ قبلا

سائين! هاڻي سليمان شاهہ تي مهرباني ٿئي. (يعني ڪيس معاف ڪيو وڃي) هوڏانهن فقير سليمان شاهہ ڪافيءَ جو آخري بند:

آءٌ تہ پيارل ڪريون پرچاءِ، ساڻ ”سليمان“ جي سرچاءِ،
لائق ناهيان تہ بہ تنهنجي آهيان.

ڳائيندي، پنهنجو نقاب لاهي، پنهنجون نظرون مرشدن جي چهري مبارڪ ڏانهن ڪري، عشق جي مستيءَ ۾ مستان ٿي، انهيءَ بند کي بار بار پئي ڳايو. مرشد ڪريمن مسڪرائي، کيس پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو ۽ فقير يڪدم وڃي سندن قدم مبارڪن تي ڪِريو تہ پاڻ هڪدم فقير سليمان شاهہ کي ڪٺي سيني سان لاتائون. انهيءَ دعوت، جنهن ۾ فقير سليمان شاهہ کي معافي ملي، تنهن لاءِ پڻ مختلف روايتون موجود آهن. هڪ روايت جو راوي فقير مولا بخش ڏاهري (عمر 70 سال، رهندڙ ڳوٺ ”محمد موسيٰ ڏاهري“ تعلقو دولت پور) آهي، جنهن مطابق تہ اسان پنهنجي وڏن کان ٻڌو تہ اها دعوت ”سن ساوڙيءَ“ (تعلقي دولت پور) ۾ ڏاڏي حوا، جيڪا فقير محراب ڏاهريءَ جي خاندان مان هئي ۽ پير سائين ”ڪوٽ ڏڀيءَ“ سان جيسلمير جي سفر ۾ گڏ هئي، جي هئي.

بهشتي کوهہ وارو واقعو:

چار حُر، درگاهہ پير پاڳاران تي پڪڙي آندا ويا، جن ۾ هڪڙو فقير سليمان شاهہ پڻ هو. حرن جي ڪارواين جي ڪري، درگاهہ سان منسلڪ جماعت، جنهن کي ”سالم جماعت“ چيو ويندو هو ان ۾ حرن جي خلاف خاص طور تي ”فرق“ وارن خلاف گهڻو تاءُ هو. انهن کي درگاهہ شريف تي اچڻ جي منع هوندي هئي. ان ڪري، اُهي لڪي لڪي پتنگن وانگر پير سائينءَ جي زيارت ڪرڻ ايندا هئا. اهڙيءَ طرح، مٿي ڄاڻايل چار فقير پڪڙيا ويا ۽ درگاهہ تي پير سائين حزب الله شاهہ ”تخت ڌڻيءَ“ جي سامهون حاضر ڪيا ويا.

پاڻ پنهنجي جماعت سان صلاح مشورو ڪيائون، تہ هنن کي ڪهڙي سزا ڏجي؟ ان وقت، پاڻ ڪرسيءَ تي ويٺا هئا ۽ کوهہ پئي کٽايائون. فقيرن عرض ڪيو تہ، ”قبلا! رمضان شريف جو مهينو آهي. کين مار نہ ڪڍائجي، پر کين کوهہ کٽائڻ جي سزا ڏجي.“ پير سائين جن کين کوهہ کوٽڻ جي سزا ڏني. هنن چئني فقيرن چيو تہ: ”جيءُ بسم الله. هوندئن پيا لڪي لڪي زيارت

لاءِ جهاتيون پائيندا هئاسين، هاڻي تہ روبرو ديدار ڪري پيا دل ٺاريندا سين." هونئن بہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ مطابق ـ "سليمان شاهہ وڏيءَ همت وارو هو. نوَ لکي نار اڪيلي سر چاڙهي وٺندو هو." انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ فقير سليمان شاهہ کوهن کوٽڻ ۽ نار چاڙهڻ جو ماهر هوندو هو. بهرحال، اهي چارئي سزا طور کوهہ کوٽڻ جي ڪم ۾ جُنبي ويا. کوهہ کوٽائڻ جي نگراني پير سائين جن پاڻ ڪندا هئا. ان ڪري، هنن فقير سان سندن ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڪچهري بہ ٿيندي رهندي هئي. اهڙيءَ طرح، هي چارئي فقير پيا گد گد ٿيندا هئا.

کوهہ کوٽڻ جي ڪم دوران هڪڙو سيد سڳورو پير سائينءَ جن وٽ آيو ۽ ڪچهري ۾ شروع ٿي ويو. پاڻ فرمايائونس تہ، "بابا! تون هتي ويهي ڪچهري ڪندين، تہ هي فقير بہ ڪچهري ڪندا ۽ ڪم ۾ رڪاوٽ پوندي. تنهنڪري، هتي ويهين تہ هنن کي ڪم ڪراءِ." هن چيو تہ: "قبلا! آءٌ تہ سيد آهيان، آءٌ اِهو ڪم ڪيئن ڪندس؟" پاڻ فرمايائونس تہ، "جيڪڏهن تون سيد آهين، تہ وڃي پنهنجو ڪم ڪار ڪر." پر، هو وڃي بہ نہ پيو. پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ، "هيءُ چارئي فقير بہ سيد اٿئي ۽ سيئي روزيدار بہ آهن. ڀلي پڇي سگهين ٿو." پوءِ هن سيد سڳوري پهرين کان پڇيو تہ، "تون ڪير آهين؟" هن وَراڻيو تہ، "آءٌ ڪوري آهيان." سانئلي فقير مهر جي روايت مطابق ـ "اهو واقعي ڪوري هو. غالباً ’حمزي جي ڪڏ‘ (نزد ٻانڊي) وارن مان هو ۽ نالو قائم الدين فقير هوس." جيڪو سڀني کان هيٺ هئو ۽ مٽئين کي طبقي بہ طبقي مٽي ڏيندو پئي ويو ان کان پڇيائين تہ، "تون ڪير آهين؟" هن چيو تہ، "آءٌ بہ ڪوري آهيان." جڏهن ڳالهايائين تہ هُن آواز سڃاتو ۽ چيائينس "تون سليمان شاهہ آهين ۽ سيد ٿي ڪري ڪوري ٿو سڏائين؟" سليمان شاهہ وراڻيو تہ، "اهو راز وڃي پير سائينءَ کان پڇ." پوءِ جڏهن پير سائين جن کي خبر پئي تہ سيئي "ڪوري" پيا سڏائين تہ پاڻ فرمايائون تہ، "ابا! ڪورين سان ڪهڙا ليکا. (يعني: ڪوري معنيٰ نئين شيءِ خاص طور نڪر جو ٿانءُ، جيڪو اڃا اُمايو نہ ويو هجي، ان ۾ پاڻي وغيره استعمال نہ ڪيو ويو هجي.) وڃو وڃي روزا کوليو." مطلب تہ پاڻ شايد صرف هيءُ ڏسڻ پئي گهريائون تہ فقير سليمان شاهہ پاڻ کي "سيد" سڏائي ٿو يا نہ؟ ان مان سندس عاجزي، انڪساري ۽ سچي مريد واري جهلڪ نظر پئي آئي. اهوئي سبب هو جو پاڻ پير سائين حزب الله شاهہ "تخت ڌڻيءَ"

فرمايو تہ، ”جنهن ڪوهہ تي ڪورين ڪم ڪيو آهي، ان جو اڄ ڪان نالو بهشتي ڪوهہ آهي.“

اهو سڀ انهن فقيرن جي صدق ۽ منزل جي ڪري هو ڇاڪاڻ تہ اهي ئي سچا ۽ اهلِ دل فقير هئا.

فقير سليمان شاهہ جا طالب:

فقير سليمان شاهہ جا ڪيترائي طالب هئا، جن مان سرِفهرست فقير محمد علي ڏاهري، دودي فقير ۽ فقير ميانداد لغاريءَ جا نالا ملن ٿا. هتي، انهن مان هرهڪ جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

فقير محمد علي ڏاهري: فقير محمد علي ولد محمد اسماعيل ڏاهري هڪ اندازي موجب سن ۱۲۹۶ھ/ 1877ع ۾ ڳوٺ ”مرزا ڏاهريءَ“ ۾ جنم ورتو. سندس ابتدائي زندگي ۽ تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ تفصيل سان معلومات دستياب ڪانہ ٿي ٿئي. فقير محمد علي ڏاهري کوهہ کوٽڻ جو وڏو ماهر هو. سندس کوهہ کوٽڻ واري بيل، جنهن سان کوهہ مان مٽي ٻاهر ڪڍند اهئا، سندس پوٽي فقير ڪمال الدين چواڻيءَ تہ اها بيل اسان بہ ڏٺي، جيڪا موجوده ڪوڏر وانگر هئي، پر ڪوڏر کان تمام وڏي هئي. فقير محمد عليءَ کي بہ ٻيا ڀائر محمد ايوب ۽ عبدالمجيد هئا. ٽنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ تمام گهڻو قرب ۽ پيار هو. فقير صاحب ابجد جو بہ تمام وڏو ڄاڻو هو. فقير حفيظ الرحمان، جيڪو سندس پوٽو آهي، ٻڌايو تہ ڏاڏي ڳالهہ ڪندي هئي تہ هڪ دفعي فقير صاحب حساب ڪري ٻڌايو تہ اسان ٽئي ڀائر هڪ ٻئي پٺيان جهان ڇڏي وينداسين ۽ توهان ٽئي ڄڻيون وچي ٻيا نڪاح ڪندؤ. جلد ئي اها ڳالهہ سچ ثابت ٿي ۽ 1918ع واري طاعون جي بيماريءَ ۾، جيڪا ”ساٽي“ طور مشهور آهي، هيءُ ٽئي ڀائر هڪ ٻئي پٺيان نوجوانيءَ ۾ معصوم ٻار ۽ نوجوان گهر وارين کي ڇڏي، ٻئي جهان ڏانهن راهي ٿيا. اهڙيءَ طرح، سندن گهر وارين وچي ٻيا ليکا ڪيا. فقير محمد عليءَ کي بہ پُٽ ڪنڀو فقير ۽ محمد صالح ٿيا.

ڪنڀو فقير 1914ع ۾ ڄائو. سندس وقت ۾ درگاهہ فقير سليمان شاهہ جو گادي ڌڻي، سخي شاهہ محمد شاهہ (اول) هو. جيڪي بہ فقير فقراءَ سائين سليمان شاهہ جي درگاهہ تي زيارت ڪرڻ ايندا هئا، تہ ڪنڀو فقير انهن جي

خدمت ڪندو هو. کين ننگر ڪرائيندو هو ۽ سمهڻ لاءِ هنڌ بسترا وغيره به ڏيندو هو. درگاهه سان گڏوگڏ جيڪا ننڍڙي مسجد آهي، سا پهريائين ڪچي مٽيءَ جي ٺهيل هئي ۽ جڏهن اُها شهيد ٿي پئي ته ڪنٻي فقير اُن مسجد کي نئين سر ساڳين بنيادن تي پڪو ڪري ٺهرايو. پاڻ ان مسجد شريف ۾ نماز پڙهندو هو ۽ سيوا به ڪندو هو. فقير سليمان شاهه جي سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي ڪنٻو فقير خدمت ۾ پيش پيش هوندو هو. درگاهه تي رڌ پچاءَ لاءِ ڪاٺيون ۽ سيڌو پاڌو گڏ ڪرڻ ۽ جماعت ڏانهن دعوت موڪلڻ جو بندوبست ڪندو هو. ٻارهي جي موقعي تي فرق جماعت جا فقير ايندا هئا، ته اهي پاڻ سان گڏ ڇيلا، گابا وغيره ڪاهي ايندا هئا. اهي فقير ٻئي ڪنهن جي هٿ جو ڪُٺل/ حلال ڪيل جانور نه کائيندا هئا ۽ اُهي پاڻ ڪُهي کائيندا هئا. اُنهن فقيرن کي پنهنجي اوطاق تي رڌ پچاءَ جي هرڪا سهوليت مُيسر ڪري ڏيندو هو. ان موقعي تي ڏُور دراز علائقن، خاص ڪري عمرڪوٽ، ٿر، اَڇڙي ٿر، گونگي ٿر کان فقير ايندا هئا، ته ڪنٻو فقير انهن سيني فقيرن کي صابڻ ۽ تيل ڏئي تڙ ڪرائيندو هو.

ڪنٻو فقير، پير سائين سورهيه بادشاهه جي حُر تحريڪ جو اکين ڏٺو شاهد هو. هُن پنهنجي وڏي فرزند محمد عليءَ کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ محمد صالح سان گڏ 1965ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ واري محاذ تي موڪليو هو. ڪنٻو فقير پاڻ به 1968ع ۾ پير سائين پاڳاري جي حڪم مطابق، ڏاڙيل ڪاري ماڇيءَ، جنهن خدا جي مخلوق کي تمام گهڻو ستايو هو، سان مقابلي لاءِ ويو هو ۽ انهيءَ مقابلي ۾ اهو مذڪور ڏاڙيل مارجي ويو هو. 1971ع واري پاڪ ڀارت جنگ ۾ پنهنجي ٻئي نمبر فرزند فقير امام بخش کي حُر مجاهد فورس سان گڏ محاذ تي موڪليائين. ڪنٻي فقير به حج ڪيا. پهريون حج 1992ع ۾ ٻيو حج 2003ع ۾ ادا ڪيائين. پهرئين آڪٽوبر 2003ع تي روڊ حادثي ۾ شهادت جو جام پيتائين. کيس ست فرزند ٿيا. محمد علي، امام بخش، رحيم بخش، ڪمال الدين، حفيظ الرحمان، منظور علي ۽ خادم حسين.

ڪنٻي فقير جي وفات کان پوءِ، فقير سليمان شاهه جو ٻارهو ڪرائڻ، جماعت جي خدمت ڪرڻ سان گڏ، پير سائينجن جي خليفن ۽ فقير سليمان جي گادي نشين جي خدمت سندن فرزند فقير ڪمال الدين جي ذمي آهي. فقير ڪمال الدين ۽ سندس ڀائر، اج به پنهنجي والد صاحب واري اها ساڳي ڊيوٽي بخوبي سرانجام ڏئي رهيا آهن.

دودو فقير: چوڻ ۾ اچي ٿو تہ دودو فقير شروع ۾ چور هو. فقير سليمان شاهہ رياضت/ عبادت لاءِ روزانو مقام ڏانهن ويندو هو. منهنجي تحقيق مطابق، اهو مُقام ”عزت شاهہ وارو مُقام“ آهي، جيڪو تمام وڏو ۽ قديمي قبرستان آهي. ان جي ويڪر بہ فرلانگ ۽ ڊيگهہ چار فرلانگ ٿيندي. ان مُقام جي قبرن ۾ استعمال ڪيل سِرُن مان پتو پوي ٿو تہ اهو مُقام ڪلهوڙن جي دؤر کان بہ اڳ جو آهي. سيد عزت شاهہ، فقير سليمان شاهہ جي وڏي ڏاڏي، سيد يعقوب شاهہ جو ڀاءُ هو. هن مُقام ۾ واقع سيد عزت شاهہ جي مقبري ۾ ساڻس گڏ سائين سليمان شاهہ جو ڏاڏو موريل شاهہ مست بہ مدفن آهي. اهو قبرستان ”قلن“ کان ”مَسُر جي واءِ“ واري روڊ (جنهن کي ٽپال/ تار وارو رستو چيو ويندو آهي) تي ”قلن“ کان ڏهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اولهندي طرف روهڙي ڪئنال تي ”ويسر جي موري“ جي اولهہ پاسي موجود آهي. فقير سليمان شاهہ انهيءَ گهاٽي جهنگ واري قبرستان ۾ اچي عبادت ۽ رياضت ڪندو هئو. هڪ دفعي انهيءَ رستي ۾ دودو سندس گس تي ڪهاڙي ڪٽي جهنگ وڍي رستو ٺاهڻ لڳو. رستو ٺاهيندي اتان فقير سليمان شاهہ اچي لانگهائو ٿيو. کيس ڏسي دودي چيو تہ ”سائين! مون توهان جي اچڻ وڃڻ لاءِ مُقام جو رستو ٺاهي صاف ڪري ڇڏيو آهي.“ فقير سليمان شاهہ جواب ۾ وراڻيو تہ ”تو منهنجي لاءِ مُقام جو رستو ٺاهي صاف ڪيو آهي، پر مون تنهنجو رستو الله جي حضور تائين ٺاهيو آهي.“ چون ٿا تہ دودي انهيءَ کان پوءِ چوريون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون ۽ فقير سليمان شاهہ جو طالب ٿي پيو ۽ اهڙو فقير ٿيو جو رات جو کوهہ جي مٿان جهليون/ جهلڻ ٺاهي عبادت ڪرڻ لڳو. هڪ دفعي دودي کي فقير سليمان شاهہ چيو تہ ”دودا! هاڻي هتان اسان جي الله واهي آهي، سڀاڻي نہ پرينهن موڪلاڻي آهي.“ تنهن تي دودي فقير کين چيو تہ سائين! منهنجي وري سڀاڻ، ڇو تہ مرشد کان اڳ وڃڻ ڀلو آهي. اهڙيءَ طرح، هڪڙي ڏينهن دودي فقير چولو ڇڏيو تہ ٻئي ڏينهن فقير سليمان شاهہ جامو مٽايو.

فقير ميانداد لغاري: فقير ميانداد لغاري، ڳوٺ ”جعفر خان لغاريءَ“ (شهدادپور کان 8 ڪلوميٽر سانگهڙ روڊ تي واقع آهي) ۾ خير محمد لغاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ جعفر خان لغاريءَ جو پڙ پوٽو (ميانداد پٽ خير محمد پٽ علي محمد پٽ جعفر خان) هو. فقير جوانيءَ ۾ وڏو پهلوان ۽ ڏاڍو سهڻو جوان

هوندو هو ۽ اردو پڻ هو. پنهنجي هڪ جوڳ ڏاندن جي هئس. پاڻ ڪيڙيہ، پاڻ ڪاڻ وارو ماڻهو هو. اڃان شادي بہ ڪانہ ٿي هئس، تہ هڪ وقت آيو جو اچانڪ ائين ٿئي ڏاند خيرات ۾ ڏئي نڪري پيو. فقير ڪي سائين سليمان شاھ جي عشق جي اهڙي اچي لئؤ لڳي، جو پنهنجا عزيز قريب، مٽ مائٽ سڀ ڦٽا ڪري، دنيوي لڳ لاڳاپا لاهي، مال ملڪيت ترڪ ڪري، سندس اچي طالب ٿيو ۽ سائينءَ سان گڏ ڳوٺ ”جعفر وڳڻ“ ۾ اچي رهيو. فقير سليمان شاھ ڪي پنهنجو طريقت جو استاد ڪري، دنيا جا سڀ لاڳاپا لاهي، هڪ خدا جو طالب ٿي ويهي رهيو. فقير ميانداد پنهنجي مرشد جي زندگيءَ تائين سندس خدمت ۾ رهي، طريقت جون سڀ منزلون طئي ڪري، رچي لال ٿيو. پنهنجي مرشد جي وصال کان پوءِ ڪجھ وقت ”جعفر وڳڻ“ ۾ رهڻ کان بعد، اتان ١٣٦٢ھ / 1924ع ڌاري پنهنجن ٻالڪن، سومر ڪوري (ڪاسائي) ۽ خميسي ڦلپوٽي سان گڏ اچي ”پير ڳوٺ“ ڀرسان ”ڪوٽ مير محمد خان“ ۾ لوڙهو هڻي، گوشي نشين ٿي ويٺو. سڄي عمر اتي ئي گذاري ڇڏيائين ۽ ڪيڏانهن ٻاهر ڪونہ نڪتو. فقير سائين لنگ، يعني: هڪ چادر ۾ هوندو هو. تمام گهٽ خوراڪ واپرائيندو هو. سُڪل مانيءَ جو ٽُڪر پاڻيءَ ۾ ڀُسائي کائيندو هو. ننڊ بہ تمام گهٽ ڪندو هو. ائين ويٺي ڪا جُهٽڪي آئي تہ ٺيڪ، نہ تہ بس.

فقير ميانداد پنهنجي حياتي پاڻ نمائڻ، نفس ڪي مارڻ ۽ مرشد جي سڪ ۽ عشق الاهيءَ ۾ گذاري. ڪيس خود آگاهي ۽ خدا آگاهي حاصل هئي. پاڻ فنا في الشيخ هو. مرشد جي ذات کان سواءِ وٽس ڪجھ هئوئي ڪونہ. هن جيڪا نماز نيتي هئي، سڄي زندگي ان مان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪتو.

”ڪوٽ مير محمد“ جي ڀرسان ڪٽپر فقيرن ۾ پير سائين سورهيہ بادشاھ جي دعوت هئي. ان دعوت ۾ وڃڻ لاءِ فقير ميانداد جو ٻالڪو سومر فقير ڪاسائي دعوت تي تيار ٿيو. مرشد جي اجازت سان جڏهن فقير دعوت ۾ پهتو تہ پير سائين جن پڻ ان وقت محافي مان اچي لٿا. پاڻ اندر وڃي فوراً پڇيائون تہ هت ميانداد فقير لغاريءَ جو ڪو ٻالڪو آيل آهي، ان ڪي وٺي اچو. ٻاهر سڏ ٿيا تہ ميانداد فقير لغاريءَ جو ٻالڪو حاضر ٿئي. سومر فقير وڃي حاضر ٿيو. ڪانئس سورهيہ بادشاھ پڇيو تہ، ”فقير! تون خوش آهين؟ تنهنجو مرشد ميانداد فقير خوش آهي!“ هن عرض ڪيو تہ، ”قبلا! هائو.“ ڪيس فرمايائون تہ، ”ميانداد فقير ڪي اسان جا سلام ڏجانءِ!“ ايتري ۾ لنگر

جي ڊولي اندر آئي. ان مان پير سائينءَ جو ڏاڪون نڪتو. پاڻ اها ڊولي فقير کي ڏياريائون ۽ چيائون تہ وڃي پنهنجي استاد کي بہ کاراءِ! پوءِ سومر فقير کاسائي جڏهن فقير ميانداد سائينءَ کي اها ڳالهہ ٻڌائي، سلام ڏنا ۽ ڊولي بہ اڳيان رکي، تہ ميانداد فقير کيس فرمايو تہ، ”نانگا! اسان مرشد جي صورت پاڪ هن دل ۾ ويهاري ڇڏي آهي، بس پاڻ ٿا پنهنجا قرب ڪن. باقي ميانداد تہ ويچارو گهڻو وقت اڳ مري ويو آهي.“

فقير ميانداد توڪل جو صاحب هو. رزق رزاق تي، باقي وٽس ماني ڪانہ پچندي هئي. البت، جي ڪنهن کي خبر پئجي ويندي هئي تہ فقير وٽ ڪو ماڻهو آيو آهي، تہ ماني کڻي ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ محمد فقير کٽياڻ پنهنجن ڳاٽن ۽ ٻالڪن جي ٽوليءَ سان گڏ هلندڙ ڦرندڙ هو. سيڌو سامان سڄو پاڻ سان کڻي هلندو هو. محمد فقير، پير صاحب پاڳاري جو مريد هو سو درگاهہ تي پنهنجن ٻالڪن کي چيائين تہ ”هاڻي فقير ميانداد وٽ ٿا هلون ۽ سڀ سيڌو سامان سنڀالي کڻو جو فقير وٽ ماني ڪانہ ٿي هلي. هُو پاڻ توڪل تي ويٺو آهي.“ جڏهن فقير وٽ آيا تہ محمد فقير ٻالڪن کي وڏي آواز سان چيو تہ ”هت فقير وٽ ترسنداسون. اوهين سيڌو پاڌو ڪڍو ۽ مانيءَ جي تياري ڪريو.“ تڏهن فقير ميانداد، کٽياڻ فقير کان پڇيو تہ ”تون سڀ سيڌو پاڌو سنڀالي پاڻ سان ٿو کڻين؟“ فقير کٽياڻ چيو تہ، ”سائينَ! هائو. سڄو سيڌو ساڻ آهي.“ فقير ميانداد پڇيس تہ ”اٽو بہ آهي ۽ چانور بہ آهن؟“ محمد فقير چيو تہ ”هائو.“ فقير وري پڇيو تہ ”سڀ ٿانوَ ٿپا، مرچ مصالحا بہ کنيا اٿئي“؟ چيائين تہ ”هائو.“ فقير وري پڇيو تہ ”گيهہ تيل بہ ساڻ اٿئي؟“ چيائين تہ ”هائو.“ فقير وري چيس تہ ”تئو دانگي بہ ساڻ اٿئي؟“ فقير چيو تہ ”هائو.“ اتي ميانداد فقير چيس تہ ”تڏهن مُنهن کي تيل مَلي دانگي گهمائي ڇڏ. جو تنهنجو اڃان پنهنجي الله تي ايترو بہ ڀروسو ڪونهي، تہ هو رزاق آهي ۽ توکي رزق ڏيندو!“

اڃا ٿوري دير گذري، تہ ڪي شاديءَ وارا پلاءَ جي ديڳ کڻي فقير ميانداد وٽ آيا. جنهن تي پاڻ کٽياڻ فقير کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ، ”ابا محمد! رزق آيو آهي، هاڻي فقيرن کي کاراءِ“ چون ٿا تہ فقير جي ان تنبيهہ کان پوءِ، محمد فقير وري سيڌو سامان ۽ ٿانوَ ٿپا پاڻ سان گڏ ڪين کنيا. ايتري قدر جو پنهنجي گبريءَ (ڀهراڻ) ۾ پيل اڳيون ڪيسو بہ ڦاڙي اڇلي ڇڏيائين.

الهڏني مگريي کان روايت آهي تہ اسين ميانداد سائينءَ وٽ ويندا هئاسون. هڪڙي ڏينهن محمد فقير ڪٽياڻ پنهنجي فقراءَ سميت لوڙهي ۾ آيو. فقير ميانداد سائين انهن سان مليو ۽ مرحبا ڪيائين. فقير ميانداد وٽ تہ ڪابہ شيءِ ڪاڏي پيتي جي رکيل ڪانہ هوندي هئي. جيڪا بہ شيءِ ڪو ماڻهو آڻيندو هو تہ ويٺل ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. گهڻو وقت گذريو تہ محمد فقير ڪٽياڻ پنهنجي فقيرن کي چيو تہ هڪ جاءِ تي ويٺي ڪنگ بہ بک مرندا آهن. فقير ميانداد سائين پنهنجو مُنهن ڦيري چيو تہ بازار ۾ ڪيئي ڪُتا ڀونڪندا وتندا آهن. بس ايتري ۾ مير غلام حيدر ٽالپر مڻ واري ديڳ زردي جي، مير مريد احمد ٽالپر اڌ مڻ ديڳ تانهري ڳڙ واري ۽ روچو مل هندو اڌ مڻي ديڳ پلاءُ جي هڪ ئي وقت لوڙهي ۾ ڪٺي آيا. فقير ميانداد سائينءَ چيو تہ ويٺل فقيرن کي کارايو ۽ پاڙي وارن کي ۽ ٻين کي بہ سڏي کارايو. پاڻ هڪ چانور بہ ڪونہ کاڌائين. پوءِ محمد فقير ڪٽياڻ، فقير ميانداد سائينءَ ڏي نهاري چيو تہ جهڙي تنهنجي توڪل ٻُڌيسون، تهڙي ڏٺيسون. مالڪ جو توسان وڏو قرب آهي.

سگهڙ محمد بخش ڪلهوڙي (ضلعي خيرپور) کان روايت آهي تہ غلام حيدر موچي چوندو هو تہ ميانداد فقير وٽ ٻہ ڪتاب، هڪ "قوت العاشقين" ۽ ٻيو "حاتم طائي" رکيل هوندا هئا. جيڪو بہ وٽس پڙهيل مسلمان صحبت ڪرڻ لاءِ ايندو هو تہ کيس چوندو هو تہ "قوت العاشقين" ڪتاب پڙهي ٻڌاءِ، جيڪو تصوف تي لکيل آهي. جيڪڏهن هندو پڙهيل ايندو هو تہ کيس چوندو هو تہ "حاتم طائيءَ" جو ڪتاب پڙهي ٻڌاءِ. هو ويٺا پڙهندا هئا. فقير پنهنجي دم قدم ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول هوندو هو. پڙهڻ وارا ائين سمجهندا هئا تہ فقير اسان جو پڙهڻ ٻڌي رهيو آهي. خاص ڪري، اهي ڪتاب تڏهن رکيا هيائين تہ جيئن آيل ماڻهو ناراض ٿي نہ وڃن، تہ فقير اسان سان صحبت نٿو ڪري ۽ جيڪا يار سان تار ڳنڍيل آهي، سا زماني جي ڳالهين ڪري متان ڪٽجي پوي. فقير ميانداد سائين ڪڏهن بہ نندٻ کي تسليم ڪونہ ڪيو ۽ سڀني ماڻهن کي جيڪي اچي لوڙهي ۾ سمهندا هئا، تن کي جاڳڻ ۽ دم قدم جي هدايت ڪندو هو.

فقير ميانداد سائين پهريائين انهيءَ موجوده لوڙهي کان اولهہ طرف "ڪوٽ مير محمد خان" ۾ روچو مل هندوءَ جي ٻہ منزلي جاءِ ۾ رهندو هو. روچو مل جي فقير ميانداد سان تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت هئي. انهيءَ

وقت فقير سائينءَ سان گڏ، سندن خاص خدمتگار ـ سومر فقير ڪوري، جنهن کي پارهه "نانگو" سڏيندا هئا، هميشہ خدمت ۾ رهندو هو. ان وقت، ان علائقي ۾ هر سال درياءَ جي ليٽ ايندي هئي. پر انهيءَ سال برسات بہ تمام گهڻي پئي. هيٺان ليٽ جو پاڻي ۽ مٿان برسات، جنهن ڪري شهر جون جايون ڊهڻ لڳيون. فقير سائين جنهن جڳهہ (روچو مل واري) ۾ رهندا هئا، اها بہ ڊهي پئي هئي. انهيءَ وقت مير مريد احمد ٽالپر، فقير سائينءَ کي وٺي پنهنجي جاءِ ۾ آيو ۽ فقير سائينءَ کي اتي لوڙهي جي حد (موجوده جاءِ تي) مقرر ڪري ڏنائين ۽ چوڌاري پٽ ۽ ڪجين جي چڙهين جي ڪنڌي عالم پناهہ ڪري ڏنائين.

مير مشتاق حسين ٽالپر، وينل ڳوٺ "ڪوٽ مير محمد خان" کان روايت آهي تہ هُن پنهنجي چاچي مير مريد احمد خان ٽالپر کان ٻڌو تہ سيد امام علي شاهہ بخاري، جيڪو سيد ڪوڙل شاهہ بخاري "مست" الرن واري جو پاءُ هو سو پنهنجي شهر "الرن" مان اِهو خيال ڪري نِڪتو تہ اڄ فقير ميانداد جنهن تڏي تي ويٺو هوندو تہ مان بہ انهيءَ تڏي تي جُتيءَ سوڌو وڃي ويهندس. سيد امام علي شاهہ جڏهن لوڙهي ۾ آيو ۽ فقير سائين کي ڏٺائين تہ ٻنهي جي نظرن جو ڪرنٽ ملي ويو. ايتري ۾ سيد امام علي شاهہ جُتي لاهڻ شروع ڪئي، تہ ميانداد فقير کيس چيو تہ شاهہ صاحب! انهيءَ جُتيءَ کي نہ لاهيو. اوهان جيڪا دل ۾ اميد ڪري آيا آهيو سا پوري ڪيو. اها جُتي آهي، جيڪا نبيءَ ڪريم (ﷺ) جن سان گڏ معراج تي بہ هئي. پوءِ سيد امام علي شاهہ وراڻيو تہ فقير مياندادا! بيشڪ تو الله پاڪ کي رِيجهايو آهي. مون جيڪو دل ۾ خيال ڪيو هو سو انهيءَ جي خبر اوهان کي اڳ ۾ پئجي وئي. *

فقير ميانداد سائينءَ جا ڪيترائي ٻالڪا ۽ طالب هئا، جن کي فقير سائينءَ وٽان درويشي ۽ فقيريءَ جي واٽ ملي. انهن مان هيٺيان مشهور ٿيا: بهادر فقير لغاري◆ (ڳوٺ "ڪامل لغاري"، شهدادپور)، سومر فقير هنگورو (1894ع ـ 1955ع)، سومر فقير ڪوري (ڪاسائي) عرف "نانگو فقير" (جيڪو سندن صحبت ۾ تمام گهڻو عرصو رهيو. مدفون: ڳوٺ ٿل واهڻ،

---

* . فقير ميانداد لڏ اريءِ بابت آيل روايتون سگهڙ عبدالرحمان مهيسر جي ڪتاب "فقير ميانداد سائين تارڪ بابت روايتون" مان اخذ ڪيون ويون آهن. (مرتب)

◆ . بهادر فقير جي احوال لاءِ ڏسو ضميمو (1)

ڦلپوٽا نزد پريالوءِ، ضلعو خيرپور ميرس)، خميسو فقير ولد محمد حيات ڦلپوٽو (ويٺل ڳوٺ ۾ مدفن: ڦل واهڻ تعلقو خيرپور ميرس)، غلام حسين فقير چنڊ، صديق فقير عرف فقير غلام حيدر موچي (ڪلري، پير ڳوٺ) ۽ لال فقير ڪيريو (هيءُ فقير سائينءَ جو پيارو ٻالڪو هو. هن جي ميانداد فقير سان تمام گهڻي محبت ۽ عشق هو. انهيءَ ڪري، پاڻ فقير سائينءَ سان گڏ لوڙهي ۾ اچي ساڻس گڏ رهيو ۽ واپس ڳوٺ نه ويو. پاڻ اصل ۾ "ٻانڊي" شهر ضلعي نواب شاهه جو رهاڪو هو. سندس فرزند صلاح فقير ۽ ڀائٽيو علي محمد وٽس ايندا هئا، پر فقير انهن سان ڳوٺ واپس هلڻ کان انڪار ڪيو.)

فقير ميانداد سائين ۶ شوال ۱۳۵۶هه/ 31 ڊسمبر 1937ع تي "ڪوٽ مير محمد" ۾ لوڙهي اندر هن فاني جهان کان بقا واري جهان ڏانهن راهي ٿيو. فقير سائين لوڙهي اندر چاليهه سال رهيا، جن مان 26 سال "جعفر وڳڻ" ۾ رهيا. ۱۳۴۲هه/ 1924ع ۾ وڳڻ واري لوڙهي مان شڪدفني يعني ڍڪجي "ڪوٽ مير محمد خان" ۾ اچي لٿا ۽ باقي 14 سال "ڪوٽ مير محمد" ۾ لوڙهي اندر گذاريائون، جيڪو لوڙهو سندن آخري آرامگاهه آهي.

فقير ميانداد جي وصيت هئي ته منهنجا پير ڏکڻ طرف نه ڪجو جو ڏکڻ ۾ درگاهه شريف آهي. سگهڙ عبدالرحمان مهيسر، "فقير ميانداد سائين 'تارڪ' بابت روايتون" نالي سان هڪ ڪتاب سهيڙيو آهي، جو 2004ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ ڪتاب ۾ مرحوم سومر فقير ڪٽپر (ويٺل ڳوٺ ڪٽپر، نزد ڪوٽ مير محمد خان) روايت ٿو ڪري ته لال فقير ڪيريي "جروار لوڙهي" ۾ اسان کي ٻڌايو ته فقير سائينءَ مون کي وصيت ڪئي هئي ته منهنجا پير ڏکڻ طرف نه ڪرڻ ڏجانءِ، جو بادشاهه سائينءَ (مرشدن) جو شهر ڏکڻ ۾ آهي. پر، تون ياد رکج ته ان ڳالهه تي وڏا ضد ۽ بحث ٿيندا ۽ تون مڙس ماڻهو ٿجانءِ! جڏهن فقير سائينءَ موڪلايو ته شهر جا ماڻهو ۽ مير صاحب اچي گڏ ٿيا. فقير صاحب کي سينگاري جنازي نماز پڙهيائون ۽ قبر ڏکڻ طرف پير ڪري کوٽيائون. مون ڏاڍا واڪا ڪيا ته ڏکڻ پير نه ڪريو جو فقير سائين مون کي وصيت ڪري ويو آهي. پر، ڪير به ڪونه پيو ٻُڌي، نيٺ مجبور ٿي، فقير سائينءَ جي پرسان ويهي ڪيس عرض ڪيم، ته سائين! منهنجي ڪير به ڪونه ٿو ٻڌي ۽ هت سڀ چون ٿا ته ڏکڻ پير ٿيندا. جڏهن آخري ديدار ڪرڻ لاءِ مُلا امان الله ڪوريءَ فقير سائينءَ جو اتر طرف کان ڪفن کوليو ته ڏٺائون ته فقير سائينءَ جا پير اتر طرف ڪٽ تي هئا ۽ منهن مبارڪ ڏکڻ

ڏانهن هيو. پوءِ اهو رنگ ڏسي توبهہ توبهہ ڪيائون. ان بعد قبر اولهہ - اوڀر ڪوٺيائون ۽ چيائون تہ الله وارو فقير آهي، پاڻ جيئن چئي ويو آهي، تيئن ڪيو. پوءِ فقير سائين کي اوڀر پير ڪري رکيو ويو. راقم خود ”ڪوٽ مير محمد خان“ ۾ فقير سائينءَ جي مزار مبارڪ جي وڃي زيارت ڪئي ۽ اهو معائنو ڪيو تہ سندن مزار مبارڪ اولهہ - اوڀر آهي.

فقير ميانداد سائينءَ کي سندن لوڙهي اندر انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ جتي پاڻ ويهندا هئا ۽ ذڪر اذڪار ڪندا هئا، دفن ڪيو ويو. ڪافي وقت کان پوءِ سندس طالب لال فقير ڪيريي، جيڪو ”جروار لوڙهي“ ۾ ڀين حرن سان بند هو تنهن کي فقير ميانداد سائينءَ رات جو خواب ۾ اشارو ڪيو. هيءُ اتان موڪل وٺي، فقير سائين جي ٻئي طالب سومر فقير هنڱوري وٽ آيو ۽ کيس خواب وارو اشارو ٻڌايائين! جنهن چيس تہ فقير سائين چوي ٿو تہ جڳهہ ٺهرايو. پوءِ ٻئي ڄڻا ڳڏجي ”ڪوٽ مير محمد“ ۾ آيا ۽ اڳيون ڪوٺو جيڪو فقير ميانداد جو ٺهرايل هو ۽ فقير پاڻ ان ۾ رکيل هو سو شهيد ڪرائي، نئين سر موجوده جڳهہ جو بنياد رکيو ويو. انهيءَ نئين جاءِ جو بنياد سومر فقير هنڱوري رکيو. لال فقير ڪيريي ڪم ڪار ۾ وڏي همت ڪئي ۽ مالي مدد سومر فقير هنڱوري ڪئي. اهڙيءَ طرح، ڪوٺو ٺهي راس ٿيو. ڪجهہ سال اڳ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب فقير ميانداد سائينءَ جي خانقاهہ تي ڏنل ڪچيءَ چوديواريءَ کي ڊهرائي، پڪيءَ طرح اڏاوت ڪرائي آهي. اتر طرف کان مسافر خانو ان سان گڏ ٻہ ڪمرا، جن کي جدا چوديواري ڏنل آهي ۽ ان سان گڏوگڏ فقير سائين واريءَ ڪوٺيءَ کي اوڀر طرف وڌائي وڏو ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ ماربل لڳايو ويو آهي. اڳوٽيءَ مسجد شريف کي پڻ شهيد ڪرائي، نئين سر تعمير ڪرايو ويو آهي. فقير ميانداد سائينءَ جي خانقاهہ سان گڏوگڏ، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪوشش سان ٽي تعليمي درسگاهہ، هڪ ڇوڪرن جو پرائمري اسڪول، ٻيو نياڻين جو پرائمري اسڪول ۽ هڪ ڇوڪرن جو هاءِ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن.

شادي ۽ اولاد:

فقير سليمان شاهہ، شاديءَ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏو هو. ليڪن، پنهنجي مرشد سيد حزب الله شاهہ ”مسند ڏٽي“/ ”تخت ڏٽي“ جن جي حڪم تي پنهنجي عزيزن مان شادي ڪيائون. ڪين هڪ نياڻيءَ جو اولاد

ٿيو جيڪا پنهنجي سؤٽاٽي سؤٽ سيد سبب علي شاهه کي ڏنائون، جنهن مان سيد نور محمد شاهه ڄائو جيڪو اڳتي هلي فقير سليمان شاهه جو گادي نشين بڻيو. سائين نور محمد شاهه سنڌي چار درجا ۽ ابتدائي ديني تعليم "پورڻ" مان حاصل ڪئي. بعد ۾ "ڪلهوڙا اسٽيشن" ڀرسان ان وقت جي مشهور مدرسي (جيڪو راڄپرن جي "صدر" پاڙي جو هڪ عالم سڳورو هلائيندو هو ۽ اهي قاضي پڻ سڏبا هئا) ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ ۽ وڌيڪ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيا. جتان سترنهن سيپارا حفظ ڪرڻ بعد موٽي آيا. اڳتي هلي، کين پنهنجي چاچي (والد جي سؤٽ) ۽ سهري، سخي شاهه محمد شاهه ڳوٺ "مرزا ڏاهريءَ" ۾ مدرسو کولي ڏنو جتي پاڻ قرآن پاڪ پڙهائيندا هئا. (راوي: ٽڳيل فقير جتوئي عمر 90 سال، رهندڙ قل شهر تعلقو نوشهروفيروز. هيءَ فقير، سائين نُور محمد شاهه جو طالب آهي ۽ سالن جا سال ساڻس گڏ رهيو.) نور محمد شاهه ۲۵ محرم الحرام ۱۴۰۰هه/ 16 ڊسمبر 1979ع تي 80 ورهين جي ڄمار ۾ رحلت ڪئي. کيس چار فرزند ٿيا: خير محمد شاهه (ولادت: 1935ع - وفات: 22 جون 1998ع. فقير سليمان شاهه جي مقبري جي ٻاهران ڏکڻ ۾ مدفون ٿيو)، يعقوب شاهه دوم (ولادت: 1960ع. پاڻ حال حيات آهن)، سليمان شاهه دوم (ولادت: 1957ع - ۱۲ ربيع الاول ۱۴۲۴هه/ 2003ع تي روڊ حادثي ۾ وفات ڪيائين ۽ سيد يعقوب شاهه جي قبرستان ۾ مدفن ٿيو.) ۽ شاهه محمد شاهه دوم (ولادت: 20 جولاءِ 1970ع - وفات: ۴ محرم الحرام ۱۴۳۲هه/ 12 ڊسمبر 2010ع. سيد يعقوب شاهه جي قبرستان ۾ دفن ٿيو.)

وفات ۽ مدفن:

فقير سليمان شاهه ۱۲ رجب ۱۳۱۳ هه/ 29 ڊسمبر 1895ع تي ڳوٺ "مرزا ڏاهري" ۾ وفات ڪئي. سندس وفات متعلق ڳوٺ ۽ آس پاس جي رهواسين وٽ هڪ روايت موجود آهي،* جنهن مطابق پير سائين حزب الله شاهه "تخت ڌڻي" جي واصل بالله ٿيڻ کان پوءِ، سندن فرزند پير سائين علي گوهر شاهه "محافي ڌڻي" جن گاديءَ تي ويٺا. پير سائين "تخت ڌڻيءَ" جي آخري وقت دوران حالتون ڪجهه اهڙي قسم جون ٿيون، جو پاڻ سائينجن ٻاهر دعوتن تي وڃڻ ڇڏي ڏنو هو. پير سائين "محافي ڌڻيءَ" وارن جي گادي نشين

---

*. انهيءَ روايت جي تصديق سانئلي فقير مهر پڻ ڪئي.

ٽيڻ بعد به حالتون ساڳيون ئي رهيون. ڳوٺ "مرزا ڏاهريءَ" جي آس پاس "چونڪي ڪتو" جي ڪن فقيرن پير سائين "محافي ڏٺيءَ" کي دعوت عرض رکي. پير سائينجن تي انهن دعوتين زور ڀريو ته پاڻ دعوت قبول ڪن. پير سائينجن هڪ شرط تي دعوت قبول ڪرڻ جو ميڃيو ته جيڪڏهن سليمان شاهه ذمو کڻي ته ڪجهه به نه ٿيندو ته اسان اچي سگهون ٿا. اهي دعوتي فقير سليمان شاهه وٽ آيا ۽ کيس سڄو احوال ٻڌايائون ۽ مٿس زور آندائون ته هُو اهڙو ذمو کڻي. ياد رهي ته "فرق" وارن حُرن تي فقير سليمان شاهه جو چڱو خاصو اثر هو. ان ڪري، فقيرن مٿس زور بار آندو ته پاڻ "فرق" وارن کي سمجهائي، ته هُو ڪجهه به نه ڪندا. پير سائينءَ سان گڏ جيڪي نوڪر چاڪر ۽ خادم هوندا هئا، انهن مان ڪن تي حُرن کي شڪ هئو ته اهي پير سائين "بنگلي ڏٺيءَ" ۽ پير سائين "مسند ڏٺيءَ" کي پيالي ڏيڻ (زهر ڏيڻ) واري سازش ۾ شريڪ آهن. ان ڪري، هُو هر وقت انهيءَ تاڙ ۾ هوندا هئا ته انهن جو خاتمو آڻجي.

جڏهن پير سائين "محافي ڏٺي" مٿئين دعوتي سفر تي آيا، ته اتي هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو. پير سائينجن جي خادمن مان جنهن تي حُرن کي شڪ هو تنهن کي هنن ماري وڌو. اها خبر جڏهن پير سائينجن کي پئي ته پاڻ خليفي کي گهرائي حڪم ڏنائون ته "وڃو! وڃي سليمان شاهه کي وٺي اچو جنهن واعدو ڪيو هو ته ڪجهه به نه ٿيندو." خليفو صبح جو سوير سليمان شاهه وٽ اچي پهتو ۽ کيس سربستو احوال ڏنائين. سليمان شاهه خليفي کي چيو ته ترسو! اشراق پڙهي، پوءِ هلون ٿا. پاڻ اشراق نماز پڙهي، اوطاق ۾ اچي پيل صندل تي ليٽي، مٿان اجرڪ/ ڪپڙو وجهي سمهي پيو. ڪافي وقت گذرڻ بعد جڏهن خليفي ڏٺو ته سليمان شاهه اٿي ئي نه ٿو ته هن مٿانئس پيل ڪپڙو لاهي، کيس اٿاريندي چيو ته "تون هتي اچي سُمهي پيو آهين ۽ هوڏي پير سائينجن تنهنجو انتظار ڪري رهيا آهن." خليفي جڏهن ڏٺو ته سليمان شاهه هن جهان ۾ آهي ئي ڪونه، ته ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ پير سائينجن وٽ پهچي کين سڄي حقيقت کان آگاهه ڪيائين. پير سائينجن پڻ اهو ٻڌي اچرج ۾ اچي ويا. ان بعد فرمايائون ته "ابا! مئلن سان ڪهڙا ليکا. هلو! ته هلي سليمان شاهه جي نماز پڙهون." ان بعد، پاڻ ڳوٺ "مرزا ڏاهري" آيا ۽ فقير سليمان شاهه جي جنازي نماز پڙهيائون.

فقير سليمان شاهه کي ڳوٺ "مرزا ڏاهري" ۾ سندس قائم ڪيل مسجد جي (ڏکڻ طرف) پرسان دفن ڪيو ويو. هن وقت سندس مزار مٿان ڪوٺو ٺهيل آهي، جنهن ۾ سندس مزار سان گڏ ٻه ٻيون تربتون به آهن. انهن مان هڪ سندس ڏوهٽي ۽ گادي نشين، سائين نور محمد شاهه جي ۽ ٻي سائين نور محمد شاهه جي سهري ۽ چاچي، سخي شاهه محمد شاهه جي آهي.

فقير سليمان شاهه جي وفات کان پوءِ، سندن نياٽو سيد سبب علي شاهه گاديءَ تي ويٺو ۽ ان جي وفات کان پوءِ فقير سائينءَ جي سؤٽ سيد تاج محمد شاهه گاديءَ کي سنڀاليو. سيد تاج محمد شاهه، ڳوٺ "جعفر وڳڻ ۾" فقير سليمان شاهه سان گڏ رهندو هو. هن جي وفات کان پوءِ، سندس ڀاءُ سخي شاهه محمد شاهه گاديءَ تي ويٺو ۽ درگاهه جي خدمت ڪندو رهيو. سخي شاهه محمد شاهه جي وفات کان پوءِ، فقير سليمان شاهه جو ڏوهٽو سندس نور محمد شاهه گادي نشين بڻيو. جنهن بعد سندس وڏو فرزند خير محمد شاهه ۽ هن وقت اُن جو فرزند سيد سبب علي شاهه گاديءَ تي رونق افروز آهي.

سليمان شاهه جا همعصر شاعر:

1. عثمان فقير سانگي، لاڙڪاڻو (متوفي ۱۲۷۹ھ/ 1863ع)
2. خليفو غلام نبي لغاري (متوفي: ۱۲۹۰ھ/ 1873ع)
3. خوش خير محمد فقير هيسباڻي، ٽگر/ ڪروندي (متوفي: ۱۲۹۴ھ/1877ع)
4. سيد مهدي شاهه بخاري، ميرواهه گورچاڻي (متوفي: ۱۲۹۷ھ/ 1880ع)
5. چَتو فقير سانگي، لاڙڪاڻو (1892ع)
6. سيد هادي حسن بخش شاهه ڏُنڙي وارو (متوفي: ۱۳۱۵ھ/ 1897ع)
7. شاهه نصير نوشهرائي (وفات: 1900ع)
8. سيد غلام محمد شاهه "گدا" حيدرآبادي (۱۲۴۳ھ/1827ع - ۱۳۲۲ھ/ 1904ع)
9. صاحبڏنو شاهه بلڙيءَ وارو (وفات: 1905ع)
10. مولوي عبدالقادر "عبدي" (متوفي: ۱۳۲۷ھ/ 1909ع)
11. نواب فقير ولي محمد لغاري، تاجپور (وفات: 1914ع)
12. سيد غلام شاهه، هٽڙي لاڙڪاڻو/ هنگورجا (متوفي: ۱۳۳۷ھ/ 1918ع)
13. مولوي بهاءُ الدين "ٻَهائي" پتافي (۱۲۳۹ھ/ 1824ع - ۱۳۵۲ھ/1933ع)
14. سيد علي اصغر شاهه "علي" ۱۱۷۸ھ/1861ع - ۱۳۵۴ھ/ 1935ع)

15. ٻڍل فقير، شڪارپور (وفات: ١٣٥٨هه / 1939ع)
16. محمد عاقل سومرو "عاقل" (1851ع - 1941ع)
17. نندو ٽالپر

سليمان شاهه جي ڪلام جو جائزو:

فقير سليمان شاهه جي دؤر ۾ "ڪنگري" علم و ادب، شاعريءَ ۽ روحانيت جو مرڪز هو. فقير صاحب جو مرشد، پير سائين "مسند ڏٽي" حزب الله شاهه "مسڪين" فارسي زبان جو بهترين شاعر هو. ان وقت، "پير ڳوٺ" ۾ علم و ادب جون محفلون متل هونديون هيون، جتي بهاءُ الدين "بهائي" پتافي، پير سائين جن جو فرزند سيد علي اصغر شاهه "علي"، مولوي عبدالقادر سولنگي "عبدي"، سيد مهدي شاهه ميرواهه گورچاڻيءَ وارو پير سيد حسن بخش شاهه ڏُنڙي وارو ٻڍل فقير، نندو ٽالپر ۽ ٻيا محفلن ۾ شريڪ ٿي پنهنجو ڪلام پيش ڪندا هئا. انهن محفلن ۾ فقير سليمان شاهه پڻ شرڪت ڪندو هو. فقير سليمان شاهه کي اهو مذڪور سهڻو ۽ بهترين ادبي ماحول مليو ۽ انهيءَ رنگ ۾ رچي ريٽو ٿيو. راقم جو خيال آهي ته فقير سليمان شاهه جي شاعري به انهن محفلن ۾ وڏي ۽ ويجهي هوندي.

فقير سليمان شاهه جي ڪلام ۾ سلاست، فصاحت، رواني ۽ پختگي نظر اچي ٿي. تجنيس حرفي ۽ اندروني قافيي، سندس ڪلام ۾ وڏي سونهن ۽ تاثير پيدا ڪيو آهي. فقير سائينءَ جي ڪلام ۾ بي انتها عجز انڪساري ۽ نماڻائي نظر ايندي ۽ ان سان گڏوگڏ، سندس ڪلام جو هڪ ڇڱو خاصو حصو مرشد جي صفت ۽ ساراهه، عشق ۽ عقيدت سان ڀريل نظر اچي ٿو. عشق ۽ محبت جو مضمون، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، من مارڻ ۽ پنهنجي من ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻڻ پڻ فقير سليمان شاهه جي ڪلام جو حصو آهي.

(الف) شاعريءَ ۾ عشق جو عنصر:

فقير سليمان شاهه جي شاعريءَ ۾ عشق جو سبق ڪجهه سوايو آهي. عشق سواءِ انسان اڻپورو آهي. عشق ئي صادقن، عارفن ۽ ڪاملن جو پهريون ڏاڪو آهي، جنهن ذريعي حقيقي محبوب، پرين ۽ سڄڻ کي پسجي ٿو. سليمان شاهه جي ڪلام ۾ عشق جو عنصر جاءِ بجاءِ ملي ٿو مثال طور:

ٻيو مذهب مان نه ڄاڻان، آهيان عشق جو بندو،
دل ۾ دور پرينءَ سندو مان قرب سان آهيان همدم ڪندو.

⁂

مست ڦران مستان، برهه لڳو برحال سڄڻ جو.
عشق سيڪاريا ناز نچڻ جا، مست آهيون مشتاق ملڻ جا.

⁂

مون ڏي يار ڏيئي مُنج دارُون، عشق سندي آزار جو.

⁂

سدا عشق سندِي بادشاهي آ، بيرنگي رنگ اِلاهي آ.

⁂

فقير سائين فرمائي ٿو ته تو وٽ ڪيترو به علم هجي، هزارين علم سکيل هجين؛ پر جي تو وٽ عشق ناهي، ته تون ڪجهه به نه آهين:

سوين هجنئي علم توڙي هنر هزارين،
ته به نينهن بنا آهين نولو.

جن وٽ عشق آهي، تن کي ڪوبه ڊپ ڊاءُ، خوف خطرو ناهي. پوءِ اُهي پنهنجي سِرَ جي پرواهه بغير، شيرن وانگر گجندا ۽ گڙندا وتندا آهن:

عشق جني کي آهي، خوف تني کي ناهي،
سِرَ جو سانگو لاهي شينهن گجن توڙي گُڙن.

جيڪي عشق کان واقف آهن، تن کي ڪابه جهل پل، نڪي جهلو آهي:

آگهه عشق ”سليمان“ جن جو
تن کي جهلو نڪو آهي جهولو.

جڏهن عشق جو اظهار ٿئي ٿو ته پوءِ کهڙا ڪلور ٿو ڪري، ان جو پتو سندس هيٺين ڪافين مان پوي ٿو:

اهڙو عشق آهي اظهار، ’اناالحق‘ پڙهائي ٿو.
صورت جا ٿو سير ڪرائي، هڪدم ٿو ڦير ڦيرائي،
سر ڪيو سينگار، سو علماءَ اڙائي ٿو.
دين ڪفر ۾ پير پرائي، روزا نمازون ترڪ ڪرائي،
اهڙا ڪيو آچار، تقويٰ ترت تڙائي ٿو.
پنهنجا مڪتب ٿاهيو ٿاهي، مسجد مڙهيون ڊيرا ڊاهي،
حُجرا لک هزار، لحظي منجهه لُڙهائي ٿو.
”سليمان“ اهي ڄاڻ ٿو ڄاڻي ڪي سوري ڪي منجهه گهاٽي
نينهن ڪيو نروار، چوڏهين طبق چڙهائي ٿو.

⁂

ڏاڍا عشق ڪلور ڪرايا تو.
هڪبئي هٿان پٽ جابر جا، ٻڪريءَ وانگي ڪهايا تو.
شيخ صنعان کي تو ئي، سوين سوئر چارايا تو.
سچڻ ”سليمان“ کي تو ئي، سوين سور پڙهايا تو.

(ب) ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ ڏوٿيئڙن جو ذڪر:

سائين سليمان شاهه جي ڪلام ۾ پنهنجن مارن، سانگين، جهانگين ۽ ڏوٿين جو ذڪر جهجهي تعداد ۾ ملي ٿو:

عمر! ادا، ماري ٿي، مارن جي جدائي،
ڪنهن سان سُور سليان، ڪونهي حال پائي.

⁂

واهه ويڙيون ڙي ادا ويڙيون،
ڪَٽِ قيد وارن جون ٻيڙيون.

⁂

مِٺن مارن، تن سانگين سان گڏ گذاريان،
عمر! نامِ خدا مون کي ڏي موڪل.

⁂

جتي پٽيٽن جا پٽڪار، اُتي منهنجا اباڻا.

⁂

سُتي ٿيم سجاڳي، جڏهن آءٌ جاڳي،
سڳر جا سُونهارا، اُتي ياد آيم.

⁂

ماروئڙن جو مذڪور، راتيان ڏينهان روح ۾.

⁂

سوگهو ساهُه ٿيومِ سنگهارن سان،
منهنجي پوري پريت پنوهارن سان.

⁂

عمر! امانت وار سلامت،
پنهوار ملندي هيءَ جا پنهوارن.

⁂

هينئڙو هيڪارون، مارن لئي ماندو ٿيو.

(ج) محبوب جي سونهن ۽ حسن جو تجلو:

فقير سليمان شاهہ جي شاعريءَ ۾ پرينءَ جي حسن، خوبصورتي ۽ سونهن جو تذڪرو پڻ گهڻو ٿڌو ملي ٿو جيئن:

تنهنجي چاهِ زنخ جي چالي، لائي يار لبن لالي.
غبغب جي غباب ۾، ڪيڙئي مست موالي.
واسينگن جيئن وَرَ ڏيو وجهن دل کي دام دوالي.

⁂

زلف لڙهي رخ يار دي، اهو دام هي ميرا،
ابرو ڪِي شمشير سي قتلام هي ميرا.

⁂

حُسن يار! تنهنجي لايا ڪي نظارا،
ڏسي باغ بلبل ڏين ٿا اُلارا.

⁂

تنهنجي حسن جون ڏاڍيون هلائون،
ڪٺاريون عشاقن کي هينئڙي هنيائون،
تنين جو ترس ڪر، وڍيئي جي ويچارا.

⁂

زلف خم خم، پيٺا برابر، ڳُنڊي ڪاڪل، برهہ جي بازر،
جلوي دار جوان، ايڏو آهي اقبال سڄڻ جو.

(د) محبوب جي ديدار جي تڙپ:

فقير سليمان شاهہ جي ڪلام ۾ محبوب، پرين ۽ سڄڻ جي ديدار جي تڙپ ۽ اُڪير پڻ نظر اچي ٿي، مثلاً:

ڪڏهن ڪانگا! ٿيندو ديدار، آڏو يار جي، ڏيو هي اظهار.
چشمن تنهنجن چُور ڪيو ڏاڍو ڪيف پرين ڪلور ڪيو
اِهو عرض عاشق جو منظور ڪيو جڏهن يار ڏسان يڪبار.

⁂

دل منگي ميري هميشہ، دلبرا درسن سدا،
مُحبا! دَمُ مون ڪئون، جيءُ نہ ڪر جاني جدا.

✻

ريءَ رانجهن ڪيئن جيئان،
سرتيون! مرض منهنجي جو ٻيو دوا نہ دارون.

✻

دم دم دوست جا ٿا پل پل پور پون،
اکڙيون روز روئن.

✻

دليئون دلبر! اي ناز پرور!
هيءَ ويچاري ڪيم وسارج.

✻

پوءِ ڇو لڪائين ٿو پاڻَ، رمزن ساڻ گيو دل گولي.

✻

فقير سليمان شاهہ جو ڪلام ٻن نمونن جو ملي ٿو: هڪ صوفياڻو ۽ ٻيو عاشقاڻو. سندن عاشقاڻو شعر بہ ٽن قسمن جو آهي: هڪڙو نج مجازي، ٻيو نج حقيقي ۽ ٽيون مجازي بہ آهي، تہ حقيقي بہ آهي. سندن عشقيہ شعر ڪجهہ تمثيلي پڻ آهي. تمثيلين ۾ عمر مارئي، هير رانجهو سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچيءَ جي روپ ۾ ڪلام ملي ٿو مثال طور:

تاڙا ڏئي تانڪون، هاڙهي منهنجا هوت لنگهي ويا.

✻

نينهن نڏر ٿو ماري، ور ٻاروچا ور!

✻

ڏينهن ٽتو ٻيو ڏونگر، بار برهہ جو ٻيو بر،
ڪهل پوي ڪوهياري.

✻

قسمت ڪرايم هي ڪشالو ٻڏي مان آيس درد دشالو
ملڪ منهنجو ٿئي ڪيچ ڪوهيار.

✻

جهنگ سياليان دي جهوڪ، مينون لائيئي رانجهن.

⁂

ويئي ڳڻ رانجهن تيڏي ڳاوان مئن،
سُرهي سيج وچاوان مئن.

نقير سليمان شاهہ جو صوفياڻو ڪلام پڻ جهجهي انداز ۾ ملي ٿو جنهن جا هڪ ٻہ مثال پيش ڪجن ٿا:

پوش اچي انساني پايئي، صورت جو اچي بيک بنايئي،
تون تہ سچڻ سبحان!

⁂

سدا عشق سندي بادشاهي آ،
بيرنگي رنگ اِلاهي آ.

⁂

لامڪاني لاڏلا، آئين کهڙي عنوان ۾،
چو چاڪؤن پئين، منهنجا سچڻ مڪان ۾.

⁂

توکي گندڙي، ڪتيءَ جي گوڏڙي،
کهڙيءَ رمز ريجهايو تو راءَ کي!

⁂

ميءِ ميءِ خانہ ڪندا عشاق اچن،
الا! ڪٿيو ڪپار ڏين.

⁂

تندن جي تنوار جيجل جاڳايو جندڙو.

⁂

ستي تيمر سجاڳي، جڏهن آءٌ جاڳي،
سڳر جا سُونهارا، اُتي ياد آيم.

(هہ) هادي/ مرشد/ پيرِ مغان کي ريجهائڻ:

فقير سليمان شاهہ جو پنهنجي مرشد/ هاديءَ سان اهڙو نينهن جو ناتو هو جو هر وقت هڪ ئي تات تنوار پرينءَ جي پچار ۽ سڪ جي سنيار ۾ رهيو ٿي. جڏهن ڪانئس سندس مرشد/ پيرِ مغان ناراض ٿئي ٿو تہ سند اندر جي اڪير ۽ تڙپ وڌي ٿي، هُو پنهنجي مرشد ۽ هاديءَ جي ريجهائڻ لاءِ

حيلا ڪري ٿو. ڪيس پرچائڻ لاءِ وت ۽ وس کان وڌيڪ ڪوشش ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڪافيون آهن، جيڪي انهيءَ تڙپ جي نشاندهي ڪن ٿيون، جيئن:

- ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان، ڏس ڪوڏانءِ.
- آءُ چنيسر پيهي، هارُ هٿين مون ڇڏيو.
- سڄڻ! ”سليمان“ کي محب ملڻ جو جانب ڏي نہ جوابُ.
- هن منهنجي هيٺي حال جي، الا! ٻوين شل! ٻاجھ ٻُڪي.
- ويٺي واجهايان، ليئو جو پايان، هيڪر آءُ تون هلي، يار! جاني.
- مون سان منهنجا سهڻا، هيڪر لاهہِ حجاب.
- جوڳي بيراڳڻ آهيان بر ۾، پنهل پنهنجو پرچايان مان.
- ٻيو ٻَرچي نا ٻَرچي، هڪڙو ڍولڻ مون سان سَرچي.

(و) جوڳين جو ذڪر:

سنڌ جي صوفي بزرگن جي ڪلام ۾ جوڳين جو ذڪر ملي ٿو جنهن جي شروعات قاضي قادن ڪئي. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

جوڳيءَ جاڳايوس، سُتو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سالن جا سال جوڳين سان گڏ سير سفر ۾ رهيو. ”رامڪلي“ ۽ ”ڪاهوڙيءَ“ ۾ جوڳين جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو اٿائين. فقير سليمان شاهہ جي ڪلام ۾ پڻ جوڳين جو ذڪر نظر اچي ٿو:

تندن جي تنوار
جيجل جاڳايو جندڙو.
ساز آواز سنگيون، تنهي جي هڪ تار.
تندن ٻي تنوار
جيجل جاڳايو جندڙو.
مست مڙهيءَ ۾ آئيا، ڏچَ ڪري ڏچڪار.
تندن جي تنوار
جيجل جاڳايو جندڙو.
جيڪي سَريو ساميئڙن کي، گنگا ڪئون گرنار.
تندن جي تنوار.
جيجل جاڳايو جندڙو.

سُڻي آيا ”سليمان“ چئي، گُر وڻان گفتار.
تندن جي تنوار،
جيجل جاڳايو جندڙو.

*

جيجان! جوڳين کي سدا ساهُه ساري،
ڪڏهن محب ملندو ڳڻتي تي ڳاري،

*

جوڳي بيراڳڻ آهيان بر ۾، پنهل پنهنجو پرچايان مان.

(ز) دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر:

دنيا فاني آهي، دنيا دم گذر آهي. فقير صاحب فرمائي ٿو ته اي انسان! وقت گذرندو وڃي ٿو توکي خبر نٿي پوي. جيڪي ڪَرڻو اٿئي، اُهو ڪري وٺ! تنهنجو حسن جواني هڪ واءَ جي جهوٽي مثلِ آهي. تون سويل ئي هنڌ بسترا وڇائي سمهي پوين ٿو.

وڃئي ٿي وهاڻي، نه ٿو ڄاڻ ڄاڻي،
صبح جي سخيءَ ڪان، ڏوڙا ڏاج آڻي.

تيسين ٿو تنوارين، جيسين ٿَئِي جُواڻي،
اهو جوڙُ جوڀن، اٿئي واءَ واڪاڻي.

ڪرڻو ٿئي ته ڪج ڪِي هي حڪم ٿئي هاڻي،
اهڙي حسن سان، تون محب ڇو نه ماڻي.

وڇايو وڇاڻا، سنجهي پير تاڻي،
اهڙين افعالين، لڄايئي لنگهياڻي.

سائين سليمان شاهه سُر سنگيت جو ماهر ۽ ڄاڻو هو. سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام موسيقيءَ جي اُصولن موجب چيل آهي. سندس هيٺئين ڪافي انهيءَ ڳالهه جي ساک ڀري ٿي:

ڇَن نا، ڇن نا، ڇَن نَنَ ناز،
نٽ نُورا گهت گهر ميري آيا يار.

(ح) شاعريءَ ۾ حقيقي زندگيءَ جا اهڃاڻ:

سائين سليمان شاهہ جي شاعريءَ ۾ حقيقي زندگي جي اهڃاڻن جو تذڪرو پڻ نظر اچي ٿو. مثال طور:

’ڪن فيڪون‘ ڪوهيارل توسان، انگ الستي ڀاروچل توسان،
’قالو بليٰ‘ جو ڪيئي اقرار.

*

نال مٺڏي دي سهڻي ڪيتيان،
بنهہ نہ وسرن باتڙيان.
’قالو بليٰ‘ دي قول اساڏي،
تن من ۾ تيڏيان تاتڙيان.

(ط) فقير صاحب جي ڪلام تي متقدمين شاعرن جو اثر:

فقير سليمان شاهہ، پير سائين علي گوهر شاهہ ”اصغر“ جي ڪلام کان گهڻو متاثر ٿو ڏسجي. پاڻ ”اصغر“ سائينءَ ٻي ڪافيءَ کان متاثر ٿي، انهن جي پيران ڪيتريون ئي ڪافيون چيون اٿائين، جن مان ڪن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ڀڳڻ هٽي ڀاڻ وڃين، ياڪي يار ٿئين چو.
(علي گوهر شاهہ ”اصغر“)

ڀڳڻ لاتيئي ڀاڻ، رمز اوهان جي رانول رولي.
(سليمان شاهہ)

سال ويا من سڏڪن جي، تن ۾ تنهنجي آهي تات.
(علي گوهر شاهہ ”اصغر“)

تن ۾ اوهان جي تات ۾، هينئڙو منهنجو هجرات ۾.
(سليمان شاهہ)

فقير سليمان شاهہ، عبدالله فقير ڪاتيار (متوفي: ١٢٥٠هہ/1834ع)، جيڪو سيد محمد راشد ”روضي ڌڻي“ (متوفي: ١٢٣٤هہ/1819ع) جو صادق مريد ۽ قادر الڪلام شاعر هو، کان پڻ چڱو متاثر ٿيو. سندس ڪلام ۾ پڻ ڪيتريون ئي اهڙيون ڪافيون ۾ ملن ٿيون، جيڪي هن عبدالله فقير کان متاثر ٿي چيون آهن. جيئن تہ:

منهنجي الغرضي سان اڙي اڙي، دل ديواني ڪئي درسن.
(عبدالله فقير)

❋

دلڙي “سليمان” جي، آهي الغرضي ساڻ اَڙي.
(سليمان شاهہ)

❋

صورت سانگ بنائي آئين، صورت بيک بنائي آئين،
سر سارو اسرار ڇپايئي.
(عبدالله فقير)

❋

پوش اڇي انساني پاتُئي، صورت جو اڇي بيک بنايئي،
تون تہ سڄڻ سبحان.
(سليمان شاهہ)

❋

منهنجا يار سڄڻ ڪنهن سانگي، ڀلي آيون گهوريس،
توتئون صدقي.
(عبدالله فقير)

سانگِي! ٻاروچا آيو ڪهڙي سانگي، تنهنجي قلم قلم تان ٿيان قربان.
(سليمان شاهہ)

❋

جيءُ آئين تون ڀلي آئين، اسان جو ويڙهو دوست وسايو ٿي،
تو در آئي شاديون ٿيئڙيون، پير اڱڻ پرين پايو ٿي.
(عبدالله فقير)

❋

اسان جو آيو آ مرشد امدادي ٿي، شهر ملڪ سڀ شادي ٿي.
ويڙها جايون اڄ سڀ وسن ٿيون، اسان جي اڱڻ تي آبادي ٿي.
(سليمان شاهہ)

❋

صوفي بزرگ محڪم الدين سيلانيءَ جي هڪ ڪافي آهي تہ:

تيڏي اکيان دي وچ جهوڪ، لنؤ لنؤ دي وچ رانجهن وسدا.

فقير سليمان شاهہ انهيءَ هٿين ڪافيءَ کان متاثر ٿي، انهيءَ ساڳئي رنگ ۾ تمام خوبصورت ڪافي چئي ۽ ان ۾ قافيو پڻ ساڳيو ئي آندو اٿائين:

لڳي نيڻ ان والي نوڪ، اور ڪيا ڄاڻي لوڪ.

فقير محمد صلاح دونهي وارو (متوفي ۱۲۷۵هه/1859ع) سچل سائي
جو پيارو پالڪو هو. سندس هڪ ڪافي آهي:

دم دم تنهين دوست جا، مون کي پُور تا پون.

انهيءَ مٿئين ڪلام کان متاثر ٿي، فقير سليمان شاهه هيٺين ڪافي چئي:

دم دم دوست جا ٿا پل پل پور پون، اکڙيون روز روئن.

فقير سليمان شاهه جي ڪلام کان پڻ ڪيترائي همعصر شاعر متاثر ٿيا
سندس ڪافين جي پِران ڪافيون چيائون، جيئن فقير سليمان شاهه جي ڪا
آهي:

بنان نه ڪر خزاني جي، ٿيڻ سلطان مشڪل آ.

مولوي عبدالقادر "عبدي" (متوفي ۱۳۲۷هه/ 1909ع) متاثر ٿي چيو ته:

مِٺي محبوب منور کان، گذارڻ ڏار مشڪل آ،
گذارڻ عمر منجهه عالم، بنا دلدار مشڪل آ.

فقير سليمان شاهه جي هڪ ڪافي آهي:

جيڪو درد جو ديوانُ، سو عريان پلو آ،
عاشق جو سِرُ، محبوب تان قربان پلو آ.

ان جي پِران "عبدي" چيو:

جنهن کي نينهن ڪيو نيشان، سو قربان پلو آ،
جنهن کي عشق ڪيو عريان، سو بريان پلو آ.

- پروفيسر شمشاد احمد سوم

متن

(فقير سليمان شاھ بودلائيءَ جو ڪلام)

بيت*

(1)

پھرين ڏينهن پرينءَ جو، منهنجي دل ڪيو ديدارِ
سوگهو ساهه ڪيو منهنجي جانب جي جنسارِ
قرب سان قتلامِ ڪيائين، هڻي هوت هٿيارِ
سڄڻ جا سينگار، ساريان ”سليمان“ چئي.

(2)

ٻئي ڏينهن تون ٻُڌُ! سنيها ”سليمان“ جا،
گهڻا لايئِي ڏينهڙا، پرين ڀَرانهون پنڌ،
مون کي مولا! محب ملائين، دل سِندو دلبند،
آهي آسابند، سڄڻ ’سليمان‘ جو.

(3)

ٽئين ڏينهن تمايامِ، ڪري نيسارا نيڻَ،
مون کي منهنجي يار جا، ٽيا ورِههَ اندر ۾ ويڻَ،
بنا ديکي دوست جي، ٽيون ڪوءِ خوشيون، ٻَنُ ڪَيڻَ،
ساڳيا آهن سيڻَ، سڄڻ ”سليمان“ جا.

(4)

چوٿين ڏينهن چوانءِ ٿي، پرينءَ ڏي پيغامِ
ورهه جا وجهي ويون، دلبر دل کي دامِ
پورا ڪج پرين تون، جي ڪَيئي اچڻ جا انجامِ
ساري ڏيج سلامِ، سڄڻ کي ”سليمان“ جا.

---

* سائين سليمان شاهه جا هيءَ بيت سانگهڙ مان مختلف راڳي فقيرن - سوڍي ملاح، ڪاشف نظاماڻي، چنيسر خاصخيلي ۽ مولوي عبدالرحمان نظاماڻيءَ کان روبرو ٻڌم. چنيسر فقير خاصخيلي جي چوڻ مطابق، اهي بيت ٽيهن ڏينهن جا هئا، جيڪي سندس استاد ڏتي بخش فقير مڱريي عرف ڏني فقير (رهندڙ لڳ ٻانڊي) کي ياد هئا. ڏني فقير کي فالج ٿي پيو ۽ وفات ڪري ويو.

(5)

سور سيئي سڙي ويا، ٿيا پنجين ڏينهن پٽِي،
مَنُ لُٽيئي منهنجو دانَهَه دست هٽي،
پهري پوش پريت جو آ تون قدم ڪٽي.

(6)

وُٺيون ٿي عشق جون، ڇهين ڏينهن چاٽُون،
درد منهنجي دل تان، لاهِه پرين لاٽُون،
سهي ڪين سَرِيرُ ٿو جهيڻ اندر جهاٽُون،
پوءِ وِندُرُ ٿيندو واٽُون، ايندي سڄڻ يار ”سليمان“ جا.

(7)

مون پڻ منهنجي يار کي، ڪيو ستين ڏينهن سوال،
سينڌ ڪڍيائين سهڻي، لائي لال گلال،
شمس قمر شرمايا، ايڏو سندس اقبال،
حورون پريون حيران ٿيون، ڏسي جانب جو جمال،
.... ساريان ”سليمان“ چئي.

(8)

مون کي منهنجي يار جي، ٿي اَٺين ڏينهن اُداس،
جهونگاريندي جهنگ ۾، آيم آهه الاس،
مون پڻ يار ملڻ جي، باسي هُئي ڪا باس،
سِڪَ گهٽي آ پياس، سڄڻ جي ”سليمان“ کي.

(9)

سور سيئي سڙي ويا، ٿيا نائين ڏينهن نِشَانبر،
سڪندي جو ”سليمان“ چئي، پشتي پيغامبر،
تنهن دوست سندو در، مون کي مولا مُور نہ مٽائين.

(10)

مون کي مولا! محب ملائين، ڏهين ڏينهن ڏاتار،
انگ الستي لکيو ’ڪن فيڪون‘ قول قرار،
مس ميٺڙ جي ناهِ ڪا، توڙي هيلا ڪرين هزار،
پَرَنِ شال پرينءَ سان، منهنجا اَلَستِي اقرار،
وِچان وِٿي وِجهه مَ وار، سڄڻ ”سليمان“ جي.

(11)

يارهين ڏينهن يار کي اَچي ڪيم آهُون،
رَسِيون روبرو در محبوب جي دانهون،
پوءِ ٻَڌِي ٻئي ٻانهُون، ڪيان سڏ ”سيلمان“ چئي،

(12)

مون پڻ منهنجي يار سان، ٻَڌا ٻارهين ڏينهن ٻولَ،
پَرَنَ شال پرينءَ سان، ’قالو بليٰ‘ جا قَولَ،
ماٺهو ڏين مهڻا، آءُ جهليان ويٺي جهولَ،
رنگ پرين رتولَ، اچ عطر مکي آئيا.

(1)

نه ڪا نظر نَفِيءَ ڏي، نه ڪي رُوحيءَ ڏي رازُ
خفيءَ جي خيال جو ڇَڏِ اُڏائي بازُ
صوفي “سليمان” چئي، نڪريا منجهان ناز
اهو سنڀاهج سازُ جيڪو رِيءَ تندين تانَ هٽي.

(2)

نه ڪي سُورُ سَڄيءَ جو نه ڪي ڪُٺيءَ جو خيال،
غير مٽيوئي گُمُ ٿيا. ڪيا نينهن نِهال،
سڀ سيوئي حال، سَرين “سليمان” چئي.

(3)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، جماعتي جرڪن،
ٻڏيو مولهاٿيا مٿن سان، غازي پيا گڙن،
هيڪاندا حبيب سان، سڪندر ساڻ سَرن،
گهٽا گهاٽا گهوٽ سان، نادر ساڻ نِمَن،
صوفي “سليمان” چئي، هاڃا ٿيندا حُرن،
اهي مانجهي ڪين مُڙن، سِرَ جنين جا سٽ ۾.

(4)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ٿيم ڪڪر،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري بادل بَرَ،
ڪرم ۽ ڀرم جو هادي تون سڪندر
‘مسند ڏٺي’ مالڪ جي، آ نگهه مٿي نادر
صوفي “سليمان” چئي، ڪيو الله تو آهر،
ساوا ٿي ويا سَرَ، هاڻي هلو ته هلون هوت ڏي.

(5)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇَڏِ ٽڙي،
ساري هن سنسار مان، تو ڏي ڪو نه لڙي،
نظر جنهنجي ناٿ ۾، سو اٽڪيو ڪو نه اڙي،
جڏهن هي سروپ سڙي، تڏهن الف اثبات ٿئي.

(6)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ بڏي بڏو ڪو ڦاڙ
لنگ لانگوٽي لانگ ڪان، ڇُت اڳيان ٿي ڇَاڙ
ٻڌي چمڙو چيلھ سان، ٻُورا ٿيندين ٻاڙ
ھَڏُ، رَتُ، ميکُون، ڪرنگھ ڪاڙھ، تہ الف اثبات ٿئي.

(7)

اڄ دن سائُون عيد برابر، يار وِڪايم نَين ڏُونهين،
شمس قمر قربان سڄڻ ٿُون، گھول گھتان دل نَين ڏُونهين،
عينان دي وچ عين جو اٽڪيا، چٽڪيا طرفين ڏُونهين،
سوال ”سليمان“ دا منظور ٿيا، ٿيڙا حامي حسن حسين ڏُونهين.

(8)

ڏَن ڪارڻ ڏيءَ ڇڏي، سو راجا ھؤ رُڪُ،
جي نہ هجي ها نقش مومل ڪي، تہ نہ ڪڏائي ها ناٽڪ،
راڻو ايئن ڦري ويو جيئن ڪنير وارو ڇَڪُ،
ٿنهي ڪونهي نَڪُ، تن ڪي ڪهڙو ساراهيان ”سليمان“ چئي.

(9)

پينگھي ۾ پائي ڏنا عشق اوراڻا،
سي تان منهنجي ساھ ڪي سڄڻ سيباڻا،
چوڙيا سي مون چاھ مؤن ٻنڌڻ ٻاراڻا،
ماڻن تي ماڻا، ڪنهن ڪان سڪئين ”سليمان“ چئي.*

---

* پهرئين نمبر کان ستين نمبر تائين بيت، مختلف راڳي فقيرن جي زبانيءَ خواہ بياض حسين شاھ ۽ بياض محمود ڏاهريءَ جي ذريعي مليا. ان ڪان علاوہ، ٽڳيل فقير جتوئيءَ ڪان پڻ روبرو ٻڌا ويا. جڏهن تہ اٺون بيت سانئلي فقير مهر ڪان مليو. فقير، انهيءَ بيت جو پس منظر ٻڌائيندي چيو تہ ڪنهن ماڻهوءَ سليمان شاھ ڪان پڇيو تہ قبلا! اوهان راڻي ۾ چو نہ ڪافيون چيون آهن. تنهن تي پاڻ اهو بيت چيائون. نائون بيت نمبر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب ”سڀ رنگ“ ۾ ڏنو آهي.

ڪافيون

■

وَجُ وڻجاري ساڻُ،
پوءِ متان پشيمان ٿِئين!

جانب جي جهاز ۾، اُڇلي وِجهجُ پاڻ،
پوءِ متان پشيمان ٿِئين!

پوءِ لڳنديون لَهرون، ماريندُئي مهراڻ،
پوءِ متان پشيمان ٿِئين!

سؤدو تنهنجو سونَ جو موتين ڀريا ماڻ،
پوءِ متان پشيمان ٿِئين!

سؤدو ”سليمان“ چئي، ساڏو سُوڏ سُڃاڻ،
پوءِ متان پشيمان ٿِئين!
(سامونڊي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
- ❋ بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران
- ❋ بياض حسين شاهه
- ❋ بياض محمود ڏاهري
- ❋ ٽيون بندُ درگاهہ واري بياض ۾ آيل نہ آهي.
- ❋ حسين شاهه ۽ محمود ڏاهريءَ جي بياضن ۾ هن ڪافيءَ جو ٽلهہ هن طرح آهي:

وج سامونڊين ساڻ، متان پوءِ پشيمان ٿِئين!

■

پِيَمِ دِلِ ٿَرِي،
بندر ڏسي جي بازاريون.

سِڱهَ سُڃاڻي سهڻي يار جا، وِيَمِ سُورَ ڳَرِي،
بندر ڏسي جي بازاريون.

ماءُ! سامونڊي آئيا، جن لاءِ هُيس چَرِي،
بندر ڏسي جي بازاريون.

ڦوڙائي فراق جي، سُڃهي ڳالهه ڳَرِي،
بندر ڏسي جي بازاريون.

سچو! "سليمان" جي، سڀ ڪا ڳالهه سَرِي،
بندر ڏسي جي بازاريون.
(سامونڊي)

مأخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي

■

ڏينهن ٿتو پيو ڏونگرُ، بارُ بِرِهَہ جو پيو بَرُ،
ڳهلَ پوي ڪوهياري

ڳهرَ جي هِن ڳِهٽين ۾، ويچاريءَ ڪي وَرُ
بارُ بِرِهَہ جو پيو بَرُ.

وَسائج وصال جو ڪيچ ڏٽي! ڪو ڪَڳرُ،
بارُ بِرِهَہ جو پيو بَرُ.

آٽي وِڏائين اُتاهين، جتي بنهہ ناهي بَشَرُ،
بارُ برهہ جو پيو بَرُ.

سچڻ! ”سليمان“ ڪي، توري اُڪارِج ٿَرُ،
بارُ بِرِهَہ جو پيو بَرُ.
(ديسي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي
❊ بياض ففير يارمحمد خاصخيليءَ ۾ هن ڪافيءَ جو ٿلهہ هن ريت آهي:
نينهن نڌر ڪي تو ماري، وَرُ ہاروچا وَرُ!
جڏهن تہ ڪافيءَ ۾ ٽي بند آهن ۽ ان جو آخري بند هيئينءَ ريت آهي:
اچي آري، ”سليمان“ چوي، ڪوٽ مٿانهون ڪر.
❊ راڳي فقيرن عالم شر (جهول)، سوڍي ملاح (ڪڏڙو) ۽ ڪاشف نظاماڻيءَ (سانگهڙ) کان روبرو ٻڌل.

■

سا ڪيئن مِرُون مارينda، جا ٻانهي ٻاروچل،
پورهيت خان پنهل.

بچائج بَرَ جي بَدُن کان الا!
ڏئي هوت هڪل،
پورهيت خان پنهل.

ڏيکارين ٽا ڏُکي کي الا!
ٽِڪا ڏينهن طبل،
پورهيت خان پنهل.

لنگهائج سڀ لڪيون الا!
محبت ساڻ منزل،
پورهيت خان پنهل.

آري! رَسُ ”سليمان“ چوي الا!
اڳي کان ازل.
پورهيت خان پنهل.
(ديسي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض حسين شاه.
❊ بياض فقير عبدالرحمان نظاماڻيءَ ۾ هن ڪافيءَ جو ٻيو بندُ زياده آهي، جڏهن تہ حسين شاه واري بياض ۾ ڪُلُ ٽي بندَ آهن.
❊ فقير محمد عمر ڳاهي (لڳ اڄڙو تر) کان مليل هن ڪافيءَ جو ٻيو بندُ هن طرح آهي:
سُجهن ٽا سُڄَ ۾ ٽِڪا تاب طبل.

■

نيِنهُن نِڏر کي ٽو ماري،
وَرُ ٻاروچا وَرُ!

گهُرجي ٿو وو ميان! ويچاريءَ کي وَرُ
وَرُ ٻاروچا وَرُ!

وَسائِج وصال جو ’ڪوٽ ڏٽي‘! تون ڪَگرُ،
وَرُ ٻاروچا وَرُ!
آرِي آچي “سليمان” چٽي، ڪوٽُ مٿانهون ڪرُ،
وَرُ ٻاروچا وَرُ!
(ديسي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض فقير يارمحمد خاصخيلي

◆

يادِ ڪَرِيو ڙِي جيڏيون،
ناهي وَرُ وِسرَڻَ جو.

ڪيچئون گوڙي اچن،
رنگ ۾ ڪي ڪي رچن،
مون ڪي منجهان سچن،
ساءُ اچي ٿو سَجَڻَ جو.

هوتُ مليو ٿم همدم،
گُوندر لَهِي ويا مٽئي غم،
جهليو ويٺي آهيان قدم،
ڏولَ پرينءَ ڏولڻ جو.

لڳي آهي دِيدَ منجهه دِيدَ،
عشق ڪرائي اٿم عيد،
حد مرشد حد مريد،
قصو ناهِ ڪرڻ جو.

ساڻ ازل ڪي نِيندِيس،
پاندُ ڳِچيءَ ڳل پائينديس،
ڪانڌ رهي لائينديس،
مُلڪ لنگهي مرڻ جو.

جيسين محب نہ ملندو،
تيسين وِرَههُ پيو وڌندو،
ساهہ ”سليمان“ جو سڪندو،
پرين ڌاران ناهي پُرجهڻ جو.
(ڪوهياري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ هيءَ ڪافي حسين شاهہ جي بياض تان کنئي وئي آهي.
❊ فقير حبيب الله ڏاهريءَ جي ڳايل ڪافيءَ جو ٿلهہ هن طرح آهي:

ياد ڪيان سي ڪيئن ڪاڪيون،
وَرُ تہ ناهي مون وِسرڻ جو.

جڏهن تہ آخري بندُ هن ريت آيل آهي:

يار جيسين نہ ملندو وِرههُ تيسين پيو وڌندو
ساهہ ”سليمان“ سندو پر وَسُ ناهي پرڻ جو.

❊ هن ڪافيءَ جو ٽيون بندُ ڪلياڻ ڀڳت (شهدادپور) جي موڪليل ڪافيءَ ۾ ڏنل آهي. جڏهن تہ اهو بندُ، حسين شاهہ ۽ محمود ڏاهريءَ وارن بياضن ۾ آيل نہ آهي.

◆

مون سان منهنجا سهڻا،
هيڪر لاهِه حِجابُ.

ويٺِي وَڄايان ۽ ڳُڻَ ڳايان، رَمزن وارا ربابَ،
هيڪر لاهِه حِجابُ.

ٻِهَر ملڻ جي بلڪل ملندي، هئي هئي ڪري ٿو حُبابُ،
هيڪر لاهِه حِجابُ.

سڄڻ! ”سليمان“ کي محب ملڻ جو جانب ڏي نہ جوابُ،
هيڪر لاهِه حِجابُ.
(ڪوهياري)

■

پلي ڏني يار ڏکيءَ کي ڙي اديون،
سِڪَ جي سهڻي سوغات اديون.
سرتيون سِڪَ رِيءَ سُڄَ ٿي پانئيان،
محل مايا ڪير ليکي ڙِي اديون،
سِڪَ جي سهڻي سوغات اديون.
سِڪَ شناخت سڄڻ جي،
مهرئون ڏنئون مون کي ڙِي اديون،
سِڪَ جي سهڻي سوغات اديون.
جَڙَ لڳي اٿم جان ۾،
جيءَ اندر ۾ پئي جُکي ڙِي اديون،
سِڪَ جي سهڻي سوغات اديون.
برههَ وارن جي دل ۾،
دردي ڏُوڏُ ڏکي ڙِي اديون،
سِڪَ جي سهڻي سوغات اديون.
"سليمان" چئي سڄڻ سائين،
پيهي آيو ٻکي ڙِي اديون،
سِڪَ جي سهڻي سوغات اديون.
(ڪوهياري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
هيءَ ڪافي "روضي ڏٺي چيئر"، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس ۾ پيل هڪ قلمي بياض تان نقل ڪئي وئي.

◆

تاڙا ڏئي تانگهون، هاڙهي منهنجا هوتَ لنگهي ويا.

ڏنم تي ڏاگهن جون، لَڳِنِ تان لاٿُون،
هاڙهي منهنجا هوتَ لنگهي ويا.

بُرَنِ بلوچن جون، اُٺَنِ جون اوطاقُون،
هاڙهي منهنجا هوتَ لنگهي ويا.

ڪَٽنڊِيَسِ پيرا پُنهل جا، مِينهَن وَسي ٿيا ماڳُون،
هاڙهي منهنجا هوتَ لنگهي ويا.

سرتيون! "سليمان" چئي، مارِين ٿيون مَزاڳُون،
هاڙهي منهنجا هوتَ لنگهي ويا.
(حسيني)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير يارمحمد خاصخيلي

■

هيڪر مِلان پنهنجي هوتَ،
ملڪ الموت! مارِج پوءِ مُئيءَ کي.

مون کي مرض ماريو ڦوڙائي ڪئي هان فوتَ،
هيڪر مِلان پنهنجي هوتَ.

جي مون پُنا ڏينهڙا، دَمُ جِيارِج ڪو تہ،
هيڪر مِلان پنهنجي هوتَ.

مِلُ تہ ماندائي لَهي، من اندر جا لوچ،
هيڪر مِلان پنهنجي هوتَ.

سچڻ! "سليمان" جون، دانهون سُڻي آءُ دوستَ،
هيڪر مِلان پنهنجي هوتَ.

(حسيني /گهاتو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❊ بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي
❊ بياض فقير يارمحمد خاصخيلي
❊ فقير محبوب علي شيخ مداحيءَ جي موڪليل ڪافين ۾ هن ڪافيءَ جو پهريون بند هن ريت آهي:
پاهڻ پير پٿون ڪيا، ڦوڙائي ڪئي هان فوت.
جڏهن تہ هيئيون بندُ زياده ڏنل آهي:
دردن ماري آهيان، ڪرم ڪري آمون تي ڪوت.

■

دوست ڏاران هڪ دم، زهر اٿم،
جيئڻ جدا توکان جانِي.

جَڙَ لڳي جان ۾، ظاهر ٿيندو آهي زخم،
ڳرِ کو مَلَمُ، ڪئي فراقَنِ دِلِ فانِي.

دِلِ تي ڪاڍو قرب جو لايو حبيبن هردم،
هوت هنيم، ڪا جا قرب جي ڪانِي.

سيئي سُڪائُون "سليمان" چئي، اڱڻ عجيب آچِمِ،
لَحمُ لڱن جو ڏيان، مُحبَنِ کي مِهمانِي.
(حسيني)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* راڳي فقير غلام سرور ابڙي، (ساڪن: مور هڏي پٽ)، اڇڙو ٿر تعلقي ڪپري (عمر 58 سال) کان مليل.

■

ٻِي نماڻي پنڌَ ۾، سي تان سُرڪيون سورن سَنديون.
سي تان سُرڪيون سورن سَنديون.
’لاتقنطو‘ جي آسري، وندر سي وينديون.
سي تان سُرڪيون سورن سَنديون.
سِڪَ جنهِين جي سيني ۾، لوچي سي لَهنديون.
سي تان سُرڪيون سورن سَنديون.
اُٿيو آڌيءَ رات جو راهَه وٺيو رَمنديون.
سي تان سُرڪيون سورن سَنديون.
سيدَ کي ”سليمان“ چئي، پيرين سي پونديون.
سي تان سُرڪيون سورن سَنديون.
(حسيني)

هيءَ ڪافي فقير يار محمد خاصخيلي (تعلقو نارو- اڇڙو ٿر) کان فون تي ٻُڌل ۽ نوٽ ڪيل.

■

جانِبَ! جِيئڙو ويو جَلِي، سِڪَ ۾ ساهُ سَڙِي،
راتو ڏينهان رَڙِي،

فوج تنهنجي حُسن جي، آهي چؤطرف چَڙِي،
راتو ڏينهان رَڙِي،

ساريو سپرين کي، مان تہ ويندس ماڳ مَرِي،
راتو ڏينهان رَڙِي،

هي جا سِٿَ سُورَنِ جي، مون پنهل ساڻ پَڙِي،
راتو ڏينهان رَڙِي،

دلڙي ”سليمان“ جي، آهي الغرضي ساڻ اَڙِي،
راتو ڏينهان رَڙِي،
(حُسيني)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* هيءَ ڪافي ڪلياڻ يڪت شهدادپوريءَ کان ملي.

- چڙي = چڙهي
- پڙي = پڙهي

■

تورو لائج، پاڻُ پَلائج،
بيراڳِڻ ڪي پُنهل پَائج.

دَردَوَندِيءَ جي دلبر دَرَ تي،
باھِ برھ جي آڳَ اُجھائج.

دَردَوَنديءَ جي دانهن دَر تي،
لعل! لڪن توُن اچي سُھٽا لائج.

آءُ جا پيادِي پيرين نہ پُڄٽي،
ڳرهَلَ ڪاهي، اچي گهوٽَ گهُمائج.

سوال "سليمان" جو عرض اگهائج،
حرف الف جو صحيح سيڪارج.

(آبري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❋ بياض حسين شاھ.
❋ بياض محمود ڏاهري.

■

مَستُ قِران مستانُ، بِرهُہ لڳو بَرحَالُ سَجَڻَ جو.

سهڻا جڏهن تو پاڻُ سينگارين، دارا سڪندر ڪي ٿو مارين،
ساراهيان سُبحانُ، قرب تہ آهي ڪمالُ سَجَڻَ جو.

بُولو بيني برسي بينسر، رنگ رتو ميان گاگُل ڪيسر،
موتي ۽ مرجانُ، گهرو بدن رُخُ لالَ سَجَڻَ جو.

زلف خم خم، پيٽا برابر، گُنڊي گاگُل بره جي بازر،
جلوي دار جوانُ، ايڏو آهي اقبالُ سَجَڻَ جو.

عاصي پياسي آهيان اُداسي، زيارت ڪرايو خانَ خُلاصِي،
سوالي آهي تہ ”سليمانُ“، جئري پسان تہ جمالُ سَجَڻَ جو.
(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ تڳيل فقير جتوئيءَ (عمر 90 سال)، ساڪن ”قل“ شهر، تعلقي نوشهري فيروز کان روبرو ٻُڌل.

◆

ڪڏهن ڪانگا! ٽيندو ديدارُ
آڏو يار جي، ڏِيو هِي اظهارُ.

چشمن تنهنجن چُورُ ڪيو
ڏاڍو ڪَيف پِرين ڳلورُ ڪيو
اِهو عرضُ عاشقَ جو منظورُ ڪيو
جڏهن يارُ ڏسان يَڪبارُ.

جڏهن سيف ابروءَ جي آڻِي سَچِين،
تڏهن دامِ فراق جو دوست پَچِين،
آريون عاشق جون محبوب مَچِين،
تڏهن ڪامي مري خونخوارُ.

سَڄَڻَ! سوگهو ڪَيُئِي سينگارُ ڪَري،
پرين پنهنجو ڪيئي مون تي نامِ ڏَري،
هڪ ساعت تو ريءَ ڪين سَري،
پر ناهي اچڻ جو اختيار.

'جفّ القلمُ' ڪؤن آهي جِيءُ جَڙيو
تنهنجي سوزن ۾ منهنجو ساهُ سڙيو
جنهنجو راتو ڏينهان دل دؤرُ پڙهيو
ڏس ساڳيو "سليمان" يارُ.
(برووسنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❋ بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران.

■

ميءَ ميءَ خانہ ڪندا عُشاقَ اچن،
الا! گٽِيو گپارَ ڏِين.

گهرَئُون سِرَ گهوري هليا، پوءِ ٽا دڪان پُڇن،
الا! گٽِيو گپار ڏين.

عاشقَ آڏيءَ تي اچن، عامي عام پُڄن،
الا! گٽِيو گپارَ ڏِين.

محبت جي ميدان ۾ ناچو جيئن نچن،
الا! گٽِيو گپارَ ڏِين.
عشق جي آڙاهَ ۾ پتنگ جيئن پچَنِ،
الا! گٽِيو گپارَ ڏِين.

ڪاتَ ڪلالَنِ گڙِيا، ڳاٽَ ڏيو ڳاٽَ ڏين،
الا! گٽِيو گپارَ ڏِين.

درد جو ”سليمان“ چوي، مينگها پاسِ پرين،
الا! گٽِيو گپارَ ڏِين.
(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* هيءَ ڪافي ’درگاهہ شريف واري بياض‘ تان نقل ڪئي وئي آهي.
* ڪلياڻ پگت (شهدادپور) جي موڪليل ڪافيءَ ۾ آخري بند هيٺينءَ طرح آهي:
سچڻ ”سليمان“ چوي، آهي سوٽ سَڄڻِ.

■

ڳنُ ڏِئي نَہ ڏِئي،
سرتيون! مان سَڏُ نہ لاهيان.

دَرَ نہ مَٽِينڊِيَسِ دلبر پنهنجي جو وڃان ڪوهُہ ٻئي،
سرتيون! مان سَڏُ نہ لاهيان.

راتو ڏينهان وتان ڏوريندي، لِڪانِ ڪاڻ لِئي،
سرتيون! مان سَڏُ نہ لاهيان.

’قالو بلي‘ چئي قابو جا ٽيڙس، انهيءَ قول ڪِئي،
سرتيون! مان سَڏُ نہ لاهيان.

دل ”سليمان“ جي ڪري پئي دانهون، وَسئون حال وِئي،
سرتيون! مان سَڏُ نہ لاهيان.

(برروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❋ بياض محمود ڏاهري
❋ بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران
❋ بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: ”ڪافيون“ - جلد پهريون، ڪافي نمبر 468، ص 262.

◆

عشق سيکاريا ناز نچڻ جا،
مست آهيون مشتاق ملڻ جا.

عام چوي تہ ايئن ناهي،
آيا مرد لاڳاپا لاهي،
قرب ڪرايا قولَ ڪُسڻ جا.

عشق نہ ڄاڻي شان ۽ شاهي،
ڪري گداگر علم عطائي،
ورق وساريا پِرت پڙهڻ جا.

نينهن نِسنگ اچي خيما کوڙيا،
حق هُوڙَ جا ٽڳا توڙيا،
ڏک ڏيکاريا گهَٽَ گهمڻ جا.

"سليمان" سان پرچ پيارا،
سڪ وارن کي ڏي ڳل ڳارا،
ڪر انجام عجيب اچڻ جا.
(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بلوچ نبي بخشِ خان، ڊاڪٽر: "سپ رنگ"، ص 172
* ٽالپر مير محمّد خان "نياز": "راز و نياز"، ص 124

■

جنهن جي هٿ کهڻ واري ڪاتي،
سي وڃي مون سيڻ ڪيا.

نوينو جنهن کي ڪار ڳُهڻ جي،
مون تہ لنءُ بہ انهيءَ سان لاتي،
سي وڃي مون سيڻ ڪيا.

برهہ لڳو تمر بي غرضي سان.
جنهن جي جهل پل ۾ ٽئي جهاتي،
سي وڃي مون سيڻ ڪيا.

جدا ٿيڙس جڳ کان جيڏيون،
جڏهن يار ڪئي اٿباتي،
سي وڃي مون سيڻ ڪيا.

ڳُنل آ جو هٿئون قريبن جي،
تنهن تي مُور نہ آهي مماتي،
سي وڃي مون سيڻ ڪيا.

"سليمان" سڄڻ سائين جي،
آهي هردم زيب حياتي،
سي وڃي مون سيڻ ڪيا.

(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❋ بياض حسين شاه.
❋ بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "ڪافيون"- جلد پهريون، ڪافي نمبر 462، ص 259. ڊاڪٽر صاحب انهيءَ ڪافيءَ جا ڪل چار بند ڏنا آهن.

■

چشمن جا بحريَ باز
ڏٺيءَ منهنجي ڏاڙيل ڏاريا.

هرڪنهن ويل ڪَنِ وائي وڙهڻ جي، ايڏا اٿن انداز
چشمن جا بحري باز.

ڇَرِغَ چنبن سان ڏين چپٽيون، ناز ڀريا بي نياز
چشمن جا بحري باز.

ٻاڻَ تنين جا ناهن خالي، پرن ۾ پرواز
چشمن جا بحري باز.

عين ”سليمان“ آهن يار منهنجي جا، مارِينِ ساڻ مجاز
چشمن جا بحري باز.
(برووسنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
- بياض درگاهه شريف پيرپاڳاران.
- بياض حسين شاهه

■

دم دم دوست جا ٿا پل پل پور پون،
اکڙيون روز روئن.

محبت جنهين جي مَنَ ۾، سي ڪيئن سُکَ سمهن،
اکڙيون روز روئن.

عشق جنهين وٽ آيو، سي راتو ڏينهن رڙن،
اکڙيون روز روئن.

سڄڻ "سليمان" چئي، سي ڪوري ڪنڌ ڏين،
اکڙيون روز روئن.

(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* هيءَ ڪافي ڀڳت ڪلياڻ داس شهدادپور واري کان ملي. سنڌس ماءُ، بهادر فقير جي طالبياڻي هئي، جنهن کي سائين سليمان شاه جون ڪيتريون ئي ڪافيون ياد هيون.

■

ڳوپُ ڳنڍيون، ڳل ڳانا،
چَتِڙن وارا نہ چُڙَنِ.

عشق اولاٽا ڏِئڙم،
پيچ پينگهي ۾ پيئڙم،
قول سجڻ جي ڪَئڙم،
ميندين وارا نہ مُڙَنِ.

عشق جني کي آهي،
خوف تني کي ناهي،
سِرَ جو سانگو لاهي،
شينهن گَجَنِ توڙي گُڙَنِ.

حال منهنجي جي تہ خبر،
ناز پرين تو پرور،
دردمندن ڪان دلبر،
هينئن جُدايون نہ جُڙَنِ.

سجڻ "سليمان" اچن،
شال پرين سي پرچن،
بوندون برهہ جون برسن،
جُهڙُ ڦُڙُ لائي آ جُهڙَنِ.
(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض محمود ڏاهري.
* بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سپ رنگ"، ص 171.
* بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "ڪافيون" - جلد پهريون، ڪافي نمبر 463، ص 259.
* ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن ڪافيءَ جو ٿلهہ هن طرح ڏنو آهي:
ڳوپ ڳنڍيون، ڳل ڳانا، چتڙن جا مون ڪان ڪيم چُڙن.
* ٽالپر مير محمّد خان "نياز": "راز و نياز"، ص 124

◆

پوءِ ڇو لڪائين ٿو پاڻَ، رمزن ساڻ ڳيوَ دل گولي.

دلڙي دام اوهانجيءَ ۾ پيئي، عيش آرامُ ٻُٽي وِئين ٻيئي،
ساهُ وٺي وِئين سُهڻل ساڻَ، عشق اوهان جي لايم لولي.

آءُ نماڻي نينهن نہ ڄاڻان، پرت رکي وئين مون سان پاڻان،
ڀهڳڻ لاتيئي پاڻَ، رمز اوهان جي رانول رولي.

عرض "سليمان" جو سڻ سهڻا، ميڻج اچي منهنجا مهڻا،
مل اچي مون ساڻَ، دوست جهليو ويٺي آهيان جهولي.
(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران
* بياض حسين شاهہ انهيءَ بياض ۾ هن ڪافيءَ جو ٿلهہ ۽ آخري بند هن ريت ڏنل آهن:

ٿلهہ: پوءِ ڇو لڪايو پريم پاڻ، غمزن سان ڳيو دِل گولي.

آخري بند:

عرض "سليمان" جو سڻ سهڻا، ڪر منظور مِٺل مَن مُهڻا،
مُحب اچي مل مون ساڻ، يار جهليو ويٺي آهيان مان جهولي.

■

ڏسي ميان عشق جا سامان،
عقل حيران ٿي ويو من مستان ٿي ويو.

لڳي جنگ دين ڪفر دي، وٺ وٺ، مار جهٽ پٽ ٿي،
ڇُٽي ويا تير توفن جا، صفا ميدان ٿي ويو.

تماشا تال طبلن جا، شروع ٿيا واڄ واڄن جا،
پيو آواز سُر سوزن، سرگردان ٿي ويو.

چوي "سليمان" خود سامان، رنگي بارود برهن جو
انهيءَ غوغاءَ ۾ گل گل، هُل هنگام ٿي ويو.
(بروو سنڌي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❋ فقير قمرالدين ڪلوڙ جي بياض تان نقل ڪيل.

■

صبر ڏاڍو سُورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
برهَہ جي بازار ۾، ٽيڙو ڪِيسُ ڪَلُورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
ماري تو مسڪين کي، محبت جو مذڪُورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
آڻيائون اَڏيءَ تي، اهو دلبري دستورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
وَڍي چيري ڇِچري، چارئي بازو ڪَيَئين چُورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
عشق جي آڙاهہ ۾، ٽَپي جيئن تو تَنُورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
سنيها ”سليمان“ جا، مُحبَ! ڪرين منظورُ
حَدَ ڪُڇڻ جي ڪانہ ڪا.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ

■

لامڪاني لاڏلا! آئين کهڙي عنوان ۾،
چو چاڪؤن پئين، منهنجا سڄڻ مڪان ۾.

ڪنهن ڪنهن سُڃاڻئي سپرين! جانب هن جهان ۾،
ڪن جون دليون لُٽيئي دين سان، ڪن کي ڦُريئي ڪفران ۾.

پيڙهئي ويٺين اچي پير ٿئي، محبوبي مان ۾،
تون والي ولايت جو ڏٽي، ڇا تنهنجو نفعي نقصان ۾!

گفتگوءَ سين غلام ڪيئي، ايڏو ذوق تنهنجي زبان ۾،
سهڻا سڄڻ "سليمان" جو هينئڙو وِڏُئِي حيران ۾.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض درگاهه شريف پير پاڳاران
* بياض ڪاشف نظاماڻي. هن بياض ۾ هيءُ بند زياده ڏنل آهي:

تون قتل جو ڪوڏيو ڪربلا جي ميدان ۾،
ڏس ڏنئي ساري ڏيهه کي، سر نيزي چاڙهيئي نيشان ۾.

■

پنهنجي دردِ دل جو يار کي، چونديس اڏو هٿڙا ٻڌِي،
جيسين ڄاڻ نہ پرين ڄاڻيندو تيستر آئون عاجز آهُون ڳنڍِي.

آءٌ هيٺي هن حال سين، سڄڻ منهنجو اقبال سِين،
نينهڙو لڳو ننگ پال سين، ميرِي مَندِي سائينءَ سَندِي

تن اوهانجي تات ۾، هينئڙو منهنجو هِجرات ۾،
سِڪَ واري سَڪراتِ ۾، ڍولڻ ٿجانءِ منهنجي ڳنڍِي

سِڪَ مان اوهان کي سارِيان، رويو هَنجون وِٺي هاريان،
گوندر منجهہ تہ گذاريان، تنهنجن ڏکڙن آهيان ڏَڏِي

دل ”سليمان“ دام ۾، محبت سندي ماتام ۾،
سا ڪيئن اچي آرام ۾، جا بِرهَہ پُورَلَ جي بَندِي
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ
* بياض محمود ڏاهري

■

مون ڏي يار! ڏيئي مُنج دارُون، عشق سندي آزار جو.

پرين جڏهن تو پاڻُ پَسايو خيال انهيءَ ڏينهن مون يارَ ڪَسايو.
منهنجو حال وِيُمِ هيڪاريون، جوڙ پسي جنسار جو.

بلڪل باز ٻچيائين بحري، آڻي سيف هنيائين سونهري،
جنهن چاڪ ڪيم چوڏاريون، حال ڏسي بيمار جو.

تن من ۾ اٿم تات اوهان جي، وائي هينئڙي اٿم وات اوهان جي،
لَهُ يارَ! سڪايلن سارُون، آءُ بکيو ديدار جو.

سڄڻ "سليمان" کي سِڪائِيئي، مُنهن مِٺَلَ! مون ڪان لِڪائِيئي،
منهنجون هينئڙو ڦَٽي ڪيئي ڦارُون، توکي شوق شڪار جو.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ

■

اٿئي راند رنديءَ منجهه رولو
سمجهه پوئي تہ رکج سارِي،

خان! خاني رَکُ خبرداري،
جاٿي پوي ٿو ڀَلَنِ کي ڀولو.

پهريائين پاڻُ وِڇائج،
جو ٿئي اوٿ حجابن اولو.

هٽج هَٿُ هوشياريءَ وارو،
جنهن ڳالهه ڳُجهيءَ جو آهين ڳولو.

سوين هجنئي علم توڙي هنر هزارين،
تہ بہ نينهن ٻِنا آهين نولو.

آگهه عشق "سليمان" جن جو،
تن کي جهلو نکو آهي جهولو.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ.

■

جيڪو لامڪاني مٺڙو آ.
سو منجهه مڪان مون ڏِٺڙو آ.

عرش عظيم تي قُدسي ڪُرسي،
دعوئ جاتي ناهي دُرسي،
بادل آيو آهي بَرسي،
ابر اسان تي اُٺڙو آ.

خاڪ رَلي ٿيڙو خاڪي،
سو سڪندر سوئي ساقي،
موهن مون سان ٿيو ملاقي،
ڪين راول مون سان رُٺڙو آ.

وڳو نوبت نينهن نقارو
عاشق معشوق ٿي لايائين نظارو
آيو هي سر صفت ۾ سارو
ساهه منهنجي جو جنهن سان سَٺڙو آ.

آيو "سليمان" سهڻي صورت ۾
مخفي راز ڇُپائي مورت ۾
حسن ڏسي ٿيو هينئڙو حيرت ۾
قُربَ جنهن جي مون کي ڪُٺڙو آ.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
بياض حسين شاهه
بياض محمود ڏاهري

■

تو ڪين پُڇن پاڻ، پانڌي ادا!
من ۾ هُئن ڪا منهنجي ملڻ جي.

دوستا! دارُون ڏي منهنجي درد جو، محرم آهين منهنجي مرض جو،
سڄڻ تون پاڻُ سُڃاڻُ، جلد ٻُڪِي ڏي ڄُٿي جي جيئڻ جي.

ڪڙُ ٻئي اکڙيون خونيون خياليون، پنيڙيون ڏين بواليون،
هو هَٽن ٻئي ٻاڻَ، پرين ادا! لڳي اٿن دل نہ پلڻ جي.

اينڊمر اوتاري گوندر گذاري، سڄڻ کي "سليمان" سِڪَئُون ساري،
ڄاڻي هڪ رب ڄاڻ، خوف ڇڏي ڪَيَئُون ڪينءَ جي ڪِلڻ جي.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* فقير يار محمد لغاري (اڇڙو ٿر) ڳوٺ خليفو فقير بخش ڳاهو (مُک) تعلقي ناري کان مليل.

■

مَڃُ جانا، يار جانا، سارو لوڪُ ڏيئي تنهنجا طعنا.

احدئون احمد محمد ٿي آيئن، ٿَنهِن جي مَردَ پَرُوڙِينِ معنا،
هر رنگ ۾ آئين رنگي راجا، تنهن جا عشق لهن امتحانا.

عشق آرام تمام ڦٽايو اندر جوڙيائين آستانا،
دردونديءَ جي آءُ اڱڻ دلبر، تون محب ڇڏي مئيخانا.

اڱڻ يار پرين اچين جي، هوند ڪريان وارَ وِڇاڻا،
سڄڻ جا "سليمان" چئي، ٻيلي ٻولَ ٻَڌل آهيون ٻانها.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* فقير ڪاشف نظاماڻي (سانگهڙ) ڪان روبرو ٻُڌل.

■

واھ ويڙيون ڙي ادا ويڙيُون،
ڳٽ قيد وارن جون ٻيڙيُون.

سارَ سَنپارَ سَنگھار لھندا، دَمُ نہ ڪندا وري ديرِيُون.
وِجي ڏُوڙِيندِيَسِ ساڻ سَنگھارن، ٻَاپاڻن جون ٻيرِيُون.

ڪوڙن تنھنجن ۾ ڪين رَھَندِيَسِ، چِيلڙا وِيندِيَسِ چِيڙِيُون،
اُرمق تنھنجا ڪين اوڍِيندِيَسِ، واھ! مارُن جون ميرِيُون.

آھ الاس اداس ڪري، تنھنجا ڪوٽ وِجھندِيَسِ ڪيرِيُون،
ڳڏُ ڳڙولا، نِيو نِماڻي، لاھي نِيڙُر ضعف تان زيرِيُون.

باغ بنگلا، محل ماڙيون، اسان ھينئڙو نہ انھن تي ھيرِيُون،
ساھ سِيباڻا سيئي "سليمان"، ھُو جي ٻُونگا ٻِڙُنِ ٻَرِ ٻِيٽِيُون.
(جھنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

- ❊ بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي
- ❊ راڳي فقير سوڍي ملاح (ڪڏڙي) ۽ راڳي فقير ڪاشف نظاماڻي (سانگھڙ) کان روبرو ٻڌل.

■

دِلِ مَنگي ميرِي هميشہ، دلبرا درسن سدا،
محب! دَمُ مون ڪئون، جِيءُ نہ ڪر جاني جدا.

هون گداگر در تئڏي دا، نہ گَرتا هُون ٻي صدا،
سارا ملڪ سيلاني ڦِرُون، ڳلي ڳلي تيري گدا.

حوض ڪوثر مئن ڏِنُم، پِيتُم پيالا پرت دا،
دوست صُراحِي هَٿَ هَٿَ ۾، آب اونها عشق دا.

ساهُ “سليمان”، سِرُ سَڄڻ تئون ڪر تون فاني فدا،
لُٽُ خزانا مڏيون، تي عاشق ڪر تون ادا.
(جهنگلو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.

■

دليئون دلبر! اي ناز پرور!
هيءَ ويچاري ڪيم وسارج.

ٻانهي گولي يار اوهان جي،
پنهنجي وَلَرَ تان ڪِينَ لوڙائج،
دلبر! اي ناز پرور!

آءٌ اوهان جي لائق ناهيان،
پلئہ پيس سو ننگ نڀائج،
دلبر! اي ناز پرور!

درشن تنهنجو قوتُ ٻُکين جو
نالي ڏٿيءَ جي مُنهڙو ڏيکارج،
دلبر! اي ناز پرور!

سڄڻ "سليمان" جو عرض اهوئي،
هن گداگر سان گڏ گذارج،
دلبر! اي ناز پرور!
(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض حسين شاهہ
❊ بياض محمود ڏاهري
❊ بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "ڪافيون" - جلد پهريون، ڪافي نمبر 467، ص 261.
❊ ڪلياڻ ۾ پڪت ۽ محمود ڏاهريءَ جي بياض ۾ پهريون ۽ آخري بند هن ريت آهن:
پهريون بند: دردونديءَ کي در پنهنجي تئون، سانول سائين ڪين لوڙائج.
آخري بند: سوال "سليمان" جو عرض اِهوئي، هن گداگر سان گڏ گذارِج.

■

ڏُکَ ڏيرن جا ۽ ڏاگهن جا،
ڪوهياري ساڻ ڪيچ ڪندي،

جَبَلُ مُٿِيءَ سان ڪري تو جاڙُون،
ڏينهن تتي جو ڏِئي تو تاڙُون،
گهوٽ وتان تو لاءِ گهمندي،

برو بگيرد بنهه نه ڇاٽا،
ٻولي ٻاروچي وڃي هاٽا،
ساٿ ڏٽيءَ ڪنئون هلي سِڪَندي،

بنهه ڀنيوران ٽيس بيزاري،
يار رکيم جڏهن توسان ياري،
بَرَ تي چاڙهيو برِهَ بندي،

هوتُ حمايَتُ ٽيندو هادِي،
پُڇي پانڌي پير پيادِي،
جٿري جانب هلي ڏسندي،

ڪندا جڏهن پنهنجي رائي،
پاند ”سليمان“ پورهيت پائي،
قدم مبارڪ چمي چمندي،
(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض درگاهه شريف پير پاڳاران
* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي
* مختلف راڳي فقيرن: محمد عالم شر (جهول)، سوڍي ملاح (ڪڏڙو)، چنيسر خاصخيلي (ڪُنيرو- اچڙوٽر) ۽ ڪاشف نظاماڻي (سانگهڙ) ڪان روبرو ٻڌل.

■

’ڪُن فيڪون‘ ڪوھيارل توسان، انگ الستي ٻاروچل توسان،
’قالو بليٰ‘ جو ڪيئي اقرار.

پيچ پريت جي تو ساڻ پيئي،
دنيا دولت ڇڏيا اٿم ٻيئي،
نيڻَ لڳا، ٿيو نينهن نروار.

شيخ صنعان ٿِي جَٽيو جي پائُم،
ڪاڻ سياليان چاڪر چائِيُم،
ٿيس مِرُنِ جو ڏنار.

بخت جو ”سليمان“! وريو آهي وارو،
مُرشد منهنجو پنهل پاڳارو،
دلبر ڪرائيندو مون کي ديدار.
(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* فقير يارمحمد خاصخيلي (تعلقي ناري، ضلعي خيرپور ميرس) کان مليل.

■

مُلان! مَارِ نہ مُون،
سبق پڙهان، ڪِي سچڻ ڏسان.

’الف‘ آخوند اسان وٽ آهي، ’بي‘ جي ناهي ڪا ٻُون،
سبق پڙهان، ڪِي سچڻ ڏسان.

جيءَ منهنجي ۾ جانب جوڙيون، اندر اوطاقُون،
سبق پڙهان، ڪِي سچڻ ڏسان.

”سليمان“ چئي يار سچڻ جي، ٻانهپ ٻولي آ مُون،
سبق پڙهان، ڪِي سچڻ ڏسان.
(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.

■

ڳالهيون مَن اندر جون، مون ڪنهن سان ڪين ڪيون،
روحَ جون روحَ ۾ رهيون.

مون جيڏيون هت ملير ۾، پِيَنِ موڪَ مَهيُون،
روحَ جون روحَ ۾ رهيون.

وَڍِيندِيَسِ مان وڃي، ڇيلن لاءِ ڇَهيُون،
روحَ جون روحَ ۾ رهيون.

پرزو لکيم پِرِينءَ ڏي، اڇج وِيرَ! وَهيُون،
روحَ جون روحَ ۾ رهيون.

سِڪَ جون "سليمان" چئي، پرين ساڻ پَيُون،
روحَ جون روحَ ۾ رهيون.
(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاهه.

■

قسمت ڪرائيُمِ هِي ڪشالو ٻَڌِي مان آيس دَردَ دُشالو
ملڪ منهنجو ٿئي ڪيچ ڪوهيار.
پنهل ٿي اچي پرٿ چوايم.
بار برهه جا سِرَ تي چَايم.
سِڪَ ڏيکاريُمِ هِي سنسار.
رانجهن ٿي اچي رنگ بنايم.
سندو سيالن چاڪ چوايم.
ترڪي آيس تخت هزار.
سمون ٿي گندرن ساڻ گذاريم.
راڳ جُهيرن ساڻ جهونگاريم.
ڄاڻي ڪنيم ڪلهي تي ڄار.
نئون نينهن اچي مجوسڻ سان لايم.
شيخ صنعان ٿي جَڻيو پايم.
سوئرن جو پوءِ ٿيس ڌنار.
ٿي شاهه منصور اناالحق چَيُڙم.
قيد مُلن تڏهن قابو ڪَيُڙم.
چڙهندي سوريءَ ٿيس هسوار.
آئون ليليٰ جي آيس امر ۾.
مجنون ٿي اچي بيٺس بَرَ ۾.
مٿئون ولين ڪيم مينگهه ملهار.
سير "سليمان" ڪيڙم سِڪَ جو
موٽي پيڙم شوق ملڪ جو
وحدت منهنجي آ وٽڪار.

(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه.
* بياض درگاهه شريف پير پاڳاران.

■

سانگِي! ٻاروچا آيو ڪهڙي سانگي،
تنهنجي قدم قدم تان ٿيان قربان.

تو ته اچڻ جي ڪئي امدادي،
شهر ڀنڀور ٿيو سڀ شادي،
برهه حُسن جو کليو بُستان.

ڪيچئون آئين گرهَلَ ڪاهي،
سهڻل سائين سَانگ سَنباهي،
چڏي آئين ڪيچ مڪران.

محبوب ڪري آئين منزل بَارِي،
سَهجئون اسان تي ڪيئي سَتارِي،
ڪاڏئون لتاڙي آئين ڪُهستان.

'الف' آدم جو پائي آئين چولو
'مير' محمد جو ڪري آئين اولو
سوين سِڪايئي "سليمان"!
(لوڙائو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* هيءَ ڪافيءَ 'درگاهه شريف واري بياض' تان نقل ڪئي وئي آهي.
* حسين شاهه واري بياض ۾ هن ڪافيءَ جي آخري بند جي پڙهڻي هن ريت آيل آهي:

'الف' آدم جو وٺي آئين اولو
'مير' محمد جو پاتئي ڳل چولو
هاڻي سڪ ۾ سڪاءِ نه "سليمان"!

■

جڏهان کليا ڀاڳ بخت دا،
سائُون مليا شاهه تخت دا.
ندي دي ڪناري، ڳُنڍيان پُوڪاري،
آڏي ويلي چاهه پيو چاري،
ساڏا يار هوشيار وقت دا.
سامي سائُون سبق پڙهايا،
مئن مت لاڪر ڳل لايا،
تون تہ رمزان والي رخت دا.
پسڻ سيتي پاڪ پيشاني،
مئن نماڻي مست ديواني،
تنهن پاتا ڪل قدرت دا.
ڪرسيءَ ويهي ڳرَ تو موڙي،
جانب ويٺم جاءِ جيءَ ۾ جوڙي،
ڏاڍا ماريس منڊ محبت دا.
اڄ "سليمان" ٽيڙان عيدان،
يار وڪائي مينون ديدان،
مئن تان صدقي تنهن صورت دا.
(پهاڙي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
- * بياض حسين شاهه
- * بياض محمود ڏاهري
- * بياض حسين شاهه ۾ هن ڪافي جا ٽي بند آيل آهن، جڏهن تہ محمود ڏاهريءَ واري بياض ۾ ٽيون ۽ چوٿون بند وڌيڪ آهن.
- * فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي (سانگهڙ) جي بياض ۾ هيءُ بند زياده آهي:

ڪهڙي سانگي سانگ بنايئي،
اٿان آڪي چاڪ چوايئي،
تون تہ هادي هين حڪمت دا.

- * فقير محبوب علي شيخ مداحيءَ جي موڪليل روايت ۾ هيءُ بند وڌيڪ آهي:

احدئون اچي عبد سڏايئي،
آدم صورت بيک بنايئي،
سِرِ پاتئي ڪل قدرت دا.

■

جيڪي اول اکيون نينهن لائن ٿيون،
سي تہ رويو راهہ پُڇائن ٿيون.

اول عشق اکين ۾ آيو آ،
هن کي روز وڇڙ جو رايو آ،
تن کي ڦورن ڪٽي ڦاسايو آ،
سي تہ لک لک رند رُلائِن ٿيون.

اول اکين جي وئي اَٽڪِي اَٽِي،
سي تہ حياء شرم کي ڇڏين ڪَٽِي،
سي تہ نعرو نينهن نروار هَٽِي،
سي تہ سولي سِرَڙو چڙهائن ٿيون.

اول اکيون آيون ڏنگڙا جهلي،
تن کي "سليمان" ڪيئن پَلي،
سيف ابروءَ جا ٿو نينهن جهلي،
سي تہ در در غرض ڪڍائن ٿيون.
(پهاڙي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاه.

■

مِٽَنِ مَاٽَنِ ٿَنِ سانگين سان گڏ گناريان،
عمر! نامِ خدا مون کي ڏي موڪل.

ڇيلا ڇَنن ۾ ڇيڇڪاريان،
پنهنجي پرين لئه چاريان،
سانجهيءَ ويلي ساريان،
ويڙهه وطن وچي اُتي واريان.

ٿر وارن جي آهيان ٿوراٽي،
مانَ چون مون کي هاٽي مهاٽي،
پري ته پنهنجي ڪلهن تي پاٽي،
پرين کي وچي اُتي پياريان.

عجب اباٽن جي الفت،
مٿي ماکيءَ جهڙي مارن جي محبت،
سرهي ڪيان سانگين سان صحبت،
روز هنجون ويٺي هِتي هاريان.

"سليمان" چئي وطن وڃڻ لئه،
پنهنجي پرين جي پَکَن پَسَڻَ لئه،
ٿَنِ ڏوٽين جي ڏُٿَ ڏسڻ لئه،
جيئڙو جڏو وچي اُتي جياريان.
(پهاڙي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* فقير غلام سرور ابڙي (مورهڏي پٽ ـ اچڙو ٿر، تعلقي ڪپري) کان روبرو ٻڌل ۽ نوٽ ڪيل.

■

هادي اچين تہ سيج وڇايان،
مُشڪ مَلي مَلي لڳين لايان.
بنا رانجهن باغ بهشت دا،
دم دم دوزخ ڀانئيان.
مئن رانجهن ڪون راتو ڏينهان،
رمزين سيتي رائيان.
تخت هزاري دي شاه دا طعنا،
چشمين چم چم چائيان.
”سليمان“ ڪون سڀ سهيليان،
ول ول ڏيوَنِ واڌائيان.
(پهاڙي)

ماخذ، اضافا ۽ احتور
❁ بياض درگاه- شريف پير پاڳاران.

■

ٻيو پَرچي نا پَرچي،
هڪڙو ڍولڻ مون سان سَرچي.

هيڪل اسان کي حَبَ ۾ اچي والي ورچي،
هڪڙو ڍولڻ مون سان سَرچي.

هلندِيَسِ پنهنجي هوت ڏي، مال مڏيون خرچي،
هڪڙو ڍولڻ مون سان سَرچي.

”سليمان“ چئي سِڪَ مان، هادي هٿ ڏرجي،
هڪڙو ڍولڻ مون سان سَرچي.
(پهاڙي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* محترم سائين محمد علي مهر (پير ڳوٺ) کان مليل.

■

ٻيو مذهب مان نہ ڄاڻان، آهيان عشق جو ٻندو
دل ۾ دوُر پرينءَ سندو مان قرب سان آهيان همدم ڪندو.

حنبلي، شافعي، مالڪي توڙي ڪٽي حنفي هجي،
پر عشق ريءَ عطا نہ ٿئي، توڙي اچي اُڏامندو.

نئُبنو ڏاڍي نينهن سان، طلب جو تاڙِن ٿَندو
حد حسن جي ناهي ڪا، سڪ ڪندي ڪاٽي سَنڌو.

عاشقن کي آ هميشہ روحَ ۾ رُڪَ جو رَندو
جي وڍيا واڍوڙ وحدت جي، هڏ رت آ تن سندو.

'آنا احمد بلاميمي'، جيڪو "سليمان" ايئن سمجھندو
قول آ سردار جو احمد چوان کي خداوندو.

(سورٺ)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* هيءَ ڪافي تڳيل فقير جتوئيءَ، ساڪن "ٿُل"، ضلعي نوشهري فيروز کان روبرو ٻُڌل ۽ نوٽ ڪيل.

◆

وَٽُ سِرُ سڄڻ! تو جو سوال ڪيو
سُٺي سوال تنهنجو مون بحال ڪيو.

نه اڳي اهڙو ساز وڳو نه هُئي سِرَ جي صدا،
چارڻ چَنگ چوري ڪيو سِرُ ڏَڙَ ڪان جدا،
اهو منگتي جو تو مثال ڪيو.

سِرَ سؤ هجن، ڏيان ڪوري ڳَپي،
ويهي وڍجان، جيئن توکي ڪپي،
اهو الست وارو تو احوال ڪيو.

هي سِرُ اڳي پوءِ لهڻو آ،
توکي مون ته ڏيڻو آ،
”سليمان“ ڏنو تو ته حلال ڪيو.
(سورٺ)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه
* بياض محمود ڏاهري

■

جنهن کي ٻَيج ٻنِيءَ ٻٽڪار لڳي،
سا تارَ مِٺي ڏاتار لڳي.

پري کان آيس پنڌ ڪري،
سو تہ ياد الله الصمد ڪري،
جنهن کي جهٽ پٽ ۾ جهونگار لڳي.

چارڻ آيو چنگ چاڪُ ڪري،
ڪو تہ ياد الله حق پاڪَ ڪري،
جنهن کي لنءُ لنءُ ۾ لِلهہ ڪار لڳي.

جيڪي من منگتا تو مذڪور ڪيو
سو تہ پاڻ ڏٺيءَ منظور ڪيو
ڪا جا خلوت ۾ ڪيڪار لڳي.

”سليمان“ جو سوال سُڻي،
سو تہ نرم ڏٺائين نيڻ ڪٽي،
اِها مهل مِٺي مڱڻهار لڳي.
(سورٺ)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران.
❊ سانگهڙ مان فقير ڪاشف نظاماڻيءَ کان مليل. انهيءَ روايت ۾ ٽيون نمبر بند وڌيڪ آيل آهي، جڏهن تہ درگاهہ واري بياض ۾ اهو بند ڏنل نہ آهي.
❊ ڪاشف نظاماڻيءَ واريءَ روايت ۾ ٻيو نمبر بند هن طرح ڏنل آهي:

ساز وڄندي آواز ٿيو
منهنجي راجا سُڻي راز ڪيو
سا تہ لنءُ لنءُ ۾ للڪار لڳي.

■

ڪُل نبي ڪلنگي وڏو شافعي تنهنجو شانُ ميان.

بعضي بعضي بادشاهه ڪيو سڪندري سامانُ ميان،
ويس پائي قلندري، صوفي ڪيو شيلانُ ميان.

لٽو تو تي لاڏلا، ڪلمي سوڌو قرآن ميان،
پُٽيءَ لائي بادشاهه، هادي هر دو جهانُ ميان.

حُسن يوسف ميرَ جي، مشهور سَڀُ ڪنعانُ ميان،
زور زليخان عشق جو مِصر ۾ مستانُ ميان.

جلوي دار جوڀن ڪي، عَجب جهڙو عنوانُ ميان،
سڄڻ ”سليمان“ جو هينئڙو سو حيرانُ ميان.
(سورٺ)

فقير چنيسر خاصخيلي (اڇڙي ٿر) کان مليل.

■

جهڙو آهين، تهڙو ٿيءُ، آءُ ميان رانجها!
ڪوههُ ڳنين جون ڪاٺِيُون ڪڍين ٿو!

نه تون ڪنهن جو ڄايو نه توکي ڪنهن نپايو ناهي تنهنجو ماءُ پيءُ،
آءُ ميان رانجها! جهڙو آهين، تهڙو ٿِيءُ.

ڳنڙا ڪپائين، ڳُنڍڙا پائين، سامي جهلين ڇو پيو سِيءُ،
آءُ ميان رانجها! جهڙو آهين، تهڙو ٿِيءُ.

سامي سڏائين، ڏُور گذارين، ويجهو ويراڳي ٿِيءُ،
آءُ ميان رانجها! جهڙو آهين، تهڙو ٿِيءُ.

ساهه "سليمان" جو ساڻ وٺي وئين، اڱڻ اوڏو ٿِيءُ،
آءُ ميان رانجها! جهڙو آهين، تهڙو ٿِيءُ.
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه

■

جھنگ سياليان دي جھوڪ، مينون لائِيَئي رانجھن.

مئن رانجھن دي رانجھن مئڏا، سُٽي سارا لوڪ،
مينون لائيئي رانجھن.

مل سھيليان ويکڻ آيان، لَوڪ پريئيي ٻروڪ،
مينون لائيئي رانجھن.

رانجھن سانُون جادو لايا، پر نيٽان دي نوڪ،
مينون لائيئي رانجھن.

”سليمان“ ڪُون سڪ سڄڻ دي، من اندر وچ موڪ،
مينون لائيئي رانجھن.
(هير)

■

جتي پٽيٽن جا پٽڪارَ
اُتي منهنجا اباڻا.

آڏي رات جو هُو ٿا اُٿارن، ڇوڙيو ڌڻ تہ ڌنارَ
اُتي منهنجا اباڻا.

اُتڙا مينهن ۾ ملير تي، گاهن ڪيا گلزارَ
اُتي منهنجا اباڻا.

ڇَهہ ٻهہ سان ٿيون ڇُوڙيليون چوندين، ڏُوٽيو ڏؤنرن ڏارَ
اُتي منهنجا اباڻا.

سڄڻ "سليمان" تي راضي ٿِجانءِ، سوڙهيءَ ويل سردارَ
اُتي منهنجا اباڻا.
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ
* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.
* بياض فقير يارمحمد خاصخيلي. هن بياض ۾ انهيءَ ڪافيءَ جو هيٺيون بند زياده آهي:
وسئون ويڙهيچن جون ساريان سدائين، مٿن مينگهہ ملهار.
جڏهن تہ آخري بند هن طرح آيل آهي:
سڪ "سليمان" ڪي اصلئون اوهان جي اِجهو اُڪاريندم پارَ.

■

ماڻن سان ٿو مارين، تون زوراور،
آهي هادي تنهنجي چال عجائب.

بعضي بعضي ڪوٺيو ڳل لائين،
بعضي ٿو لوڏارين، تون زوراور.

بعضي بعضي خوش دم گڏ هڻاسين،
بعضي ٿو دست اُلارين، تون زوراور.

بعضي بعضي هردم مون وٽ،
بعضي گهڙي نه گهارين، تون زوراور.

بعضي بعضي لائين چشمن چاٺُون،
بعضي ڪين نهارين، تون زوراور.

ساهه ”سليمان“ جو سوگهو ڪيڙءِ،
لنؤڙي لايو ٿو مارين، تون زوراور.
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض درگاهه شريف پير پاڳاران تان نقل ڪيل.

* بياض حسين شاه ۾ هن ڪافيءَ جو آخري بند هن طرح ڏنل آهي:

ساهه ته ”سليمان“ جو سوگهو گيڙُءِ،
لائي لنؤ وري چو لوڏارين، تون زوراور.

■

ريءَ رانجهن ڪيئن جيئان،
سرتيون! مرض منهنجي جو ٻيو دوا نہ دارُون.

مجلس رانجهن جي مُور نہ وسري، روحڙو ڪري پيو رِيهان،
ريءَ رانجهن ڪيئن جيئان!

سانگ رانجهن جا هي جيڏانهين، آپ اوڏانهين وڃي ٿيئان،
ريءَ رانجهن ڪيئن جيئان!

آهُون ۽ دانهُون درد وارن جون، ٻڌ تون ”سليمان“ سنديون ميان،
ريءَ رانجهن ڪيئن جيئان!
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

- ❊ بياض حسين شاه.
- ❊ بياض فقير يارمحمد خاصخيليءَ ۾ هن ڪافيءَ جو هيٺيون بند زياده ڏنل آهي:

اهي مال خزانا تنڌي جات، سر وڍي وڃي ڏيئان،
ريءَ رانجهن ڪيئن جيئان!

■

جو آوي سڀ جاوي،
ويندايان نون ڳون وَلاوي،
اول پاڪ محمد (ﷺ) ڇايا،
پِڇي سچ چنڊ دا ڪِيتس سايا،
اسان ڪون فائق ائين فرمايا،
ير ڪوثر پيالا پِلاوي،
ڏيکو شان شرف حيدر دا،
جنهن ڪوٽ کٽيا خيبر دا،
جيڪو سوٽ سڳا هي پيغمبر دا،
ڪڙا مرحب ڳون ازل ٻُلاوي،
جوڙي والي مائي،
سا تہ ڪريسي مهر يلائي،
جيڪا پاڪ محمد دي ڃائي،
سا تہ جملي جهان ڇُڙاوي،
”سليمان“ ڳون سڪ هي،
او تہ ظاهر باطن هِڪ هي،
اسان ڳون اُڄ نہ ڪائي ٻُک هي،
جي دلبر ديد وِڪاوي،
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* هيءَ ڪافي ٽڳيل فقير جتوئي (جنم 1922ع) ولد دريا خان، ويٺل اصل ڳوٺ ”الهڏتو جتوئي“، حال رهائش ”ٿل“ شهر ضلعي نوشهري فيروز کان ملي، جيڪو سائين سليمان شاهہ جي ڏوهٽي، سيد نُور محمّد شاهہ جو طالب آهي. هيءَ گهڻو وقت ساڻس گڏ رهيو. پاڻ سٺو راڳي پڻ آهي.

* حسين شاه واري بياض ۾ هن ڪافيءَ جو پهريون بند هن طرح لکيل آهي:

اول پاڪ محمد ڇايا، پچي سچ چنڊ دا ڪيتس سايا،
حوران هُل مچايا، اِٿان ڪون سيان پير پاوي،

■

ويٺي ڳڻ رانجهن تيڏي ڳاوان مئن،
سرهي سيج وڇاوان مئن.
نال رانجهن دي ٻيلهہ ٻهسان، ڇوڙ ڪيڙي ديان ڇاوان مئن.
سرهي سيج وڇاوان مئن.
ڪيڙي پاڙيي جي منهن تي موچڙو هڪ ماريان پيو چاوان مئن.
سرهي سيج وڇاوان مئن.
اڄ "سليمان" مرشد آيو چولي وِچ نہ تي ماوان مئن،
سرهي سيج وڇاوان مئن.
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران.

◆

مون کان پاڻ پرين چو آلندو آن،
سهڻا ساڳي بات نہ سلندو آن.

آءُ محبوب متا ڪر ميلا،
واوَ وصل جا وارث ويلا،
اڳڻ اسان جي اچ اربيلا،
شال ڏسان توکي ٿلندو آن.

لاغرضائي توِ جا لائي،
عمر ساري سِڪ ۾ آئي،
اهڙي اوهان کي آ بيپرواهي،
جو مان روئان تون کلندو آن.

توسان زوراور! زور نہ زاري،
عجب اوهان جي بي اختياري،
ڏِپي ڏِپي وَٺي پاند ويچاري،
پوءِ چو ڇڏائي تون هلندو آن.

ويجهو آيو ’و نحن اقرب‘،
ٿيو ”سليمان“ جو سارو مطلب،
انهيءَ ڳالهہ جو اٿم ڏاڍو عجب،
جو محب نہ مون سان ملندو آن.
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ
* بياض محمود ڏاهري،

■

ڪِيوين بس ڪران ميڏا وَس نهين،
ڏُونهيان درد واليان ڏُکُ پَيان.

رانجهن نال هڪ بحال ٿيان، تڏهان سڀ سياليان جُڪُ پَيان،
رانجهن نال رليا همدم قدم، تڏهان سڀ ڏاڏاڻيان ڏُکُ پَيان.

جهنگ سيال دي دنگ ننگ لنگهه، مئن تان نينهن واليان دي وچ نڪُ پَيان،
ڇانوان ڇوڙ پڇانوان ڇوڙُ ڏِتُم، سَٽِيا ساڙ سيئي وچ سُڪُ پَيان.

ازل ابد دا طبل ها ها، قول ’قالو بليٰ‘ والا مئن آک پَيان،
مئن بيک ماهي دا هڻ ڏيک ڪر، ڳالهيان خوب اندر وچ ڪُڪِ پَيان.

ڳيا غير گمان ”سليمان“ سيئي، مئن تہ رمزان والڙي رُخُ پَيان،
عشق حجاب شتاب نيتا، مئن تہ محبوب دي مُکُ پَيان.
(هير)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
✽ بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي

■

ساڏا روح رانجهن نال رَلي،
وو يار لڳيان دليان نون ڪونہ جَهلي،
ويسان ويسان مُول نہ رَهسان،
او جهليا ڍولڻ دي ڳلي،
لڳيان دليان نون ڪونہ جَهلي.
مئن رانجهن دي رانجهن ميڏا،
مُنهن ڪيڙي دي ڪَلي،
لڳيان دليان نون ڪَونہ جَهلي.
اي ويچاري محبت ماري،
سور گنهِين نال سَلي،
لڳيان دليان نون ڪونہ جَهلي.
سجڻ ”سليمان“ راتيان ڏينهان،
ڏک ڏِيل اندر وِچ ڏلي،
لڳيان دليان نون ڪونہ جَهلي.
(هير)

■

آءُ پڻ جيئس جيڏيون،
سچڻ سامهان اچن.

سُرخ پوشاڪ پرين جي، زيب گهڻو زُلفن،
ابرو سيف ڪريم جا، مٿس پونئر پُرن.

عاشق معشوق پاڻ ۾، سدا رس هُجن،
لايو لالي لبن کي، چُميو پاڻ چُمن.

بادل باغ بهاريا، گلن لائي گلزاري،
عشق انارين جو بلبل واسُ وَٽن.

سُونهَنِ "سليمان" چئي، ڪنگڻ ڪارائين،
بولي بادل لايا، تنهنجي عينن ۾ بينن.

(سارنگ)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❊ بياض حسين شاهہ

❊ بياض فقير يارمحمد خاصخيلي. هن بياض ۾ انهيءَ ڪافيءَ جو ٽيون بند هيٺينءَ ريت آيل آهي:

گل ڦل باغ بهاريا، گلن لائي گلزاري،
اخروٽن انارن جو بلبل واس وٽن.

■

ڇَن نا، ڇَن نا، ڇَن نَنَ ناز.
نٿ نُورا گهت گهر ميري آيا يار.

دُر زيور ڳل، ڪڙي ڪنمالان، بينسر بُول بنايا هي،
هيرا موتي ذات بہ ذاتي، سَر موتي سِر پايا هي،
لب لال السّتي نال ادب دي، ڪيڙس غمزو غواز.

ڪج ڪُلاه دي ڪلنگ قُدسي، ڪاڪل قلم هلايا هي،
چيري رنگ گلابي ڇهري، چل پل چشم چلايا هي،
ويک فانوس فلڪ دي فالم، اندر رهبر راز.

چنگ اُپنگ ڏمالان حاضر، باجا بين بجايا هي،
مِرڏنگ، دَفُ، سارنگي سالم، سوز ستار سنايا هي،
طَرف طمع دي جلوي جانب، ٽيون ٿُرت تراز.

سوز رنگي وچ صورت ساڳي، پاڪ پهريز جا پايا هي،
تاج ڪلنگي مُرسل محمد (ﷺ) آپ بَنا بَن آيا هي،
ويک ”سليمان“ سمجھ صحيح ڪر، پتنگ پتنگ پرواز.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
٭ بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: ”ڪافيون“ - جلد پهريون، ڪافي نمبر 469، ص 262.
٭ بياض محمود ڏاهري

■

اسان جو آيو آ مرشد امدادي تي،
شهر مُلڪ سڀ شادي تي.

ڏينُ اُجاريو ڪلنگيءَ واري،
آيو هيٺن جو حامي تي.

ويڙها جايون اڄ سڀ وسن ٿيون،
اسان جي اڱڻ تي آبادي تي.

حورن، پرينءَ لاءِ هنڌ وڇايا،
تخت گلم سڀ گادي تي.

سڀ ڪا سينگي، سڀ ڪا سهيلي،
پٺي پاڻ مُرادي تي.

اڄ ”سليمان“ حضرت آئي،
قلب دل ڪشادي تي.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض حسين شاهه.
❊ بياض محمود ڏاهري، هن بياض ۾ پهريون بند وڌيڪ ڏنل آهي.

■

جيڪو درد جو ديوانُ، سو عريان پلو آ،
عاشق جو سِرُ، محبوب تان قربان پلو آ.

مولا مُڪو مُرسل ڏي، قرآن پلو آ،
مسلمانو! مؤمنو، ايمان پلو آ.

عليءَ جي ذوالفقار ڪي، جولان پلو آ،
تنهن دلدل جي هسوار ڪي، ميدان پلو آ.

ملڪن چيو عزازيل ڪي، فرمان پلو آ،
(چي) تنهن مخلوق ڪان، محبوب جو لعنتان پلو آ.

ڏڏن تي ڏاتار جو هي ڏانُ پلو آ،
”سليمان“ ڪي ديدار جو سو دانُ پلو آ.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاهہ.

* بياض محمود ڏاهري.

* بياض يار محمد خاصخيليءَ ۾ هيٺيون بند زياده آيل آهي:

دل يار جي دست ۾، ڪان ڪمان پلو آ،
هنيو جنهن سڪندرؒ تنهن جو نشان پلو آ.

* سائين محمد علي مهر جي ذخيري مان پهتل هن ڪافيءَ ۾ ڇهه بند آهن، جن مان ڇهون بند هن طرح آهي:

تنهن چمن سونهن سرهاڻ بستان پلو آ،
تنهن باغ مٿي بلبل مستان پلو آ.

■

بنان لشڪر خزاني جي، ٿيڻ سلطانُ مشڪل آ.

دم دم ۾ دل هميشه خفا دلدار جي ٻاجهان،
گهڙي هڪ يار کان پاسي، منهنجو گذرانُ مشڪل آ.

اگر ڪنهن چيز ڪي هٿجي، ڪشي سو ڪانُ اٽڪل سان،
لڳي سو ڪيئن نظر ڏاران، ڇُٽڻ نيشانُ مشڪل آ.

مرڻ وِچ واٽ شهادت جي، اها وري ڳالهه اَهُکي آ،
ڏيڻ سِرُ پنهنجو جئري، ڪرڻ قربانُ مشڪل آ.

نڪا اٽس ٻَنڍَّ، نڪا سِيٽهه، نڪا ڪشتي ملاحن سان،
اڳيان آ عشق جو درياءُ، هلڻ هُن پار مشڪل آ.

لڏي هن لوڪ مان هلبو، لاڳاپا سڀ لاهي،
ننگؤن نڪري ٿيڻ نانگو، نِسنگ نروار مشڪل آ.

لڳي ”سليمان“ کي حيرت، پسي صورت اها قدرت،
بنان جُهڙ جي، منجهان آسمان، وسڻ بارانُ مشڪل آ.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* ’بياض حسين شاهه‘، ’بياض محمود ڏاهري‘ ۽ ’بياض يارمحمد خاصخيليءَ‘ ۾ هن ڪافيءَ جا ڪل ٽي بند ڏنل آهن، جڏهن ته ’فقير قمرالدين ڪلوڙ جي بياض‘ ۾ هن ڪافيءَ جا ڇهه بند ڏنل آهن. ٽيون، چوٿون ۽ پنجون بند ٻين بياضن ۾ آيل نه آهن. خاصخيلي فقير جي بياض ۾ هن ڪافيءَ جو آخري بند هن ريت آهي:

لڳي ”سليمان“ کي عبرت، ڏسي انصاف قدرت جو،
بنان جُهڙ منجهان آسمان، وسڻ باران مشڪل آ.

■

نال مٺڙي دي سُهڻي ڪِيتيان،
بِنَهه نہ وِسرن بَاتڙِيان.
’قالو بليٰ‘ دي قول اساڏي،
تن مَنَ ۾ تيڏيان ٿَاتڙِيان.
سوز وڄن سُرندي ساز
لنئون لنؤن ۾ تيڏيان لَاتڙِيان.
هوش عقل ڪُل ٿئي لڏ رواني،
جڏهان عشق ڪيتيان آٿباتڙِيان.
اڳيان تدبيران ٿال سيوئي،
جڏهان قرب ديان لڳيان گَاتڙيان.
هر دم نال ”سليمان“ سهڻا،
رمزان ڏِينهان رَاتڙِيان.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

- ❋ بياض حسين شاهہ
- ❋ بياض محمود ڏاهري،
- ❋ بياض فقير يارمحمد خاصخيليءَ ۾ هن ڪافيءَ جا ٻيا ٽي بند پڻ آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:

دل جون دريون درد کولايم،
جهٽ پٽ پائيم جهاتڙيان.
پردي وچ رانجهن آيا،
رل مل ذات صفاتڙيان.
جوين آيا جوڙ جواني،
برهہ بريان برساتڙيان.

■

جڏهن چشم مبارڪ چائِن تا،
تڏهن هينئڙي حجاب اُڏائِن تا.

جڏهن عاشق آ مريد ٿيو
تڏهن اُجريو دل جو ديد ٿيو
مهربان مٿس مرشيد ٿيو
تنهن کي اهڙي رمز رَسائِن تا.

جن کي سڪندي سال ٿيا،
سي تہ قربن منجهہ ڪنگال ٿيا،
سي وحدت منجهہ وصال ٿيا،
سي پنهنجو پاڻ پَچائِن تا.

حسن تنهنجو خوبان خوبي آ،
اها ساڳي صورت محبوبي آ،
ايڏو راز مٿس ربوبي آ،
سو تہ ڪنهن کي ڪين سُڻائِن تا.

ڳائي سان نہ وڄائي سان،
رب راضي ٿيو پنهنجي رائي سان،
”سليمان“ سڏيائين پنهنجي سعي سان
تنهن کي سارو سُر سَمجهائِن تا.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ
* بياض محمود ڏاهري

■

توکي گَندڙي، ڪتيءَ جي گوڏڙي،
ڪهڙيءَ رمز ريجهايو تو راءِ کي!

منجهه مِياڻي، سَمي سُجاڻي،
ڄامَ لَکِي تنهنجي لوڏڙي
ڪهڙيءَ رمز ريجهايو تو راءِ کي!

ڄَڏي ڪارِي، تي تخت واري،
ڪانڌ ڪَتِي آئي ڪوڏڙي
ڪهڙيءَ رمز ريجهايو تو راءِ کي!

راڻِيُن ڀانئيو راءِ اسان جو
ڀَڳِي نفسَ تنين جي هوڏڙي
ڪهڙيءَ رمز ريجهايو تو راءِ کي!

سهاڳ "سليمان" سَمي ڏيئي،
آڻي وِهارِي اوڏڙي
ڪهڙيءَ رمز ريجهايو تو راءِ کي!
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* راڳي فقير چنيسر خاصخيلي (ڪنيرو- تعلقو ڪپرو اڇڙو ٿر) کان روبرو ٻُڌل ۽ نوٽ ڪيل.

■

دلبر جي ديدار لايا هن، نينهن نظارا، نينهن نظارا.

ننگ ناموس تہ نينهن نهوڙيو هوش عقل کان نار ڳيڙو
پرت پسارا، پرت پسارا.

ڪاتي رانجهن ڪاتي رنگپور، گوشي ٻڏائين گفتار،
ٽرڪيائين تخت هزارا، تخت هزارا.

شمس، قمر ”سليمان“ سجڻ کي، چُمن ڪنڌين چوڌارا،
ڪن ٿا سجدا ستارا، سجدا ستارا.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران.

■

بَنا تيرِي بادشاهي هر دو جهان ۾،
ملائڪن کي منتظري آهي آسمان ۾.

ذڪر تنهنجو يا نبي (ﷺ) قادر ڪيو قرآن ۾،
آيتون لهي آيون، شافع تنهنجي شان ۾.

نظر تنهنجي يا نبي! جن، ديو، انسان ۾،
پريون گهايئي گهور سان، حورون ڪيئي حيران ۾.

سڏائي ”سليمان“ کي، مرسل آپ مڪان ۾،
مُرڪي ’مسند ڏٺي‘ ڪيو پنهنجي دان ۾.
(گندري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه
هيءَ ڪافي فقير محمد عمر ڳاهي، ڳوٺ ”مٽياروتر“، لڳ اچڙو تر کان ملي، جنهن ۾ هيءَ بند زياده آهي:

عاشق تنهنجا اچڻ وارا محبت جي ميدان ۾،
سي تہ سهڻا سائين موهيا تو مٽخان ۾.

◆

تنهنجن چشمن جا چُپڪارَ لڳا،
اندر منجهه آَپارَ لڳا.

لنئون لنئون منجهه لنگهي ويون لاڙون،
هينئڙي. تيرَ هزارَ لڳا.

ڪوڙيين ڪُسي پيا ڪيترا،
[illegible]

■

پوشُ اچي انساني پايُئِي، صورت جو اچي بيڪُ بنايُئِي،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

بنجي آئين مير محمّد (ﷺ)، ضعيفن جو تہ ضَمانُ،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

نوح نبيءَ تي نازل ڪيَڙُئِي، تَمُ تيو تہ طوفانُ،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

ابراهيم کي آڙاهہ چاڙاهيُئي. باهہ ڪيئي تہ بُستانُ،
تون تہ سجڻ سبحان.

نُورَ تنهنجي سارو طُورُ جلايو موسيٰ ڪيئي تہ مستانُ،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

يوسف بنجي مصر وِڪاٽين، ڪاٿي ڇڏيئي تہ ڪنعانُ،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

ڪربلا ۾ امام تي آئين، ملهائِيُئي تہ ميدانُ،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

خلق ساري خادم ڪيَڙُئِي، آهين تہ پير جوانُ،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!

نازن غمزن ساڻ نِوائي، سِڪائِيُئي تہ "سليمانُ"،
تون تہ سجڻ سُبحانُ!
(وِهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❁ بياض حسين شاهہ
❁ بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران ۾ هن ڪافي جا ڪل چار بند آهن، جنهن مان آخري بند هن طرح لکيل آهي:

مير محمد جو پائي چولو 'رب ارني' ڪيئي اولو

ــــــ ڪيئن ريجهايان توکي! ــــــ
سڪائيئي "سليمان".

■

پينر ڄائِسِ پلي، ڙي سرتيون!
ساهيليون
هن سنسار ۾.
امڙ ڏنم اوراڻو ساعت
هئي سولي،
سرتيون هن سنسار ۾.
در ولايت دلبر منهنجي جي، هوت به آيم هِت
هلي،
سرتيون هن سنسار ۾.
چوي "سليمان" مرشد منهنجو مشڪل ڪشا مولا
علي،
سرتيون هن سنسار ۾.
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❋ بياض حسين شاهہ

❋ هيءَ ڪافي فقير محمد عمر ڳاهو ڳوٺ "مٺيارو ٽر"، لڳ اڇڙو ٽر کان پڻ ملي، جنهن جو آخري بند هن ريت آهي:

سچڻ "سليمان" صحي سچاتو آهي مرشد مولا علي.

■

سرتيون! مون نہ سنڀاليو رات وهامي ويئي،
پرينءَ پڏر پيئي.

سنجهي سات لَڏيَئُون، وٿان مون ويهي،
پرينءَ پڏر پيئي.

جنين مون کي ماريو سيڻ ڪيا مون سيئي،
پرينءَ پڏر پيئي.

تغضي اٺ بلوچ جا، نيش وڏا نيهي،
پرينءَ پڏر پيئي.

ماڙ ڪندا "سليمان" تي، حسن حسين ٻيئي،
پرينءَ پڏر پيئي.
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه.
* بياض درگاهه شريف پير پاڳاران.

■

اُٺندي عليءَ کي جيڪو سنڀاري،
مشڪل تنهين کي علي نہ ڏيکاري،

مڪي ۾ مديني علي پاڻ گهاري،
ڪارا جي ڪافر مُدعي تو ماري،
مشڪل تنهين کي علي نہ ڏيکاري،

دليئن دلبر مون کي ديدارُ ڪاري،
مديني جا منارا شل نِيلُون ڏيکاري،
مشڪل تنهين کي علي نہ ڏيکاري،

مرشد مريدن تي مَنَ ماڙ ڪاري،
قيامت ۾ حشر ۾ اچي پار اُڪاري،
مشڪل تنهين کي علي نہ ڏيکاري،

”سليمان“ صبح ساجهر تو سنڀاري،
تنهن کي اچي مَنَ ديدارُ ڪاري،
مشڪل تنهين کي علي نہ ڏيکاري،
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❋ بياض حسين شاهہ
❋ بياض محمود ڏاهري ۾ هن ڪافيءَ جو ٽيون بند وڌيڪ آيل آهي.
❋ بياض يارمحمد خاصخيلي ۾ هيٺيون بند پڻ ڏنل آهي:
ڏُلدل تو سينگاري، پنهنجا قول تو پاڙي،
محمد حنيفي ورتا ويرَ واري،

■

حُسن يار! تنهنجي ڪي لايا نظارا،
ڏسي باغ بلبل ڏين ٿا اُلارا.
تنهنجي حسن جون ڏاڍيون هلائون،
ڪٿاريون عُشاقن کي هينئڙي هنيائون،
ٿڻين جو ترسُ ڪر، وڍيئي جي ويچارا.
تنهنجي حسن کي آ ذوق ذاتي،
تنهنجي حسن کي هميشھ حياتي،
تون مالڪ مُلڪ جو تنهنجا هن پسارا.
تنهنجي حسن جي آ ڏاڍي تجلي،
پرتوو موسيٰ تي پيئڙو ويو طور جلي،
ڪو مثقال خوبي پسايو پيارا.
حورن پرين ۾ تنهنجي آ حيراني،
مَلڪَ، جن، ماڻهو ٿيا آدم اداسي،
تو لئہ سڪن ٿا سهسين ستارا.
شعلو شاھ حضرت آ تنهنجي حسن جو،
”سليمان“ عاشق آ بيشڪ بدن جو،
تنهن کي ڪرايو ڪو درسن دوبارا.
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاھ
* بياض محمود ڏاهري
*بياض درگاھ شريف پير پاڳارانِ
* بياض يارمحمد خاصخيليءَ ۾ آيل انهيءَ ڪافي ۾ هيٺيون بند زياده ڏنل آهي:
اولھ اوير ۾ دهلي دکن ۾
جڙيون جايون تنهنجون رنگ محل ۾
عرش فرش تي تنهنجا نظارا.
درگاھ شريف واري بياض ۾ چوٿون بند هن طرح ڏنو ويو آهي:
حورن پرين کي اوهان جي پياسي،
ملڪ، ديو ۽ جن آدم اداسي،
شمس قمر سڪن ٿا ستارا.

■

ويڄئي ٽي وهاڻي، نہ ٽو ڄاڻ ڄاڻي،
صبح جي سخيءَ ڪان، ڏوڙا ڏاج آڻي.

تيسين ٽو تنوارين، جيسين ٽِئِي جُواڻي،
اهو جوڙُ جوڀن، اٿئي واءَ واڪاڻي.

ڪرٽو ٽئي تہ ڪج ڪِي، هي حڪم ٽئي هاڻي،
اهڙي حسن سان، ٽون محب ڇو نہ ماڻي.

وڄايو وڄاڻا، سنجهي پير تاڻي،
اهڙين افعالين لڄائِي لَنگهياڻي.

ڪري راڳ روحئون، راجا ڪي ريجهاڻي،
وٽي نام "سليمان"، سڏيندئي سُڄاڻي.
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* هيءُ ڪافي فقير عبدالغفور ڪٽپر (عمر 70 سال) ويٺل لڳ "ڪوٽ مير محمد خان" کان فقير ميانداد لغاريءَ جي خانقاهہ تي روبرو ٻڌم ۽ لکيم.

■

صاحِبَ سڏايو مَنگِتو مَلهايو
هِن ٻُکيءَ کي شهنشاهہ ڍايو.

نِکي تو ڄاڻان ڳايو وڄايو
آياڻون مڱڻهار تنهن کي پاند پايو
هِن ٻُکيءَ کي شهنشاهہ ڍايو.

ٻيا دَرَ وِساري، تُنهنجي در آيو
ڪري ڪارسازي تنهن کي مقصد ملايو
هِن ٻُکيءَ کي شهنشاهہ ڍايو.

دنيا ۽ عقبيٰ جو ڪونهي رايو
ڳجهو سُرُ "سليمان" کي سائين سمجهايو
هِن ٻُکيءَ کي شهنشاهہ ڍايو.
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.

■

سُتي ٿيم سجاڳي، جڏهن آءٌ جاڳي،
سڳر جا سونهارا، اُتي ياد آيم.

ڇُوڙِ تي چوڙيلين ڪنيو ٿي ڪيڏايم.
سَهِنجهون سهيلين هنجن ۾ هيرايم.
سڳر جا سونهارا، اُتي ياد آيم.

ڪڏهن ٿي ڳاڪِيُن سان گڏ ڳيچ ڳايم.
سمهڻ ويل سرتين واري ٿي وڇايم.
سڳر جا سونهارا، اُتي ياد آيم.

ملڪ ۾ مارن سان ٿي مينهڙا وسايم.
رهندي راند تن سان مينڍيا پِڇايم.
سڳر جا سونهارا، اُتي ياد آيم.

’لاتقنطو‘ ڪان دلاسو جو آيم.
سنڀالي ”سليمان“ بند ۾ بچايم.
سڳر جا سونهارا، اُتي ياد آيم.
(وهاڳڙو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي (سانگهڙ) ۽ ڪاشف نظاماڻي (سانگهڙ) کان روبرو ٻڌل ۽ نوٽ ڪيل.

■

دلبر ڪي دانهون،
مان ڏينديس ڏکن جون.

آئي پهر اندر منهنجي ۾، سُورن جون ته صلاحون،
مان ڏينديس ڏکن جون.

ڪانگَ جياپو منهنجي جيءَ جو جيڏيون اينلم اوڏاهون،
مان ڏينديس ڏکن جون.

اکين اورانهون اوڏانهن جو گيڙو روز پُڇن راهون،
مان ڏينديس ڏکن جون.

عرض "سليمان" چئي پنهنجي اندر جا، ٻئي هٿ ٻڌي ٻانهون
مان ڏينديس ڏکن جون.
(ڌناسري)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاهه

* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻيءَ ۾ هن ڪافيءَ جي ٻئي بند جي پڙهڻي هن طرح آهي:

ڪانگ جياريم جيئڙو جيڏيون آيو جو اوڏانهون.

■

ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان، ڏس ڪو ڏانءُ.

يان ٿيان مومن، نيڪ نمازي،
جنهن ۾ رانجهن! تون ٿئين راضي،
جامي جوڙايان، ڪين سِرڙو نِوايان.

يان ٿيان هندو، پوڄايان بُت خانا،
گنگا، جمنا ڪاشي جا اشنانا،
تِلڪُ لڳايان، ڪين جَڻيو پايان.

يان ٿيان ناچو، پايان پيشوازي،
ڏُڪڙ ڏمچر، ساز آوازي،
ڦيرڙي پايان، ڪين ڇير ڇمڪايان.

آءٌ تہ پيارل ڪريون پرچاءِ،
ساڻ "سليمان" جي سرچاءِ،
لائق ناهيان، تہ بہ تنهنجي آهيان.
(پرپاتي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاهہ

* بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سڀ رنگ"، ص 171. ڊاڪٽر صاحب انهيءَ ڪافيءَ جو ٿلهہ هن طرح ڏنو آهي:

ڏس اهو ڏانءُ، جنهن سان توکي پرچايان،
توکي پرچايان، توکي سرچايان.

* بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "ڪافيون" - جلد پهريون، ڪافي نمبر 459، ص 256.

■

ڳائين نہ وڄائين، تون چارڻ چائين،
ساري رات سمهيو لنگها ٿو لڄائين.
داتا جي در تي ڪيڻ ڪاڄ ڪائين،
وردؤن وظيفا پوين ڪي پُڄائين،
ساري رات سمهيو لنگها ٿو لڄائين.
تون تہ جنهن جو منگتو ٿو سڏائين،
ڪٽي ساز سُرندا هلين نہ اوڏاهين،
ساري رات سمهيو لنگها ٿو لڄائين.
“سليمان” سوالي سيئي سڏيائين،
آڏيءَ جو املھ ڏڏن ڪي ڏنائين،
ساري رات سمهيو لنگها ٿو لڄائين.
(پرڀاتي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاھ
* بياض درگاھ شريف پير پاڳاران هن بياض ۾ انهيءَ ڪافيءَ جو ٽيون بند هن ريت ڏنو ويو آهي:

تون جنهنجو منگتو ملڪ ۾ سڏائين،
ڪر ساز ساڃا وڃڻو تو اوڏاهين.

*راڳي عمر فقير ڪٽپر (عمر 60 سال) رهندڙ ڳوٺ "فقير محمد بخش ڪٽپر" تعلقي ڪنگريءَ کان خانقاھ فقير مياندا لغاريءَ (لڳ ڪوٽ مير محمد) تي روبرو ٻڌل.

■

تندن جي تنوار
جيجل جاڳايو جندڙو.

ساز آواز سنڱيون، ٽنهي جي هڪ تار
جيجل جاڳايو جندڙو.

مست مڙهيءَ ۾ آئيا، ڏَڄَ ڪري ڏچڪار
جيجل جاڳايو جندڙو.

جيڪي سَرِيو ساميئڙن کي، گنگا ڪؤن گرنار
جيجل جاڳايو جندڙو.

سُٽي آيا ”سليمان“ چٽي، گُر وٽان گفتار
جيجل جاڳايو جندڙو.
(ڪاهوڙي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي
* ڪاشف نظاماڻي (سانگهڙ) ۽ فقير سوڍي ملاح (ڪڏڙو) کان روبرو ٻڌل.

■

منهنجي ڪاڻ پنهور ۾ آيو ڪيچئون ڪوهيارَلُ ڪاهي
ڪيچ ڏٺي هِتِ ڪاهي.

آيو اُتر پار ڏانهن، سو تہ سيد ساٿُ سنباهي،
ڪيچ ڏٺي هِتِ ڪاهي.

اديون! شهر پنهور تو پهراٽيون پهرائي،
ڪيچ ڏٺي هِتِ ڪاهي.

مُشڪُ مهانگو ملڪ ۾، ويٺو هِت سڄڻ وراهي،
ڪيچ ڏٺي هِتِ ڪاهي.

سرتيون "سليمان" چئي، آيو پيرَلُ واڳَ ورائي،
ڪيچ ڏٺي هِتِ ڪاهي.
(لاڪو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران.
* بياض حسين شاهہ
* بياض فقير يارمحمد خاصخيليءَ ۾ انهيءَ ڪافيءَ جو آخري بند هن ريت ڏنو ويو آهي:
سڱ "سليمان" جو سو تہ آري ڄام سان آهي.
* فقير محمد عمر ڳاهي (لڳ اڇڙو ٿر) جي موڪليل هن ڪافيءَ جو آخري بند هيٺينءَ طرح آهي:
سڄڻ "سليمان" جو سو تہ آجهو آرياڻي آهي.

■

نِيو نماڻي پاڻ سان،
جا يار پلئه تو پيئي.

رَڙي ۽ رِيهُون ڪري، جا پنهنجي وس کان ويئي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.

عيبن ڀري آهيان، جيهي آهيان تيهي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.

متان مون کي ڇڏئين، نام الله جو ٽيئي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.

دلاسو دلگير کي، ويا ڏونگر منجهه ڏيئي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.

اوکا پنڌ پهاڙ جا، ڪندا قرب ڪيئي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.

ڪندا قرب ڪِنيءَ سان، ايندا پَکِي پرين پيهي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.

دانهون پنهنجي دَردَ جون، چوندو ”سليمان“ سيئي،
نِيو نماڻي پاڻ سان.
(لاکو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاه
* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻيءَ ۾ هن ڪافيءَ جو هيٺيون بند زياده آهي ۽ ان ۾ ڪل پنج بند آندا ويا آهن:

رزاق هٿ رحم جا، تون تہ ٻانهيءَ تي ڏيج ٻيئي،
نيو نماڻي پاڻ سان.

■

عمر! امانت وار سلامت،
پنهوار ملندِي هيءَ جا پنهوارن.

اٿم اُميدان منهنجا مارو ايندا،
نيئڙي مون اچي نماڻيءَ کي نيندا،
پيو ننگ منهنجو ننگ وارن.

ڪوٽن ۾ هيءَ ڪين گَٽِيندي،
ماڳَ مارن جو ڪين مَٽِيندي،
ڏار مري ٿي هيءَ جا ڏنارن.

زور ڪري هِت بندي تو ظالم،
ڪين ٽِڪندي تو وٽ حاڪم،
اصل آهي سندي سنگهارن.

واءَ خزان جي ڏني هيءَ جدائي،
مند ”سليمان“ چئي ملڻ جي آئي،
بُلبل ملندي ساڻ بهارن.
(مارئي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض درگاهه شريف پير پاڳاران.

■

سوگهو ساهہ ٽِيوم سنگهارن سان،
منهنجي پوري پريت پنوهارن سان.

وطن وساري آءٌ ڪيئن ويهان،
منهنجي سِينڌ ڏنل سنگهارن سان.

هِت مشڪ مليان، هُت مهٽان جهليان،
ڪيهو ويرُ وجهان ٽر وارن سان.

تنهنجي سيج پلنگ تي آءٌ ڪيئن سُمهان،
منهنجون ڳالهيون آهن ڳنوارن سان،

هُو جي جهنگ ٽا گهمن، سڪ ڪين وهن،
مون کي مولا ميل ڏنارن سان.

ساز آواز عمر تنهنجا ٻن پيا،
منهنجو هينئڙو ٻُجي ٻٽڪارن سان،

هُو جي مال مارن جا اڪئين شال ڏسان،
چت چاهہ چڙن ۽ چينگهارن سان.

تنهنجي باغن بنگلن جي باس نہ باسيم،
گلن گونٽن گلزارن سان،

هُتِ وِچڙيون وسن، هِتِ اڪڙيون ٽِمن،
”سليمان“ ملي سِڱ وارن سان.
(مارئي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❋ بياض درگاهہ پر چونڊي شريف.

❋ بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: ”ڪافيون“ - جلد پهريون، ڪافي نمبر 465، ص 260.

■

اڄ علي شير، اُتِ علي شير،
پيچ قضا جي ڪوٽ ڪي!

پيچ ڪڙولا ڪوٽ جا، پنهنجي دست دلير،
پيچ قضا جي ڪوٽ ڪي.

ماري تنهن مردود کي، وٺي ويريءَ کان وير،
پيچ قضا جي ڪوٽ ڪي.

لاهه نِيرَ نماڻيءَ تان، پري پاڳارا پير،
پيچ قضا جي ڪوٽ ڪي.

’مسند ڏٽيءَ‘ جي مهر سان، ڪيا ”سليمان“ سيرَ،
پيچ قضا جي ڪوٽ ڪي.

(مارئي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير يارمحمد خاصخيلي.
* فقير محمد عمر ڳاهي (لڳ اڇڙو ٿر) کان مليل هن ڪافيءَ ۾ هيو بند پڻ شامل آهي. جڏهن ته بياض فقير يار محمد خاصخيليءَ ۾ اهو بند نه ڏنو ويو آهي.

■

مارُن جي پئي ميار
عمر مون تي آهي.

چو چڙيس چيلن کان الا!
ڏنارن کئون ڏار تڏهن آءُ کاهي.

ڪوڙيين آهن ڪيترا الا!
مون تي حرف هزار سگهان ڪيئن لاهي

سچڻ مليو "سليمان" کي الا!
ڏياريو ڏاتار پرين سو پرچائي.
(مارئي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظامائي.

■

هينئڙو هيڪارُون،
مارُن لئي ماندو ٿيو.

سُٽِي مانَ سَگِهي ٿيان، جهانگين جُهونگارُون،
هينئڙو هيڪارُون.

وَٺڙا مينهن ملير تي، ٽڙ ٽڙ پون ٽنوارُون،
هينئڙو هيڪارُون.

پرٽائينديون پرين سان، پلئُہ لائي پنهوارُيون،
هينئڙو هيڪارُون.

سڄڻ جون "سليمان" کي، ڳَلِ ڳچيءَ ڳارُون،
هينئڙو هيڪارُون.
(مارئي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض مولوي عبدالرحمان نظامائي.

■

ماروئڙن جو مذڪور،
راتيان ڏينهان روح ۾:

مون کي سپرين جو سيني اندر سور،
راتيان ڏينهان روح ۾:

مون کي مارو ڄامِ جا، پُورن مٿي پور،
راتيان ڏينهان روح ۾:

جيءُ جلي ٿو جن لئي، تپي جيئن تَنُور،
راتيان ڏينهان روح ۾:

سائين "سليمان" کي، حاصل ڪر تون حضور،
راتيان ڏينهان روح ۾:
(مارئي)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض حسين شاهہ
* بياض فقير يارمحمد خاصخيليءَ ۾ شامل هن ڪافيءَ ۾ مٿين بندن کان سواءِ هيٺيون بند وڌيڪ ڏنل آهي:

جيڏيون منهنجي جيءَ ۾ وڏا عشق انبور،
راتيان ڏينهان روح ۾:

■

هيءَ جا ماندي مسافر مفت مَري
تنهن ڪان پاڻُ پڇو هَلِي پيرَ پَري

هڪ عشق سَندو آزار هيو
ٻيو بت سارو بيزار هيو
ٽيون نيڻن مان ٽي نارُ وهيو
چوٿون محب ملي، منهنجو مَنُ ٺَري

هڪ سسئيءَ کي سورن سامانُ هيو
ٻيو تہ ملڪ سندي جو مانُ هيو
ٽيون تہ پيڪن جو ارمانُ هيو
چوٿون ڏيرن جي ڏکي، ڏُکُ ٽي رَڙي

هڪ سهڻيءَ کي سِڪَ ڇُورُ ڪيو
ٻيو تنهن کي ميهر جو اڇي پُورُ پيو
ٽيون پار وچڙ جو ضرور پيو
چوٿون سَر وَهي سهڻي تارَ ٺَري

هڪ مجنون برَ ۾ بيران هيو
ٻيو تنهن کي ليليٰ جو ارمان هيو
ٽيون قاضي مٿس قهار هيو
چوٿون سِڪَ "سليمان" جي نہ ساعت سَري
(آسا)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* فقير مولوي عبدالرحمان نظامائي (گڙنگ بنگلو سانگهڙ) ڪان مليل.

■

دل ۾ دکائين نہ دُودُ پرينءَ جو
چو ٻاهر ساڌ سڏائين ٿو.
علم پڙهي ٿيو آهين عالم
پاڻ کي سڏائين ڏاڍو سالم
عشق بنا تون آهين ظالم
پاڻ ڀلو ڇو ڀائين ٿو.

ڪشف ڪاني ڪرين ڪرامت،
اهو خيال اٿئي سيوئي خيانت،
هرڪو پساهُ اٿئي امانت،
وصل ڪان ڇو تون وڃائين ٿو.
گفتا ڪرين ٿو ڏاڍا گهرا،
لوڪَ کي سُٽائين ڏاڍا ڇهرا،
لنؤ نہ لڳي ٿئي هَٽين ٿو لهرا،
ڪيئي ڪوڙ ڇو ڪمائين ٿو.
شعر چوين تون ڏاڍيون شاخون،
ماڻهن ۾ مشهور مشاخون،
برهہ بنا ٿو هٽين آواسون،
ڇو سُڄي جاءِ وَسائين ٿو.
جَتِي سَتِي ول جوڳي جڳاسي،
سنياسي هجي توڙي اداسي،
پنڌ ۾ پريم جي نہ ٿئي پياسي،
ڇو ناحق گُنُ ڪپائين ٿو.
پير درياءَ ۾ ڪين پُسائين،
وڃي هوا تي مصلو وِڇائين،
ٿَبُ محبت ٻاجهون جٽيو مڪ آهين،
ڇو ناحق ڪوڙ ڪمائين ٿو.
مرشد سائين جيئن فرمايو
رک "سليمان" تنهنجو سعيو
ماسوي الله ٻيو پنڌ اجايو
ڇو نہ وجود وڃائين ٿو.
(آسا)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهہ

■

بي مثل دا مثل ڏتوسي،
احد ۽ احمد اصل ڏتوسي.

بي مثل دي بات نہ ڪائي،
واهہ جا رانول رمز رَلائي،
هادي هِردي وچ هَلائي،
قرب والي ڪونسل ڏتوسي.

ڌڙ ڪنون سِر ڌار ڪريندي،
وڍڻ دا وهنوار ڪريندي،
نينهن نسنگ نروار ڪريندي،
غازيان تي نہ غسل ڏتوسي.

جذب وچ جان جلاون جوڳي،
ويک انهان ڪون روئندي روڳي،
او تہ راز رضا دا ويندي پوڳي،
نينهن واليان دا نسل ڏتوسي.

سِرُ ”سليمان“ پير جو پاون،
ڳالهہ اهائي اُلٽ آلاون،
راز اِنهين نال ناٿ نِماون،
ول ٿِهين دا وصل ڏتوسي.
(آسا)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
⁂ بياض حسين شاهہ

■

اور اندر منجهہ لا الہ الا الله،
ذڪر ذاتي ذوقئون زور.

گوڏو ڀڃايو جڏهن مون ڪان هادي،
مرشد سائين چڙهي ويٺو مٿي گادي،
ارشاد ڪيائون ساڻ امدادي،
ڏاڍِي ٻَڌِي وَٽُ ٿاها ڏور.

ظاهر باطن ذڪر ڏنائون،
صورت پنهنجيءَ جو فڪر ڏنائون،
دام دنيا جي مان نڪر چيائون،
هاڻي وچي ٻيا ٿَڪَ نہ تور.

ٻنهي ٻوٽڻ جو حڪم ڏنائون،
مون تي پنهنجي نظر ڌريائون،
پوءِ قلب منهنجو صاف ڪيائون،
چاڪ ٿِئين، هاڻي وچي چرخو چور.

دست ڏنو هو جڏهن مون کي داتا،
پاڻ فرمايائون وائي هيءَ واتا،
اُٿي ويٺي ڪج آلهہ اثباتا،
هاڻي سِرُ "سليمان" انهيءَ سخن تان گهور.
(آسا)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❋ بياض حسين شاهہ.
❋ بياض درگاهہ شريف پير پاڳارن.
❋ بياض محمود ڏاهري.

■

اهڙو عشق آهي اظهار 'اناالحق' پڙهائي ٿو.

صورت جا ٿو سير ڪرائي، هڪدم ٿو ڦير ڦيرائي،
سر ڪيو سينگار، سو علماءَ اڙائي ٿو.

دين ڪفر ۾ پير پرائي، روزا نمازون ترڪ ڪرائي،
اهڙا ڪيو آچار، تقويٰ ترت تڙائي ٿو.

پنهنجا مڪتب ٺاهيو ٺاهي، مسجد مڙهيون ڊيرا ڊاهي،
حُجرا لک هزار، لحظي منجهه لُڙهائي ٿو.

"سليمان" اهي ڄاڻ ٿو ڄاڻي، ڪي سوري ڪي منجهه گهاڻي،
نينهن ڪيو نروار، چوڏهين طبق چڙهائي ٿو.
(آسا)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه

■

سمجهه ڪر سالڪ صحيح، پڙهه لا اله الا الله،
ڪيچ هلندين تو ڪهي، پڙهه لا اله الا الله.

افضل ذڪر الله جو آهه راز رسول الله جو
سودو ڪري ڏس ساهه جو، پڙهه لا اله الا الله.

هلندي چيتي ڪي چور تون، ظاهر ذڪر ڪر زور ٿن،
ڏاڍي اها ٻڏ ڏور تون، پڙهه لا اله الا الله.

”سليمان“ سهنجو ٿئي سفر، قلبي ذڪر جي ٻڏ ڪمر،
سڪرات قيامت منجهه قبر، پڙهه لا اله الا الله.
(آسا)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
در محمد چانڊيي (عمر 70 سال)، ويٺل ڳوٺ ”صاحب خان چانڊيي“ تعلقي موري کان ٻڌل ۽ نوٽ ڪيل.

◆

ڏمرجي ويا اٿم ڏير،
الا! مون ته ڪميٽيءَ ڪين چيو.

ڏير چڙهي ويا ڏونگرين، پٿر ڏئي پير،
ڏمرجي ويا اٿم ڏير.

منهنجي دل آهي ميٺ، دوست دل جو دلير،
ڏمرجي ويا اٿم ڏير.

ڪيچئون ڪيچي آئيا، وجهي ويڙا وير،
ڏمرجي ويا اٿم ڏير.

سڄڻ ”سليمان“ سان، ڪج پلايون پير،
ڏمرجي ويا اٿم ڏير.
(گهاتو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي

■

آءٌ منهنجا سڌڙا سُٽي، مالڪ! ’روضي ڏٽي‘،
مرشد! يار دڪجاڻءِ ڪا يادگيري،

اسان ڪي منظور آ، جا وارث توکي وَڻي،
مالڪ! ’روضي ڏٽي‘!

درد وارن جي دلڙي، حاڪم وِئين تون هَٽي،
مالڪ! ’روضي ڏٽي‘!

لائينديس لڱن کي، تنهنجي پيزار جي پٽي،
مالڪ! ’روضي ڏٽي‘!

آءٌ اڱڻ آسروندڙيءَ جي، ڪامل قدم ڪٽي،
مالڪ! ’روضي ڏٽي‘!

سائل ”سليمان“ ڏي ڏِسُ، نازڪ نيڻ ڪٽي،
مالڪ! ’روضي ڏٽي‘!
(گهاتو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض درگاهہ شريف پير پاڳاران
* بياض ڪاشف نظاماڻيءَ ۾ هن ڪافيءَ ۾ آيل ٽيون ۽ چوٿون بند زياده ڏنا ويا آهن، جتان هتي نقل ڪيا ويا آهن.

■

سَچڻَ هجڻ سَنوان، سَچُ تي چوان،
چا ڪنديون ڏنگايون ڏيهه جون!

پايو پاند ڳچيءَ ۾، پرين پيش پوان،
چا ڪنديون ڏنگايون ڏيهه جون!

رهبر پاڪ رسول ﷺ جي، روضي منجهه رهان،
چا ڪنديون ڏنگايون ڏيهه جون!

سچڻ ”سليمان“ جا، نازئون ناز نوان،
چا ڪنديون ڏنگايون ڏيهه جون!
(گهاتو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❊ راڳي فقير يارمحمد خاصخيلي (اچڙو ٿر، تعلقي ناري) کان مليل.

◆

چَاڳَن ڪئي هان چَرِي، وِيندِيَسِ مَرِي،
گَرِ ڪا پُنهل پوئواري!

دلبر جي ديدار جي، ڪولي ڏِسُ دَرِي،
گَرِ ڪا پُنهل پوئواري!

پرين سندي پار جي، ڏي ڪا خبر ڪَرِي،
گَرِ ڪا پُنهل پوئواري!

"سليمان" ڪي سورن جي، سِرَ تي آهي ٻَرِي،
گَرِ ڪا پُنهل پوئواري!
(گهاتو)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* فقير يار محمد خاصخيليءَ کان مليل.

■

آءُ چنيسر پيهي،
هارُ هَٿين مون ڇڏيو.
داتا تنهنجي در تي،
ڪار ڪنديس ڪيهي،
هارُ هَٿين مون ڇڏيو.
مَڃَ تنهنجي محبت جا،
ورهه وسايا مون ويهي،
هارُ هَٿين مون ڇڏيو.
منهنجي هن حال جي،
معلوم توکي مٿيئي،
هارُ هَٿين مون ڇڏيو.
سڄڻ "سليمان" سان،
نينهن نپائج نيهي،
هارُ هَٿين مون ڇڏيو.
(ليلا چنيسر)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض حسين شاهه.
* راڳي چنيسر فقير کان اچڙي ٽر (کنيرو- کپري) ۾ روبرو ٻڌل.

■

زُلف لَڙهي رخ يار دي اهو دام هي ميرا،
ابرو ڪِي شمشير سي قتلام هي ميرا.

چاهِ زَنخ دي وچ غبغب هي، ميرا دوست صراحي ديتا هي،
آب ۾ شتاب پيتوسي، جر جام هي ميرا.

مُکُ گويا ڪوئي باغ بنايا، عجب چمن اسراري،
گل شمع، گل لاله، گل انعام هي ميرا.

مُکُ محبوب ڪا ڪعبه هويا، تَنُ ميرا طواف ڪريندا،
جس ڪو آپ ڪفران ڪهتي هو وه اسلام هي ميرا.

”سليمان“ صنم ڪون سجدا، قلب ميري جو ڪيتا هي،
عشق جلي ديدار وڪايا، سو امام هي ميرا.
(ڪاموڏ)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* راڳي فقير محمد عالم شر (جهول، ضلعي سانگهڙ) کان روبرو ٻڌل ۽ نوٽ ڪيل.
* فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻيءَ انهيءَ ڪافيءَ جو ٽلهه هن طرح ٻڌايو:
زلفڙي رخسار تي اهو دام هي ميرا.

■

هينئڙي اندر اُڪير،
آيل آديسين جي.
آسڻ اُڪنڊيءَ جي اڃي،
ڏيندا دلداريون دل ڏيرَ،
آيل آديسين جي.
آديسين جي اڃڻ رِي،
چِت اندر اٿم چيرَ،
آيل آديسين جي.
اڪيون آديسين لاءِ،
نيڻؤن وهائن نيرَ،
آيل آديسين جي.
سڪاءِ "سليمان" چئي،
زاهد پنهنجي ضميرَ،
آيل آديسين جي.
(جوڳ)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

هيءَ ڪافي "روضي ڌڻي چيئر"، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس ۾ پيل هڪ قلمي بياض تان نقل ڪئي وئي.

■

سچڻ تو سينگارُ ٻَنا! آهي عجب اِسرارُ عجائبَ!
تنهن جي انت ذري ۾ وٺيو اچن پيزار ٻَنا!
آهي عجب اسرارُ عجائب!
سِرَ تي مولهيو شملو شاهي، زلف خم و خمدار ٻَنا!
آهي عجب اسرارُ عجائب!
حورون پريون هزارين اوهان جي، ڪن لطيفي هلڪار ٻَنا!
آهي عجب اسرارُ عجائبَ!
سچڻ "سليمان" سوالي اوهان جو سو پهرايو پينَارُ ٻَنا!
آهي عجب اسرارُ عجائب!
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.

* محترم محمد علي مهر جي قلمي ذخيري ۾ موجود هن ڪافيءَ ۾ ڪل ڏهه بند ڏنا ويا آهن. هتي باقي بند ملاحظي لاءِ ڏجن ٿا:

دير نہ گهرجي داتا سائين، تولاءِ تخت تيار ٻنا.
بوراق آيو بهشت منجهان، ٿيا تنهن تي هسوار ٻنا.
ماڻ اچي تون لامڪاني لاڏلا، لا فتح اختيار ٻنا.
دائود، يوسف، سليمان، گهُرن تنهنجو ديدار ٻنا.
هر ڳليءَ ۾ روشن ٿيئڙو حسن تنهنجي جو هيڪار ٻنا.
ملائڪ مڙئي منتظر ٿي، هوري ڪڻن پيزار ٻنا.
ابرو عين اوهان جا اعليٰ، پاتئہ ڪجل قهار ٻنا.

■

ڪو محبوبن جو مون وچي ملڪ ڏِٺو
ڳڻن ماڳ مِٺو.

محبوباڻي ملڪ جو
سيڪو سير سُٺو.
ڳڻن ماڳ مِٺو.

قريباڻي قرب سين،
ڪاتي ريءَ ڪُٺو.
ڳڻن ماڳ مِٺو.

”سليمان“ وصال جو
مَن تي آبَرُ وُٺو.
ڳڻن ماڳ مِٺو.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

❊ محترم محمد علي مهر (پير ڳوٺ) ڪان مليل.

■

جيجان! جوڳين کي سدا ساهه ساري
ڪڏهن محب ملندو ڳڻتي تي ڳاري

يادون درد پريون
لڳيون قرب ڪڙيون
اُهي ماڳ مڙهيون
مون کي ڏاتر ڏيکاري

سڙان روز ڪامان
اچن سور سامهان
هجن پڪ اُڏامان
جيڪي چڏيان نه وساري

”سليمان“ هل ڪاهي
سِر جو سانگو لاهي
اهڙو عشق آهي
جنهن کي ڏيکاري

(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* فقير غلام سرور ابڙي (مور هڏي پٽ - آچڙو ٿر) کان درگاهه غلام حيدر پناهه (ڪينواري تعلقي کپري) تي روبرو ٻڌل.

◆

عمر! ادا، ماري ٿي، مارن جي جدائي،
ڪنهن سان سُور سليان، ڪونهي حال پائي.

ڏسي ڪوٽُ ڪارو
ڏکي ڏيلُ سارو
ڪٿ ناهي ڪارو
اندر ۾ اونداهي.

هتان آءٌ جا ويندي،
مارن ساڻ ملندي،
ڪٽي ڪات ڪهندي،
اصل آءٌ نہ ڇائي.

”سليمان“ چئي ايندا،
منهنجا بہ ٿيندا،
ڏکيءَ کي بہ ڏيندا،
ولهيءَ کي واڌائي.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* فقير غلام سرور ابڙي (مور هڏي پٽ ـ اچڙو ٿر) کان مليل.

■

اباڻن کان آيا، نياپا ڪي نيهي،
سُڻج سوال سومرا! گرِ ويچارُ ويهي.

ڇيلا ڇانگ ڇيڙيون، مڇر مير ميڙيون،
اسين سرتيون سڀيئي.

رهون روز ٿرن تي، مرون تن مڙهن تي،
ڏين ٿڙ ٿڙن تي، ادب ساڻ اهيئي.

"سليمان" سٿيان، ڪوٿن ۾ نہ ڪٿيان،
ماڙين تي نہ مٿيان، پنهوارن جي پيهي.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
فقير غلام سرور ابڙي (مور هڏي پٽ ـ اڇڙي ٿر) کان مليل.

■

جوڳي بيراڳڻ آهيان بر ۾، پنهل پنهنجو پرچايان مان.
ڳولي ڦولي جوءِ جتن جي، ڍولڻ پنهنجو ڳل لايان مان.

وار ونگوڙا مُور نہ ڪنديس، چوٽيءَ ڦل تنهنجو ڪين پائينديس،
ڦٽي ڪٽي مان سينڌ نہ ڪڍنديس، سُرمون مُور نہ پايان مان.

عشق تنهنجي پٽيون پڏايون، سور سختيون سِرَ تي آيون،
سرتيون چون هلون پيرين پيادي، پاند ڳچيءَ ڳل پايان مان.

تڏي تي منهنجو مرشد ايندو، اڇي منهنجا غم ميٽيندو،
سِڪون يار ”سليمان“ ڪي ڏيندو، پِيرَن تي باس ورهايان مان.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
* بياض محمود ڏاهري.

■

پيئڙم چَاڪَ چِڪِي،
الا! ڪُرَنِ ٽا کهڪاءَ ڪان.

دوا منهنجي دردن جي، الا! مُحبن ڪانہ مُڪِي،
پيئڙم چَاڪَ چِڪِي.

هن منهنجي هيٽي حال جي، الا! پَوِينِ شل! ٻاجھہ ٻُڪِي،
پيئڙم چاڪ چِڪِي.

”سليمان“ پنهنجي پرينءَ لاءِ، الا! پاتا لياڪا لِڪِي،
پيئڙم چاڪ چِڪِي.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* هيءُ ڪافي فقير عبدالغفور ڪٽپر، ويٽل ڳوٺ لڳ ”ڪوٽ مير محمد خان“ تعلقو ڪنگري (عمر 70 سال) کان روبرو ٻڌي، نقل ڪئي وئي. هيءُ فقير ڪافين جو بهترين راڳي آهي ۽ راڳداريءَ جو سٺو ڄاڻو آهي. ڪيس فقير سائين سليمان شاھ جون ڪيتريون ئي ڪافيون ياد آهن. سندس والد سومر فقير ڪٽپر بہ بهترين راڳي ۽ راڳداريءَ جو وڏو ڄاڻو هو.

* فقير يار محمد خاصخيلي (اچڙو ٿر - تعلقي ناري) کان مليل ڪافيءَ ۾ هيءُ بند وڌيڪ آهي:

”گوندر منجھہ گذاريان، سارو ڏينهن سِڪِي.“

■

سدا عشق سندي بادشاهي آ،
بيرنگي رنگ اِلاهي آ.
عشق ماري تو ملڪ دلين جو
ٻئي کي خبر نہ ڪائي آ.
عشق ٻاجهؤن عبادت ڪيهي،
مرغي آنو هوائي آ.
ڪُلي عقلي سندس سپاهي،
جُزئي ڪي ٻہ جدائي آ.
عشق ”سليمان“ سندس نالو
خانو پاڻ خدائي آ.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:
❊ بياض حسين شاهہ

■

مون گذريا ورهيه وساند، سڄڻ توکي ساريندي،

تنهن جي ڏسڻ لاءِ، تنهنجي پسڻ لاءِ،
هيءَ ديواني درماند.

پنهنجي رائي پنهنجي سائين،
هادي ڪر هيڪاند.

سڄڻ ”سليمان“ سڀ وڃايا،
چارئي چُنيءَ پاند.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.

■

تنهن جي چاهِ زَنَخَ جي چالي،
لائي يار لبن لالي.
غَبغَبَ جي غُباب ۾ ڪيڙئي مست موالي،
لائي يار لبن لالي.
گل گل جي گلزار ۾ ڪاڏي ڀؤنر ڀوالي،
لائي يار لبن لالي.
واسينگن جيئن وَرَ ڏيو وجهن دل کي دام دوالي،
لائي يار لبن لالي.
سِرَ تُنهنجي جو سهڻا سائين، ”سليمان“ سوالي،
لائي يار لبن لالي.

(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.

■

جوش ۾ وئي دل جلي، يار! جاني.

ويٺي واجهايان، ليئو جو پايان،
هيڪر آءٌ تون هلي، يار! جاني.

آهون دانهون درد فراق جون،
رمز تو ساڻ رَلِي، يار! جاني.

ٻاهه "سليمان" جو سوگهو ڪيڙءِ،
ڏئي حسن جي تجلي، يار! جاني.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

* بياض فقير يار محمد خاصخيلي (اڇڙو ٽر، تعلقو نارو).

■

چڙهي آئي فوج حسن جي،
لڳي آ هوش حيراني.

برهه جي باهه ڪيو پڙڪو
جيئري اندر ٽيو جهڙڪو
لڳو آ هردم ٽيو ڏڙڪو.
بشرت ٽي بيراني.

لايو عشق آ مارو
ڇا ڪري عقل ويچارو
ڇڏي ويٺو تخت هزارو
ويس خيال سڀ فاني.

”سليمان“ ٽيو هُل هُل،
آيا باغ ۾ بلبل،
چٽي گلزار ۾ گل گل،
نبي آ نور نوراني.
(متفرقات)

ماخذ، اضافا ۽ وضاحتون:

※ راڳي فقير يارمحمد خاصخيلي، (اچڙو ٿر تعلقي ناري) ڪان مليل.

سنڌي خطبا *

(1)

الحمد لله و الله آهي،
وحده واحد آهي،
صفت تنهنجي سدا لاحد آهي،
جبار صاحب جَلّ عليٰ.

رکيو رحمان پاڻ رايو
زمين آسمان جنهن جملي بنايو
ملڪ، جن، ديوَ جنهن آدم اُپايو
جبار صاحب جَلّ عليٰ.

ڪجي سبحان جي ساراهہ سدائين،
جيڪو آهي عالمن الله سائين،
ڏيندڙ رب ڏاتار سائين،
جبار صاحب جَلّ عليٰ.

ڏاتار سو ستار چئو
غفار سو جبار چئو
مالڪ ملڪ سندو مختيار چئو
جبار صاحب جَلّ عليٰ.

سيد سالار سو سرتاج سرور،
محمد (ﷺ) پاڪُ پرور جو پيغمبر،
محمد (ﷺ) مير ربانن رهبر،
جبار صاحب جَلّ عليٰ.

■

---

* فقير سليمان شاهہ جا اهي مذڪور خطبا، اسان کي پروفيسر محمود ڏاهري، شعبہ سنڌي، گورنمينٽ سچل سرمست ڊگري ڪاليج، نواب شاهہ کان دستياب ٿيا. پروفيسر صاحب اهي خطبا حافظ محمد عمر ڏاهري عمر 55 سال، ساڪن "بودلي ڏاهري" تعلقي نوشهري فيروز کان ٻُڌا ۽ نوٽ ڪيا.

(2)

محمد (ﷺ) راز ساروئي ربوبي،
محمد (ﷺ) ملڪ ساروئي محبوبي،
محمد (ﷺ) جي توڙي قوت قلوبي،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

محمد (ﷺ) شاهه جي وڏي ولايت،
محمد (ﷺ) شاهه جي ناهي نهايت،
محمد (ﷺ) شاهه کي ايڏي عنايت،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

محمد (ﷺ) صاف آهي سِرُ الاهي،
محمد (ﷺ) جي آهي سدائين بادشاهي،
محمد (ﷺ) جو آهي هرڪو گدائي،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

محمد (ﷺ) صاف سِرُ سبحاني،
محمد (ﷺ) پاڪ پرور جي نشاني،
ڪجي صفت ٻي ڪهڙي تنهنجي لساني
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

محمد (ﷺ) ملڪ فلڪ جو مختيار صاحب،
محمد (ﷺ) آ امت سندو آڌار صاحب،
محمد (ﷺ) سوا لک نبين جو سردار صاحب،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

جتي نالو هيڪڙو اتي ٻيو اظهار آهي،
بنا ميم جي مختيار آهي،
اتي هميشہ عاشقن ديدار آهي،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

عاشق ڪي نہ معشوق چئجي،
خالق ڪي نہ مخلوق چئجي،
اهو سڀ سالڪن سلوڪ چئجي،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

لا الہ الا الله چئہ تون،
مڃ محمد (ﷺ) رسول الله چئہ تون،
اهو ڪلمون عشق سان بالله چئہ تون،
چارئي سرور (ﷺ) سندي آهن تجلي
ابابڪر، عمر، عثمان و اسد الله علي

■

(3)

جنهن ڪي محمد (ﷺ) جي نوڪري آ،
تنهن ڪي محمد (ﷺ) جي تونگري آ،
محمد (ﷺ) جي تنهن سان دلبري آ.

ابابڪر رفيق گڏ غار ۾ هو
هميشه دلبر جي ديدار ۾ هو
همه گڏ سدا گفتار ۾ هو.

عمر عادل وڏو امير آ،
سچي سردار جو وزير آ،
سچي سردار سان ان جو قلوب،
علم جو وڏو عالم عثمان آ،
گڏيو جنهن قرب مان قرآن آ،

جيڪو سچي رب جو فرمان آهي.
بهادر شير شه ڪامل اڪمل،

علي پيرِ مغان صاحب اڪمل،
زمين آسمان کان زياده توڪل.

شهيدِ ڪربلا لشڪر سيوئي،
هميشہ در نبيءَ نوڪر سيوئي،
امان آهي فاطمہ ستر سيوئي.

مولا جا پاڪ دامن آهن پيارا،
سچي سردار جا فرزند پيارا،
آهن سي عرش تي انهن جا اوتارا.

حضرت عباس، حمزه بهادر،
عشره مبشرين دل جا دلاور،
عجب اصحاب، انصار ۽ مهاجر.

محمد (ﷺ) مير جا اصحابي،
تارڪ توڙي اسبابي،
تابعي توڙي تبع تابعي،
محمد (ﷺ) بخشي تن کي خطابي.

مرشد آهي پيرِ مغان پاڳارو،
سدا سرتاج صاحب تخت وارو،
وڄندو رهندو جنهن جو هردو عالم ۾ نغارو.

سدا "سليمان" آهي تنهن جو سوالي،
ڪيائون مئيخاني مان جنهن کي موالي،
ڏنائون بهر بلڪل بي مثالي.

جا بہ مرشد منهنجي جي جماعت،
ڪن مير محمد (ﷺ) جي متابعت،
سخاوت تن آهي شجاعت،
سندي قلبن تي هرڪنهن هدايت.
لا الـہ الا الله محمد رسول الله (ﷺ)

■

ٽيهه اڪري

(سُر ليلا چنيسر)

[هن ٽيهه اڪريءَ بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "ٽيهه اڪريون" جلد پهريون، ص 359 تي لکي ٿو ته "اها سليمان ولد محمد بچل نالي شاعر جي آهي، جو ڪراچيءَ جي شڪارپور محلي ۾ 1844ع ۾ ڄائو. سندس وڏا ضلعي حيدرآباد جي بدين شهر جا ويٺل هئا. سندس ڪلام ڪافين، مداحن ۽ مولودن تي مشتمل آهي. 21 جون 1934ع تي وفات ڪيائين."

اسان جي تحقيق موجب، هيءَ ٽيهه اڪري فقير سليمان شاهه جي چيل آهي، جيڪا اڄ به پير سائينجن جي ڪيترن ئي فقيرن کي ياد آهي. سانگهڙ جي فقير مير محمد نظامانيءَ ٻڌايو ته منهنجو والد صاحب ٻڌائيندو هو ته اها ٽيهه اڪري فقير سليمان شاهه جي آهي ۽ کيس اها ٽيهه اڪري برزبان ياد هئي. فقير حبيب الله ڏاهري (ساڪن ڳوٺ "ڪارجاٽي"، تعلقو دولت پور، ضلع نواب شاهه - تازو 12 آڪٽوبر 2012ع تي 80 سالن جي عمر ۾ رحلت ڪيائين.) ٻڌايو ته مون کي انهيءَ ٽيهه اڪريءَ جا ڪافي بند ياد آهن ۽ اها فقير سليمان شاهه جي آهي.

هيءَ ٽيهه اڪري مرحوم فقير حاجي محمد حسن کُهڙي، ساڪن درگاهه شريف مشوريءَ جي بياض ۾ درج ٿيل هئي، جيڪا کيس فقير محمد ابراهيم حلوائي ميمڻ دادوءَ واري کان ملي هئي. هن وقت، اِهي ٻئي فقير هيءَ جهان ڇڏي ويا آهن. اسان کي هيءَ ٽيهه اڪري حافظ محمد هاشم جروار دڙائي، ويٺل لڳ نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي کان فقير سيد محمد حسين شاهه صوفاڻي لکياريءَ جي ذريعي ملي، جا سندس ٿورن سان هن ڪتاب ۾ شامل ڪجي ٿي - مرتب]

الف: الف آڏيءَ جو اُٿي، لِيلا لِيلائي ڪانڌ ڪاڻ،
وَرُ رُسي وَلهو ويو، ريجهائيان سڪ سوز ساڻ،
من پرچي ڪنهن به حيلي، ير ڪنهن ٻي رمز ساڻ،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

ب: بي بُرائي بخت جي، نه ته هيس مان دادلي،
ڇڏ چنيسر ڄام اڳيان، ڪير هئي چاڳلي،
سرس سيني ۾ سهاڳڻ، آءٌ هيس لاڏلي،
هار منجهئون هاجو ٻريو جنهن وَرَ ولهي ڪئي آهيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

ت: تي تنوارون منهنجي ڪرت جون سدا سرتيون ڪرين،
هار جو ويچار ڪريو مرم مون تي ٽيون مڙهين.

ث: ٿي سڄي آتڻ اندر ڳالھيون منھنجيون ٿيون ڳڻين،
جي نہ چوٽا عيب مون ۾ سي ويڻ کھڙا واريان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري ور پرچائيان!

❋❋

ج: جيڏين جاڙ ڪئي، مون مَنُ مٽئي سان موھيو
جنھن مٽئي مَنُ موھيو ھو ڪٽو ڪَچُ ڪوڙ جو
ھار کي سينگار ڄاتم، سو سڄوئي ڏُوڙ ھو
وئي چڙوٽي چنيسر ڄام کي، ڳالھ تنھنجي کھڙي ڳائيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

❋❋

ح: حبيب مون رُسيو حرص ڪوڙي ھار تي،
ڍول منھنجي جھول پيو سو ڪيئن مٿيان ڦلھيار تي① ،
سو چنيسر چت ڪٽي ويو ڏمر ڏاڍو ٿيو يار کي،
حرف سورن جا پڙھي، ڳوڙھا ڳلن تان ڳاڙيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچايان!

❋❋

خ: خبر مون ڪانہ پئي، تہ ڪا پوندم ڳٽ ڳري،
ڪِرت ڪونئرو جي ڦُريس، جنھن دغا مون لئہ دل ۾ ڌري،
جنھن ھنيو ڀلھار کي، تنھن سيج ساجن جي سري،
مون مٽئي سان مَنُ ٻڌو تنھن لئہ ٿي لوڙيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

❋❋

د: دل تي ڪونہ آندم تہ ڪِي راجا ٿو رُسي،
راءِ ريساٽو گھٽو مرڪندن کي ٿو مَسي،
جن چاھہ چنيسر سان ڪيو مُر ھندورن ۾ ھسي② ،

---

① ٻي پڙھڻي: ”ڍول منھنجي جھول ھو ڪيئن مٿيم ڦلھيار تي.“

② ٻي پڙھڻي: ”پئي پھاچ گھر ۾ جا، مَرِ ھندورن ۾ ھسي.“

ذ: ذِلَ ڏهاڱ جو تنهن لئه هنجون تي هاريان①،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

ر: رڙهي راز مان، چونديس چنيسر ڄام کي،
ز: زباني عرض واري، ڪنديس آءٌ وريام کي،
عيب منهنجا ڍڪ ڍڪيندڙ سُڌ نه پوي عام کي،
جي پيم پنهنجي هٿان، سي تي بديون بخشايان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

س: سين مون سالم سنڀالج، وَڏَ ڀريا تون وَڏُ ڪري،
مون وِلهيءَ تي وَڏُ ڪري، پاڻهئي اڇو ڀيرا ڀري،
ش: شان ڏس پنهنجو تان پت منهنجي ات پري،
تون ڪانڌ منهنجو ڪارڻي آءٌ اميدون ڪيئن لاهيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

ص: صاحب تون حلم جو، ولهن جو تون ڀرجهلو،
مون واهه ناهي راهه ڪا، ڀاڳ ڀريا ڪر ڀلو،
ض: مون کان تي ضلالت، هاڻ ڪر ڪو تون بلو،
بخش مون بدڪار کي، جو پاند آءٌ تي پائيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

ط: طلب تنهنجي اٿم، ڀيو ڪينڪي ڄاڻان ٻُجهان،
ظ: ظاهري نه ڄاڻان، ڪرت هنر، موڙهي منجهان،
تو پناري پاند لڳيس، من ڪو مزو ماڻيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

**

ع: عين عبرت! ڪٽي، ڪل ڪچائي کي ڏسي،

---

① هي پڙهڻي: "زوال ڏهاڱ جو تنهن جو لکيو تي لوڙيان"

غ: غين غيرت پسي، مون کان تون والي وئين رُسي،
جنهن چاهہ چنيسر سان ڪيو تنهنجي وٺي سِرُ سِسِي،
حيف ڇئو تنهن هار کي، جنهن چاڪ سئو چڪائيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

❋❋

ف: فڪر مون ڀرين ڪيو حرص ڪوڙي هار جو.
ق: قاف قرب ڪٽي تڏهن ئي، مٺو منٺار ويو
مٽيو مون مانع ٿيو دوست جي ديدار جو
ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، در ڪهڙي دانهيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

❋❋

ڪ: ڪاف ڪامل! ڪر نہ ڪاوڙ عرض تون منهنجا سُڻي،
مون ڪميڻيءَ ڪئي ڪچائي، پرچ تون آسڻ ڏٽي!
ڏي دلاسا داسڙا! محب مون سان ڪِلُ ڪٽي،
مير! تنهنجي مرڪڻ لئہ ويرا! ٿي واجهائيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

❋❋

ل: لام لالچ ڀي ناهہ ڪا، سرتيون! صلح ساجن سوا،
م: ميم مون سان ميڙ ٿي هلي ڪيوس منٿ ڪا،
ن: نون نوڙت نياز سان پڻ ڪنديس واڪا وڏا،
و: واو وينتيون ڪري، روئي رڙي ريجهائيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

❋❋

ھ: هي هُجي شل محبت، گهٽي توسان پتأر
جتي مڙنديون جيڏيون اتي رک ستر تون ستار
ي: يگانو يار دلبر، ”سليمان“ تون سنپار
ڪوڏ مان ڪلمو پڙهي، پوءِ پوٗ ڪهڙو پانئيان،
مت ڏيو مون کي اديون، ڪيئن ڪري وَرُ پرچائيان!

■

سِهرو

[هن سِهري متعلق فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي ساڪن ”ڪرڙنگ بنگلو“، نزد سانگهڙ ٻڌايو تہ اِهو فقير سليمان شاهہ جو چيل آهي جنهن ۾ 25 ڪان مٿي بند هئا. فقير سليمان شاهہ اهو سهرو پير سائين حزب الله شاهہ ”تخت ڌڻيءَ“ جن جي شاديءَ جي موقعي تي سرگس دوران في البديه چيو. هيءُ سهرو مڪمل طرح ڪونہ ٿو ملي. البت، اُن جا ٽي بند فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻيءَ کان مليا، جڏهن تہ چوٽون بند چنيسر فقير خاصخيليءَ ويٺل ڳوٺ ”ڪنيري“ (اڇڙي ٿر) کان دستياب ٿيو.]

مئن تہ ميندي مرشد ڪُون لاوان ٿي،
مئن تہ ميندي مِٺل ڪُون لاوان ٿي.
لاوان ٿي، ڳاوان ٿي.
مئن تہ مَنگيا ها اهو جِي ويلا،
الله ڪِيتا سهيو وي سهيلا.
مئن تہ سُرهي سيج وِڇاوان ٿي.
جهنگ سيال پُڇائيندا آيا،
رانجهن رکي آيا رنگپور رايا،
مئن تہ دم دم ويس پاوان ٿي.
کِلدا ٽِلدا رانجهن آيا،
من مئڏا چولي وچ نہ مايا،
مئن راهان وچ گُلڙي وِڇاوان ٿي.
ٻول ”سليمان“ ايهو ڪجه ٻولي،
اي جڳہ او جڳہ اولي گهولي،
مئن تہ اي سِرُ گهول گهُماوان ٿي.

ضمیمو

1. بهادر فقير لغاري

(ميانداد فقير لغاريءَ جو طالب صادق)

بهادر فقير لغاري، ڳوٺ ”ڪامل لغاري“ نزد شهدادپور ۾ فقير سانوڻ خان لغاري بن شير محمد لغاريءَ جي گهر تقريباً ۱۳۱۶ھ/ 1897ع ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌي فائنل پاس هو. سيد شاهه مردان شاهه (اول) ”ڪوٽ ڏٽي“ (۱۲۷۹ھ/ 1860ع – ۱۳۴۰ھ/ 1921ع) کان ذڪر ورتو هئائين. فقير صاحب سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزيءَ جي چڱي ڄاڻ رکندو هو. جوان ٿيو ته کيس ان وقت لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽ ديوان اُڏارام جمعداريءَ جي نوڪري وٺرائي ڏني. ان وقت سندس پگهار 33 روپيا هو ۽ کيس گهوڙو پڻ مليل هو. نوڪريءَ دوران فقير کي اهو خيال اچي ويٺو ته عمر الائي ڪيتري؟ گهوڙو ڇڏي، جهنگل ۾ ويهي، الله کي ياد ڪجي! نيٺ اها نوڪري ڇڏي ڏنائين. ان بعد، شهدادپور ۾ پوسٽ مئن ٿيو جتي پوسٽ ماسٽر جو مٿس ڏاڍو راز هو. پر، ان نوڪريءَ کي به خيرآباد چيائين. ڪجهه وقت بعد، ريلوي کاتي ۾ سرهاڙي اسٽيشن تي ڪانٽي جي نوڪري ڪيائين. اها نوڪري به کيس راس نه آئي. پير صاحب پاڳارو شاهه مردان شاهه (اول) جڏهن بهشت گهڙيو ته فقير اها خبر ٻڌڻ شرط هڪ وڻ تي چڙهي، پاڻ کي ڪٽي ڦِٽو ڪيو. چيائين ته مرشد کان اڳ آءٌ مران ته ڀلو. وڻ تان ڪرڻ جي ڪري سندس ڏُڏ کان هڪ ٽنگ ڀڄي پئي ۽ منڊڙو ٿي پيو. ان کان پوءِ، هن دنيا جي ڪار وهنوار تان سندس دل کڄي وئي. هڪ سال ٻني به ڪيائين، پر سندس دل ۾ اُڻ تڻ هئي. پيو فقيرن جا ڏس پنڌ پڇندو هو. آخرڪار، کيس ڏس مليو ته تعلقي ڪنگريءَ پرسان ”ڪوٽ مير محمد“ ۾ ميانداد لغاريءَ نالي هڪڙو فقير آهي، جيڪو 40 سالن کان هڪ جاءِ تي ويٺو آهي. بهادر فقير پُڇائيندو فقير ميانداد وٽ وڃي نڪتو. روح رهاڻ ڪرڻ بعد کيس فقير وٺي ويو. ٻه ٽي دفعا پنڌ ڪيائين. ميانداد فقير کيس چيو ته ”مرڻ کان سواءِ، ٻي ڪا ڳلي ناهي.“ بهادر فقير کيس عرض ڪيو ته ”قبلا! ڪيئن مران! وڻ تي چڙهي پاڻ اڇلايم، ته به نه مئس.“ ميانداد فقير کيس چيو ته ”ٻچا! تنهنجو سِرُ قبول پيو.

تو پنهنجو سِرُ ڏنو مرشد سائينءَ کي. هاڻي تنهنجو بار آهي مرشد تي. تون پنهنجا سڀ وسيلا ڇڏي، هڪ جاءِ ڪري ويهي رهہ. پوءِ ڏس تہ ڪيئن نہ توکي مرشد ٿو ڪٽي! هاڻي مات ڪري، وڃي ويهي رهہ!“

بهادر فقير، ميانداد فقير کان موڪلائي، ڳوٺ ”ڪامل لغاريءَ“ جي پرسان، شهدادپور کان اٺ ڪلوميٽر اُتر طرف ريلوي لائين جي اولهندي پاسي هڪ واريءَ جي پٽ تي هڪ جاءِ ڪري، سڀ لڳ لاڳاپا ختم ڪري، اهو وچن ڪري اچي ويٺو تہ هاڻي هن جاءِ کان ٻاهر ڪونہ نڪرندس، وڏيڪ جيئن الله پاڪ جي مرضي هوندي، تيئن ٿيندو. رب پاڪ تي توڪل ڪري، انهيءَ ارادي سان ويهي رهيو تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪابہ شيءِ نہ گهرندس. فقير سوال ڪرڻ کي گناهہ برابر سمجهندو هو.

بهادر فقير، مرشد جي جوڳ ۾ ايترو تہ رچي ويو جو سڄيون راتيون جاڳندي گذاريندو هو. انهيءَ تي سندس پيرِ مُغان ميانداد فقير آڏيءَ رات جو اُٿي چوندو هو تہ.

”ڀلا بهادر فقير تنهنجو جوڳ!“

هڪ دفعي بهادر فقير هڪڙي زميني سرنگهہ (گفا) ۾ وڃي ويٺو. نہ ڪنهن سان ٿي ڳالهايائين، نہ ڪنهن جو ڳالهائڻ ٿي ٻڌائين ۽ نہ وري اَنُ ٿي کاڌائين. جڏهن پاڻ ڇهن مهينن بعد انهيءَ اونهيءَ سرنگهہ مان ٻاهر نڪتو تہ ايترو تہ جسماني طور ڪمزور ٿي ويو هو جو ڪيس هلڻ جي بہ طاقت نہ رهي هئي. تنهن تي سندس ٻالڪي چولارام فقير کانئس پڇيو تہ سائين! چاليهو تہ چاليهن ڏينهن جو ٿيندو آهي، توهان تہ ڇهن مهينن جو يوگ ڪيو آهي، سو ڇو؟ بهادر فقير کيس جواب ڏنو تہ ”ابا! مون چاليهو ڪونہ رکيو هو مون نفس سان اهو واعدو ڪيو هو تہ جيسين پاڻ گُمر نہ ٿبو تيسين ٻاهر ڪونہ نڪربو. باقي نفس سان اِهو واعدو ڪبو تہ هيترا ڏانهن تون ڏُکُ سَهُہ، تہ پوءِ وري سُکُ ڪجانءِ، تہ هن کي آسرو ملندو.“

بهادر فقير لاءِ مشهور آهي تہ پاڻ ماني گهٽ کائيندو هو. چوندو هو تہ سرير جيڪو اَنُ کائي ٿو اهو ضرور ننڊ ڪندو. پر، جيڪو اَنُ/ کاڌو گهٽ کائيندو تہ اُن کي ننڊ تمام گهٽ ايندي.

بهادر فقير، توڪل جو صاحب هو. هڪڙي دفعي کيس گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي اچي ڏاڍي بک لڳي. وٽس ڪجهہ پئسا کيسي ۾ موجود هئا. دل ۾ سوچيائين، تہ انهن ڏوڪڙن جي ماني وٺي کائجي. پر، بهادر فقير ائين نہ

ڪيو. بقول چولارام جي تہ، پاڻ چوندو هو تہ توڪل واري فقير کي پئسن مان ماني وٺي کائڻ حرام آهي، توڙي جو اُهي پئسا بہ بنا گهرڻ جي ئي ملن. اهڙيءَ طرح، فقير صاحب ان پيري اُهي چار ڏوڪڙ بہ مرشد جي نالي ڪري ڇڏيا. گاڏي هلندي ٽي چار اسٽيشنون گذريون، تہ هڪڙي مسافر ماني کائڻ شروع ڪئي ۽ ڪيس چيائين تہ فقير! ماني کائيندين. فقير هڪدم وراڻيو تہ الله جي نالي ڏيندين، تہ ڇو نہ کائيندس! مسافر کيس بہ مانيون ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي ڏني. فقير جي چوڻيءَ تہ ڇئن پئسن مان بہ ايتري ماني ڪانہ ملي ها!

سنڌس توڪل جو هڪ ٻيو مثال هن طرح آهي. هڪ دفعي پاڻ ميانداد فقير وٽان ٿي، ٻُڌل فقير جي زيارت لاءِ شڪارپور پيدل پئي ويو. چولارام فقير جو چوڻ آهي تہ بهادر فقير ٻڌايو تہ، واٽ تي ڏينهن بہ اچي ٽٽوءِ واري بہ ڏاڍي هجي. هڪ وڻ جي پاڙ ۾ ويهي رهيس. (فقير صاحب جا پير اڪثر اگهاڙا هوندا هئا. جُتي اصل ڪونہ پائيندو هو ۽ مٿو بہ اگهاڙو هوندو هئس، جو ميانداد فقير جو چوڻ هوس.) ٻُک ۽ اُڃ اچي لڳي. جان ڏسان تہ هڪڙو مڙس آهي، ماني ۽ لسي ڪنيو پيو اچي. مون کي چيائين تہ فقير! اُٺي ماني کاءِ! مون اٿي ماني کاڌي ۽ لسي پيتي. پوءِ مون سان ڳالهہ ڪيائين، تہ مون جهنگ ۾ مال پئي چاريو تہ اتي منهنجو هڪڙو سنگتي آيو. مون چيومانس تہ تون اتي ويهہ. تہ مان تو لاءِ ماني کڻي اچان! اسان جا گهر ميل پنڌ جو پري آهن. آءٌ ماني کڻي آيس، تہ هُو هليو ويو ۽ هئو ئي ڪونہ. پوءِ، مون چيو تہ هن مسافر کي ماني ڏيان.

بهادر فقير هڪ جاءِ ڪري ويهي رهڻ کان پوءِ، ڪنهن کي بہ ڪو سوال نہ ڪندو هو. هڪ دفعي پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڪو ماٺهو پاڻيءَ جو دلو ڀري آيو تہ بہ بهادر فقير ڪنهن کي بہ ڪونہ چيو تہ پاڻي ڪونہ آهي، جيتوڻيڪ ڏينهن بہ اونهاري جا هئا. اهو هئو سنڌس صبر ۽ سوال نہ ڪرڻ جو مثال.

بهادر فقير کي ڪنهن بہ کِلندي نہ ڏٺو. پاڻ اڪيلائي پسند ڪندو هو. گهڻو ڪري مراقبي ۾ رهندو هو. سنڌس طالبن جي چوڻ مطابق: چوندو هو تہ ٽي چار ڏينهن اهڙو خيال اچي ويٺو تہ ڏند ڀڃي ڇڏيان، پر ڀڳا ئي ڪونہ. اٽن ڀِهرن ۾ اڍائي يا ٽي تولا مس اَنُ کائيندو هو. بهادر فقير پنهنجي وجود کان فنائيت کاڌي هئي. هڪ دفعي سياري جي منڊ ۾ پاڻ منجيءَ تي ويٺو هو. اڳيان باهہ پئي ٻري، مچاڻ تہ ڪيڏيءَ مهل ڪو ٽانڊو سنڌس پير تي اچي

پيو. فقير جيئن ڪچهري پئي ڪئي، تيئن ويٺو رهيو. حاضرين مجلس مان ڪنهن ڏٺو تہ فقير جي پير تي ٽانڊي جو اُلو پيو آهي ۽ انهيءَ اهو اُلو پري ڪيو. فقير ماٺ ڪيو ويٺو هو. ڄڻ ڪنهن ٻئي جو پير پئي سڙيو. پير تي ڦلوڪڙا ٿي پيس، پر فقير کي خبر ئي ڪانہ پئي.

بهادر فقير کي اوندهہ گهڻي پسند هوندي هئي. راڳ بہ ڪنهن ڪنهن مهل ڪندو هو. ڪلام پنهنجو بہ ڪيترو ئي ٺهيل هئس. پر، ظاهر ڪونہ ڪندو هو ۽ نہ وري ڪنهن کي اُتارڻ ڏنائين. شروعات ۾ ڪلام گهڻا چوندو هو ۽ ڪلامن چوڻ مهل مٿانئس عجيب ڪيفيت طاري ٿيندي هئي ۽ جُهوٽا کائيندو هو. فقير کي عشق جي اهڙي آتش هئي، جو ڪلامن چوڻ وقت پاڻي اڳيان رکندو هو ۽ ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئندو هو. جڏهن کانئس پڇندا هئا تہ سائين! پاڻي يڪو پي ڍؤ چو نہ ٿا ڪريو. پاڻ ان جي جواب ۾ چوندو هو تہ "ابا! اڄ ڪانہ آهي، باقي اندر ٿو سڙي، تڏهن ٿو ڍُڪ ڍُڪ پي ڪري ان کي ٺاريان."

تحقيق ۽ تلاش ڪندي، اسان کي بهادر فقير جو هڪ بيت دستياب ٿيو آهي، جو هُن محمد فقير ڪٽياڻ جي هڪ بيت جي پڙاڻ چيو هو. روايت آهي تہ هڪ دفعي بهادر فقير وٽ ڪنهن اچي محمد فقير ڪٽياڻ جو هيءُ بيت پڙهيو:

زاهد، زنارن جو صحي ڪندا ڇا سُرُ،
هُو ڀِکيا پِنَنِ بهشت جي، هُو دم جو ڄَپِنِ دُرُ،
هُو مهر مَنگَنِ مرشد کان، هو گُرَ ۾ ٿين گُرُ،
"محمد" پيالو پُرُ، ڪو مرد پِئي مئيخان ۾.

بهادر فقير، مٿيون بيت ٻُڌي، هيءُ بيت چيو:

ذاڪر زنارن جو صحي ڪندا آهن سُرُ،
نہ ڪي ڀِکيا پِنَنِ بهشت جي، نہ ڪي دَمَ جو ڄَپن دُرُ،
نہ ڪي مهر مڱن مرشد کان، هُو گُرَ ۾ ٿين گُرُ،
'مُوتُو قبل انت مُوتُو'، پارِنِ اها پر،
'الانسان سِرِي وانا سره'، هُو ساڃيو ٿين سر،
"بهادر" پيالو پُرُ، مرد پِيِن مئيخان ۾.*

---

* چولارام فقير: "مختصر احوال بهادر فقير جو"، 1939ع، ص 97 ۽ 98

بهادر فقير جوانيءَ ۾ 23 سالن جي ڄمار ۾ فقيري پائي لوڙهي اندر اچي ويٺو ۽ 33 سالن جي ڦوهه جوانيءَ واري عمر ۾ ١١ رمضان المبارڪ ١٣٤٩ھ/ 30 جنوري 1931ع تي ڇنڇر جي رات هڪ وڳي ڌاري هيءُ ظاهري جهان ڇڏيو. ان مهل سائينءَ وٽ رحيم فقير موجود هو. چولي ڇڏڻ وقت بهادر فقير هيءُ بيت چيو ته:

عاشق! معشوقن جي، وَٺي ويهُه ڳَرِي،
جيءَ ۾ ورچي ڇڏي، دوستاڻي دَرِي،
ڏيندءِ ٻُڪي ٻاجهه جي، پوندءِ ٿَپ ٺَرِي،
اسان تان نه سَرِي، تو ڪيئن سَرِي سپرين!

بهادر فقير جي نهايت خوبصورت درگاهه ٺهيل آهي، جنهن ۾ درگاهه جي اڳيان تمام وڏو ميدان پڻ آهي. فقير صاحب جي وفات کان پوءِ، هر اسلامي مهيني جي يارهين تاريخ تي صوفياڻي راڳ جي محفل ٿيندي آهي. هر جمعي تي درگاهه تي خيرات پڻ ڪئي ويندي آهي. رمضان شريف جي يارهين ٻارهينءَ تي بهادر فقير جي درگاهه تي وڏي ڌام ڌوم سان ساليانو عرس ٿيندو آهي، جنهن ۾ صوفياڻي راڳ جي ڀرپور محفل ٿيندي آهي. سڄيءَ سنڌ جا صوفي راڳي هتي ڪَهِي ايندا آهن ۽ اها محفل پرهه ڦُٽيءَ تائين هلندي آهي. هيءُ عرس شريف، درگاهه بهادر فقير جي موجوده گادي ڌڻيءَ فقير شير محمد لغاريءَ جي سربراهيءَ ۾ ٿيندو آهي، جنهن ۾ سندس ٻائر - فقير محمد بچل لغاري، فقير نبي بخش لغاري، فقير عرض محمد لغاري ۽ فقير بهادر سائينءَ جا مريد ۽ طالب ساڻس ڀرپور ساٿ ۾ گڏ هوندا آهن.

بهادر فقير جا طالب

رحيم فقير لغاري:

بهادر فقير جي جهان ڇڏڻ کان پوءِ، سندس طالب رحيم فقير سندس گاديءَ تي ويٺو. رحيم فقير، ڳوٺ ”ڪامل لغاريءَ“ جي زميندار گهراڻي ۾، غلام محمد فقير لغاريءَ جي گهر ۾ 1903ع ۾ جنم ورتو. هيءُ بهادر فقير جو ننڍي هوندي کان دوست هو. جڏهن فقير هڪ جاءِ تي ويهي رهيو ته رحيم فقير به اتي بهادر فقير سان ملڻ ايندو هو. پر، سندس خيال ان وقت دنيا وارا هئا. اڳتي هلي، فقير سائينءَ وٽ ايندي ڪيس ويراڳ لڳو جو دنيا تان ڌيان/ خيال هٽي ويس. فقير جي صحبت سان سندس اندر ۾ الله جو خيال اچي پيدا ٿيو. ان کان پوءِ ننڊ آرام ڦٽي پيس ۽ ڪوڙي سنسار تان دل ئي کڄي ويس.

ايتري قدر جو رات جو وڃي جهنگ ۾ سمهندو هو. بهادر فقير سان ايڏي اچي دل لڳس، جو هُن کان سواءِ ڪيڏانهن بہ ڪونہ ويندو هو. ائين رحيم فقير پنهنجي حياتيءَ ۾ بهادر فقير جي خدمت ڪئي. فقير وٽ هڪ ننڍڙي ڪوٺي ۾ رهندو هو. بهادر فقير جي جهان ڇڏي وڃڻ کان پوءِ، رحيم فقير کي بہ اهڙو درد اچي پيدا ٿيو جو مرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پوءِ، دل ۾ خيال ڪيائين تہ ڪيئن ڪجي! نيٺ فقير ميانداد وٽ ”ڪوٽ مير محمد“ وڃي پهتو جنهن کيس چيو تہ، ”جيئن بهادر فقير نفس کي ماريو هو تيئن تون بہ وڃي مار. بهادر فقير جي جاءِ تي وڃي ويهي رهہ. جيئن تنهنجو مرشد ڪري ويو آهي، تون بہ ائين ڪر.“ پوءِ رحيم فقير اچي بهادر فقير جي جاءِ تي ويٺو. اهڙو تہ جوڳ ڪمايائين، جو ڪيترا مهينا ڳالهايائين بہ ڪونہ ۽ اَنُ بہ صفا بند ڪري ڇڏيائين. اهو سندس ڦوهہ جوانيءَ جو عرصو هو. ان وقت، سندس عمر 27 سال هوندي، پر، ايترو ڪمزور ۽ اَڀرو هوندو هو جو اُٿي بہ مشڪل سان سگهندو هو. ڇهن مهينن بعد مس وڃي ڳالهايائين. ننڍڙي سوڙهيءَ ڪوٺيءَ ۾ رهندو هو. ڪيترن ماڻهن کيس اُن ڪوٺيءَ ۾ رات جو اونڌو لڙڪندو ڏٺو. ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي فقير پاڻ کي تسيا ڏئي، جوڳ پچائي، ڇنڇر رات تاريخ ٢٦ رمضان المبارڪ ١٣٥٢هہ / 12 جنوري 1934ع تي هيءُ جهان ڇڏيو. رحيم فقير جي مزار بہ بهادر فقير جي مزار سان گڏ موجود آهي.

سنت چولارام:

رحيم فقير کان پوءِ، بهادر فقير جو ٻالڪو **سنت چولارام** بهادر فقير جي گاديءَ تي ويٺو. چولارام جو جنم 17 جون 1906ع تي ڳوٺ ”ڪامل لغاري“ تعلقي شهدادپور ۾ ٿيو. سندس وڏا ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا هئا. پاڻ بہ انهن سان گڏ، انهيءَ ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هو. جڏهن 20 سالن جو ٿيو تہ بهادر فقير جي صحبت ۾ اچڻ وڃڻ لڳو. فقير چيلارام تي بهادر فقير جي صحبت وڏو اثر ڪيو ۽ روزانو رات جو فقير جي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيندو هو. اڳتي هلي چولارام فقير، بهادر سائينءَ جي پيار، محبت ۽ شفقت کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو ڏينهن رات فقير وٽ رهڻ لڳو ۽ سندس خدمت ڪرڻ لڳو. پورا ڇهہ سال بهادر فقير جي خدمت ڪيائين. سندس خدمت ۽ محبت کي ڏسي فقير کيس ’سنت‘ ڪوٺيندو هو. بهادر فقير جڏهن هن جهان کي پٺي ڇڏيو ۽ چولارام فقير کي جڏهن اهو معلوم ٿيو تہ پاڻ چيائين تہ، ”مرشد

کان پهريائين آئون مران ته چڱو.“ پوءِ پاڻ هڪ ڪبڙ جي وڻ تي چڙهي، انهيءَ وڻ تان پاڻ کي ڪٽي ڇڏيائين ۽ هيٺ ڪرڻ سان بيهوش ٿي ويو. پوءِ جڏهن پاڻ هوش ۾ آيو ۽ ڪيس ٻڌايو ويو ته سائين بهادر فقير چولو مٽائي چڪا آهن، ته پاڻ تمام گهڻو ڏکارو ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته آئون ڇو بچي ويس، مرشد کان اڳي مون کي مرڻ گهربو هو. سندس ڏکاري نازڪ حالت جي خبر جڏهن سندس مرشد ميانداد فقير کي پهتي. ته هُن ڪيس پاڻ وٽان ٿي وڃڻ جو نياپو موڪليو. ڪجهه عرصي بعد، چولارام فقير ميانداد سائينءَ وٽ ويو. جنهن ڪيس فرمايو ته تون بهادر فقير جو ٻالڪو آهين. تون بهادر فقير کي نه ٿو ڏسين، پر آئون ڪيس ڏسان ٿو. هو چوي ٿو ته جيستائين گرو نه ماريندو تيستائين تون نه مرندين. تو سِرُ ڏنو مون کي، مون تنهنجو سِرُ قبول ڪيو. هاڻي تون وڃي انهيءَ جڳهه تي ويهي رهه. چولارام فقير اتان موٽي بهادر فقير جي آستاني تي اچي ويٺو ۽ ڪيترائي شيوڌاري سندس شيوا ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح، فقير پنهنجي مرشد جي درگاهه/ آستاني تي پنهنجي سموري زندگي اصولي طور گذارڻ جو پڪو پهه ڪري اتي ئي ويٺو رهيو. پير سائين سورهيه بادشاهه جن پڻ چولارام فقير کي مصري ۽ ڦوٽن سان ڀريل ٿالهه ۽ پنهنجو چوغو نه رڳو تحفو ڪري موڪليو پر پنهنجي مريدن کي پڻ ان ڳالهه لاءِ پابند ڪندي چيائون ته، ”هن فقير کي واڻيو ڪري نه سمجهجو هن کي بهادر فقير ڪري سمجهجو. ائين سمجهو ڄڻ بهادر فقير پاڻ جامي ۾ ويٺو آهي.“ فقير چولارام کي انگريز سرڪار حر موومينٽ / سورهيه بادشاهه جي شهادت کان پوءِ، بهادر فقير جي آستاني تان گرفتار ڪيو ۽ حيدرآباد جيل ۾ بند ڪيو. پاڻ هڪ سال قيد و بند جون تڪليفون سٺائين. حيدرآباد جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ، ٽي سال حيدرآباد جي سلاوٽ محلي ۾ نظربند رهيو. ان بعد، موٽي پنهنجي آستاني تي آيو. 1959ع کان پوءِ، پاڻ بهادر فقير جي درگاهه تان نقل مڪاني ڪري، شهدادپور شهر ۾ سوائي روڊ تي هڪ جاءِ ۾ اچي رهيو. 17 جون 1988ع تي پاڻ چولو مٽيائين. سندس سماڌي شهدادپور شهر ۾ سوائي روڊ تي آهي.

سنت چولارام پنهنجي دؤر جو بهترين شاعر پڻ هو. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ ”طالب“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام بيتن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. هتي سنت چولارام جي هڪ ڪافي نموني طور ڏجي ٿي، جا هُن پنهنجي مرشد بهادر فقير لغاريءَ جي شان ۾ چئي آهي:

ڏسي بهادر جهڙا شير اديون،
لڳي اندر منجهه اُڪير اديون.

جڏهن سائينءَ سان صحبت ٿيم،
تڏهن دنيا، دولت وسري ويم،
ٻي خواري ملامت سِرَ تي ڪنيم،
آئي عشق جي هِينئڙي هير اديون.

ڪُٽنب، قبيلي کان ڇني ڇڏيم،
پاڻ پروڙڻ جو ڏانهُن ڏسيم،
مرڻ جيئڻ جو ڀولو ڀڄيم،
هٽي قربن وارا ڪِيرَ اديون.

گفتن وارا گُرز هٽي،
ويو خوف خوشيءَ مان خيال ڪٽي،
الا! اصلي هئي ڪا باب ٻٽي،
ڪيئن توڙئُون ڦيريئُون تقدير اديون.

ڳالهيون سنلس ڪهڙيون ڳايان مان.
ڀينر! ڪروڙين ڀلايون ٿي ڀانئيان مان
وري ٻين کي چئي ڇا ٻڌايان سان،
هَنيئُون "طالب" کي ڪي تِيرَ اديون.

سنت چولارام جي شهدادپور لڏي اچڻ کان پوءِ، 1959ع کان 1963ع تائين بهادر فقير جي درگاهه جي خدمت بهادر فقير جي سؤٽ، فقير علي بخش بن محمد بچل لغاريءَ ڪئي. فقير علي بخش لغاريءَ ان بعد، بهادر فقير جي ٻالڪي، رحيم فقير جي ڀاءُ، خان محمد فقير کي درگاهه جي خدمت ڪرڻ جو ڪم سونپيو. جنهن 1994ع ۾ جهان ڇڏڻ تائين درگاهه کي سنڀاليو. جنهن بعد خان محمد فقير جي پٽ فقير بخش علي لغاريءَ 7 مارچ 2001ع تائين درگاهه جي خدمت ڪئي. ان بعد، درگاهه جو انتظام بهادر فقير جي سؤٽ، فقير علي بخش لغاريءَ جي ننڍي پٽ، فقير شير محمد لغاريءَ جي حوالي ڪيو ويو. فقير شير محمد لغاري 2001ع کان وٺي سڄي عمر هڪ جاءِ تي لوڙهي ۾ ويهڻ جي نيت ڪري، درگاهه جي سنڀال ۽ گاديءَ تي ويٺو آهي.

خُوبو ڀڳت:

خوبو ڀڳت، بهادر فقير جو پيارو ٻالڪو هو. هن شهدادپور کان اولهندي طرف ساڍن ڇهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ ”بقا ڏاهريءَ“ ۾ ڦُلومل جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس شادي ”ڪامل فقير لغاريءَ“ جي ڳوٺ مان ٿيل هئي. کيس اولاد ۾ ٻه نياڻيون - ’دادي ديوي‘ ۽ ’دادي سامي‘ هيون. هڪ رات جو کيس خواب ۾ گرو نانڪ اشارو ڏنو ته توهان جي نصيب ۾ فقيري لکيل آهي، جيڪا اوهان کي ريل جي پرسان لوڙهي ۾ ويٺل بهادر فقير کان ملندي. صبح جو سوير پاڻ پنهنجي زال سان گڏ فقير سائينءَ وٽ اچي پهتو. فقير سان ملڻ بعد، بهادر فقير کانئس پڇيو ته ”ابا! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي.“ خوبي فقير ۽ سندس گهر واريءَ کيس عرض ڪيو ته ”قبلا سائين! پُٽ جي اولاد لاءِ آيا آهيون.“ ان تي فقير کين چيو ته ”وڃي ته پُٽ وٺو وڃيوَ ته الله وٺو.“ ٻنهي ڄڻن بهادر فقير جي قدمن تي ڪري چيو ته ”سائين! اها شيءِ ڏيو جنهن ۾ اسان جي ڀلائي هجي.“ فقير کين فرمايو ته ”ابا! سامهون پتاشا پيا اٿئي ۽ پاڻي ٻه. پتاشا پاڻيءَ ۾ پساءِ.“ پوءِ پتاشن پُسايل پيالي مان پهريائين فقير سائين ڪجهه پاڻ پيتو. ان بعد، خوبي ۽ سندس گهر واريءَ کي پياريائين. ان کان پوءِ بهادر فقير کين ذڪر ڏنو ۽ ڪجهه نصيحتون ڪيون. فقير کيس چيو ته ”ابا! اسين ۱۱ تاريخ رمضان جي، هيءُ ظاهر جو جهان ڇڏيندا سين. تون ۱۷ رمضان جي لوڙهو ڪري ويهجانءِ!“ کيس نصيحت ڪندي چيائون ته ”لوڙهي ۾ ويهڻ کان پوءِ ڪنهن کان ٻه ڪاٻه شيءِ نه گهرجانءِ جيڪ ي ملي، ان تي صبر ڪجانءِ صبر، شڪر ۽ يقين کي هٿان نه ڇڏجانءِ.“ پوءِ خوبو فقير رمضان جي ۱۷ (5 فيبروري 1931ع) تي پنهنجو اصلي ڳوٺ ”بقا ڏاهري“ ڇڏي، ان کان اڌ ڪلوميٽر اورتي کهاڙي ۽ کوڙر ڪٽي موجوده مٺخاني تي، جتي هينئر سندس مزار/ ڪوٽ آهي، ان ڪوٽ جي چؤطرف ليڪو پائي، الله جي آسري ويهي رهيو. ان کان پوءِ، لوڙهي جي رسم هلندي رهي ۽ مٺخاني تي راڳ ويراڳ ۽ ننگر نان ٿيندا رهيا. لوڙهي ۾ ويهڻ کان پوءِ، سندن گهر واري ٻه ساڻس گڏ فقيري پائي ڊگهو چولو شلوار ۽ مٿو ڪوڙائي، مٿي ۾ ٽوپ وجهي ويٺي. 39_1938ع ۾ پير سائين سورهيه بادشاهه جن خوبي ڀڳت وٽ آيا، ته هن سڀ شيون الله جي نالي ڏئي ڇڏيون. انهيءَ تي پير سائين جن جماعت کي فرمايو ته ”اڳ خوبو هو هينئر صوبو ۽ اڳي ڀڳت هو هينئر فقير ڪري پيا وڃؤنس.“ 1939ع ۾ سندس گهر واريءَ هيءُ جهان ڇڏيو ته خوبي فقير سندس تربت ٺهرائي ۽ کيس مٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو. ڪن ماڻهن اعتراض ڪيو

تہ هندو ڌرم ۾ اگني سنسڪار آهي، پر اوهان تہ هن کي مٽيءَ جي حوالي ڪيو آهي. تنهن تي فقير ڪين چيو تہ اسين مرشد جي پويان آهيون.

خوبي ڀڳت سن 1962ع ۾ چالاڻو ڪيو. ڪيس سندس گهر واريءَ سان گڏ دفن ڪيو ويو. سندس چالاڻي ڪان پوءِ، گاديءَ تي سندس ڀائٽيو لڇمڻ فقير ويٺو جنهن ڀڳت صاحب جي مئخاني کي سهڻي نموني سان هلايو. لڇمڻ فقير، سن 1979ع ۾ ديهانت ڪيو. ان بعد، سندس ڀائٽيي ويرو فقير گادي سنڀالي ۽ اڄ تائين خدمت بجا آڻي رهيو آهي. هن فقير جي سربراهيءَ ۾ خوبي ڀڳت جي مزار ۽ احاطي جو تمام خوبصورت ڪم ٿيو آهي. تازو مزار جي مٿان ڪوٺي ۽ صحن ۾ نهايت شاندار ڪم ٿيو آهي.

2. سليمان ڪوش

(فقير سليمان شاهہ جي ڪلام ۾ آيل ڏُکين لفظن جي فرهنگ)

(آ)

آپار: بيشمار، بيحد، جنهن کي ڇيھ نہ هجي.
آچار: نياءُ، انصاف روءِ فيصلو
آر: دل جو لاڙو ڇڪ، ڪشش، چاهہ لاڏو هيج
آري: ڄام پنهل جو پيءُ
آرياڻي: معزز عورت، بيبي
آريون: انگل، ناز نخرا
آگهہ/ آگاهہ: ڄاڻو واقف

(الف)

ابد: اهو وقت، جنهن جي شروعات معلوم ناهي.
ابر: ڪڪر
ابرو: ڀرُون
اثبات: ثابتي، اقزار، شاهدي(الله تعاليٰ جو اقرار ڪرڻ)
اداسي: سڪايل، ويڳاڻو ملول
ادلو گدلو: ميرو سيرو ڪنو ڪوجهو
اَڌوت: نانگو فقير، تارڪ، ويراڳي
اِربيلو: ناز نخري وارو لاڏلو
اُرمق: اوني يا ريشمي ڪپڙو
ازل: موت
اظهار: پڌرائي، ظهور
اقبال: عزت، بلندي، مانُ، ڀاڳ
اڪارڻ: پار لنگهائڻ
الغرضو: بي پرواهہ، لاپرواهہ
الست: ڇا مان آهيان؟
الندو: نہ مڃيندو
اوٽ: اونو آڙ پڙدو
اوراٽو: اولاٽو اوسارو روج
اولاٽو: لولي، اوراٽو

اولو: اوٽ، پڙو آڙ

(ب)

باران: برسات، مينهن

باري: پيدا ڪندڙ

باطني: ڳجهو لڪل، اندروني

بحري باز: باز جو هڪ قسم (مٿواڇو کلها ڳاڙها، اکيون ڪاريون، ڳچيءَ ۾ ڪارو پٽوءِ اُڏامڻ جو تيز)

برحال: برهه، بريان

برهه: جدائي، وڇوڙو عشق

بريان: سڙيل، ڀُڳل

بستان: باغ

بقاءُ: هميشه رهڻ جي حالت، جٽاءُ

بولو: نڪ جو ڳهه

بي چون: بي مثل، لاثاني، (الله تعاليٰ جي هڪ صفت)

بيراڳي، بيراڳڻ: جوڳياڻي

بيڪران: لاحد، جنهن جو ڪنارو نه هجي

بيک: ويس، لباس، فقيراڻو لباس

بَين: وچ ۾

ٻِينَ: بينسري، الغوزو

بينسر: نٿ (نڪ جو ڳهه)

بينسري بولو: جهانجهر سان بولو

(ٻ)

ٻاڻ: تيز ڪان

ٻڪي: دوا

ٻهه ٻهه: تجلو روشني، رونق، خوشي

ٻهڳڻ: سٺين عادتن، داناءُ، سياڻو

(ڀ)

ڀونگو: ڪچو ڪکائن گهر، جهڳو جهوپو

ڀُوڻ - ڀُوٽا - ڀوٽي - ڀَوڻ - ڀوٽا: چرخي، جيڪا کوهه مان پاڻي ڀرڻ لاءِ، کوهه جي مٿان لڳائي، رسو ٻڌي ڇڪجي.

ڀوٽن جا ڀٽڪار: چرخين جو آواز چيڪٽ

ڀيٽي: جاءِ، ٿاڪ، ماڳ، مڪان

(ت)
تاتِ: سنڀال، پچار
تاڙ: اڀس، گهُٽ
تاڪون: تڏهن کان
تفنگ: بندوق
تڪ: نظر، نگاهہ
تلقين: هدايت، نصيحت
تورتڪ: سوچ، ويچار
تيغ: ترار
تيرمزگان: اکين جا تير

(ٽ)
ٽڳا: ميرا ڦاٽل ڪپڙا، فقيراڻا حال
ٽڳا ٽوڙڻ (اصطلاح): لاڳاپا لاهڻ، واسطا ناتا ٽوڙڻ

(پ)
پانڌي: نياپو آڻيندڙ قاصد
پاڻ وڃائڻ: فنا ٿيڻ، وجود وڃائڻ، هستي گم ڪرڻ
پاڻ وهيڻي: خودمختيار، خود خيال، آزاد
پرتوو: روشني، ڪرڻو اولڙو
پرٽُ: ڏوهي، ڪتي
پرڻي: ڏوهياڻي
پرجهڻ: ڄاڻڻ، سمجهڻ، پروڙڻ
پسارا: نظارا، ڏيک
پريت: قرب، پيار، محبت
پريم: پيار، محبت، سڪ، چاهہ
پڪو: ڪانن مان ٺهيل پٽر، پکن مان اڏيل اجهو جُهڳي
پنبڻيون: اکين جا ڇپر
پنڊ: خود، پاڻ
پنڌ: رستو واٽ، گس
پنهوار/ پنوهار: ٻڪريون چاريندڙ ٻڪرار
پنهون: محبوب
پوپٽيون پڙهائڻ: سختيون ڏئي عاجز ڪرڻ
پور: خيال، پهہ، ويچار
پوش: ڍڪ، غلاف
پهرائڻ: پارائڻ، ڍڪائڻ، اوڍائڻ

پياسي: سڪايل، اڃايل
پيچ و خم: ور وڪڙ، ڏنگ، ونگ
پيزار: جُتي، ڪفش
پيشوازي: ساڙهي نموني پائڻ جو ڪپڙو جيڪو احرام وانگر ٻڌو ويندو آهي. ناچ ۾ پائڻ لاءِ خاص جامون
پينار: مڱتو گدا، سوالي، فقير

(ج)

جاڙ: جٽ، ظلم، ڏاڍ
جامي: جامع مسجد
جانڪون: جڏهن ڪان
جتي ستي: زاهده، پرهيزگار (عورت)، حق سچ تي هلندڙ
جذب: ڇڪ، ڪشش، جولان، جوش
جڪ: جهڳ، يخي
جڪڻ: جهجهڻ، ڏڪڻ، ياد جو (دل) ۾ هرڻ
جندڙو: جان، جسم
جوڀن: جواني، بلوغت، سونهن، حسن
جودٽون: سگهوئي
جوڳي: جوڳ پچائيندڙ تپسيا ڪندڙ رمتو
جولان: جوش
جُوءِ: هنڌ، ماڳ، ايراضي
جهدٽون: ڪوشش سان
جيڪس: شايد، جيڪر

(جھ)

جهوڪ: (اٺن وارن جي ويهڪ وارو هنڌ) ماڳ، منزل

(چ)

چارڻ: مڱتو ڳائڻو
چارو: حيلو وسيلو تدبير، اُپاءُ
چاري: محافظ، پهريدار، جاسوس
چاڪ: چير، چهڪ، وڍ، گهاءُ، زخم
چاهه: محبت، سڪ، اڪير، شوق
چاهِ زنخ (اصل: چاهِ ذقن، زنخدان): چهري جي هيٺين ڄاڙيءَ ۾ کاڏيءَ جو کهپ
چتِ: دل، من
چرغ: شڪاري، پکيءَ جو هڪ قسم

چشمن: نيڻن، اکين
چنگ: وات سان وڄائڻ جو ساز
چوٽيءَ ڦل: ٽِڪڙو
چوڏنهن طبق: ست زمينون ۽ ست آسمان
چوڙ: سڄي ٻانهن چڙهيل چوڙين جي قطار ٻانهن
چوڙيلي: چوڙين پاتل عورت، ڪنواري، سهاڳڻ
چَهِہ ٻَهہ: ڪل خوشي، راند روند
چينگهارڻ: چونگارڻ، آواز ڪرڻ

(ڇ)
ڇتڙا: ننڍڙا وار ڇنڊا
ڇنڊ: مڪر، فريب

(ح)
حباب: جَرَ ڦوٽو بوڙيو
حجاب: پردو اوٽ، لڄ
حضور: بزرگن جي مجلس
حلاجي: منصور بن حلاج واري واٽ، رستو فڪر
حنبلي: امام احمد بن حنبل جا پيروڪار
حنفي: امام ابو حنيفہ جا پوئلڳ (سندس اصل نالو نعمان بن ثابت هو.)
حوض ڪوثر: بهشت جو هڪ چشمو

(خ)
خاڪي: مٽيءَ جو
خاني: اميري، وڏماڻهپي، رئيسي
خاوند: مالڪ، آقا، ڌڻي
خدا شناس: الله لوڪ، خدا کي سڃاڻيندڙ
خلاصي: نجي، اڪيلي، خاصي، شخصي، الڳ
خَمُ: ڏِنگ، ٽيڙُ، وَرُ موڙ
خم خم: وروڪڙ، مُڙيل، ڏنگا
خوب: بهتر، عمدو سهڻو اعليٰ
خوبي: خاصيت، لياقت، چڱائي
خيانت: بدديانت، ويساهہ گهاتي، ڪپٽ

(د)
داتا: ڏيندڙ ڏاتار سخي
دارون: سُتي، ٽڪي، علاج

دان: ڀيک، خيرات، تحفو نذرانو
دف: وڄت جو هڪ ساز ٿالهيءَ جهڙو هڪ پاسي کل چڙهيل ۽ هڪ پاسو کليل
در: ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه، موتي
درد: سور، عذاب، پيڙا، تڪليف
دردوند/ دردمند: غمخوار ڏک پائي، ڏک جو احساس رکندڙ
درسن: درشن، ديدار نظارو
دست: هٿ
دشالو: اوني، ريشمي چادر ٻن پڙن واري شال
دلبري: دل کسڻ، محبت، آٿت، دلاسو
دم دم: هر گهڙي، هر پل، هر وقت
دنگ: ڇيهه، ڇيڙو پڇاڙيءَ واري حد
دوالي: پاليل پکي (باز تتر) جي پيرن يا ڇيلهه ۾ ٻڌڻ لاءِ ڏور
ديد: نظر
ديوان: شاهي دربار، ڪچهري، عدالت

(ڌ)
ڌاران: سواءِ، بنان، ريءَ
ڌڄ: سينگار روشني، رونق، چنڊ جون، چمڪو سونهن، سوڀيا، ورا، ڇٽا، ڪيس، پهريون پندرنهن راتيون، نئون، چنڊ
ڌُڪڙ: هڪ پاسي وڄت وارو پکواز طبلو

(ڏ)
ڏاگها: اٺ
ڏکڙن ڏِڏي: تڪليفن جي ستايل، ڏکن، پريشانين جي سڙيل، نچوڙيل
ڏنگڙا: وڍ، چڪ، گهاءَ
ڏوڙا: ٻيٽا
ڏيک: نظارو، ديدار، لقاءَ

(ڊ)
ڊوڪ: نگاهه، نظرداري، جاچ

(ذ)
ذوالفقار: مشهور تلوار جو نالو جيڪا "الحاص بن منبہ" جي هئي. جنگ بدر ۾ ان جي مرڻ کان پوءِ، حضور نبي ڪريم (ﷺ) جن وٽ پهتي. پاڻ سڳورن (ﷺ) جن اها تلوار حضرت علي ڪرم الله وجهه کي عطا ڪئي
ذوق: شوق، ذوق، چاهه، مزو

(ر)

راول: راجا محبوب، پرين (راول ديس: محبوب جو ملڪ)
راءِ: بادشاھ، راجا، سردار
رباب: هڪ قسم جو ساز (طنبوري جھڙو ٿئي، منجھس چار تارون ٿين. لس ٻيلي ۾ ڪيچ ڏانھن پنجن تارن وارو ٿئي)، چوتارو ولايتي، سرندو ڪنايۀ راڳ پڻ چئجي.
رچڻ: رچي لال ٿيڻ، الاهي محبت ۾ محو ٿيڻ، رنگ ۾ رنگجڻ
رخ: صورت، منھن
رخت: اثاثو سامان، اسباب
رمز: مام، راز ڳجھ
رند: آزاد، بي پرواھ، ضابطن ۽ پابندين کان بي تعلقي، بي پرواهي
رنگ: تماشو کيل

(ز)

زردي: سون مان ٺھيل تند، جيڪا ڀرت ڀرڻ جي ڪم اچي، ڪلابات
زلف: لوٽي وٽ لڙڪندڙ وارن جي چڳ، ڳنڍيل وار
زوراور: ڏاڍو مڙس، پھلوان

(س)

ساڌ: صبر وارو فقير
ساڌو: درويش، فقير، ڀڳت
سارنگي: گزيءَ سان وڄائڻ جو هڪ مشھور ساز ستار سرندي جو هڪ قسم
ساعت سولي ٿيڻ: نصيب سنو ٿيڻ، ڀاڳ ڀلو ٿيڻ
سالڪ: سلوڪ جي راھ تي هلندڙ اهو شخص، جيڪو زاهد ۽ دنيادار هجي.
سالم: پورو مڪمل، سربستو سلامت
سامي: هندو فقير، جيڪي گيڙو رتا ڪپڙا پھرين.
سانگ: بھانو اتفاق سان، لحاظ کان (لڏپلاڻ فڪر، ڊپ، سفر، مسافري)
سانگي: سانگ وارو سيلاني، خانہ بدوش
ساهيلي: ساهيڙي، سکي، سرتي، جيڏي
ستار: معزاب سان وڄائڻ جو هڪ مشھور ساز ستن تارن وارو هڪ ساز
ستاري: ٻاجھ مھر، پرده پوشي
سڄاڻ: عقلمند، ڏاهو هوشيار سمجھو
سڄاڻ: ڄاڻو داناءَ، عاقل، سياڻو
سڄڻ: نشان چٽڻ، هڻڻ لاءِ اُلارڻ، سڌي ڪرڻ (تلوار)
سخن: ڳالھ ٻولھ، گفتگو مقولو
سُرُ: اشارو رمز
سرگردان: حيران، پريشان

سرهه: راز، ڳجهه
سڳر: دنيا، جهان، ڪائنات
سِڱي: ننڍڙو سڱ، جيڪو هندو فقير وڄائين.
سميلو: ڪوشش، حيلو جتن
سنڀاري: ياد ڪري، ساري
سنجهي: سج لٿي مهل، سانجهي
سَندو: پنهنجو
سنسار: دنيا، ڪائنات، جهان
سَنکُ: ڪوڏُ (هندو فقير ديوتائن اڳيان وڄائن)
سڻڪار: سڻ جو آواز ڌهڪو
سنگهار: ڀاڳيو مالوند
سنياسي: هندو فقيرن جو هڪ گروهه، تارڪ، تياڳي
سهنجو: آسانيءَ سان، بنا تڪليف جي، سولو
سيف اَبرو: ابرو- ڀرون+ سيف- تلوار يعني: تلوار مثل اکين جي مٿان ڀرون
سيڻهه: ننڍي مشق (جنهن ۾ هوا ڀري، پاڻيءَ ۾ ترجي)

(ش)
شتاب: يڪدم، جهٽ پٽ، جلد
شملو: پٽڪي جو ڇيڙو طرو
شملو شاهي: وڏي/ ڊگهي طري وارو

(ض)
ضمان: ڀرجهلو ضامن
(ط)
طبل: وڏو دُهل، نغارو
طوق: ڳٽ

(ع)
عريان: ننگو بي پردي، اڻ ڍڪيل، اگهاڙو
عين بين: هوبهو ساڳيو
عين: نيڻ، چشم، اک

(غ)
غبغب: ڪاڏ، ڪاڏيءَ واري ڪڏ (جيڪا سونهن ۾ ڳڻجي)
غماز: اک سان اشارو ڪندڙ جاسوس، چاري
غمزو: ناز نخرو انگل، اک يا ڀرونءَ جو اشارو
غوغاءِ: شور، هل، گوڙ

(ف)
فانوس: هڪ قسم جو شمعدان
فلڪ: آسمان، عرش، آڪاش

(ڦ)
ڦوڙائو: وڇوڙو جدائي، فراق، جُدائيءَ جو ڏک

(ق)
قاضي: منهن
قدسي: پاڪ، مقدس

(ڪ)
ڪاشي: هندن جو پاڪ تيرٿ (هندستان/ بنارس ۾)
ڪاڪل: چهري ڏانهن لٽڪندڙ وار، زلف
ڪان: ڪاني مان ٺهيل تير، سچي سَرَ مان لوهي چهنبِ هڻي ٺاهيل تير
ڪانڌ: مڙس، ڀتار
ڪاني: پاراتو پِٽ
ڪٽاري: ننڍو خنجر
ڪٺمالا: ڳنڍيلو ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه
ڪثرت: گهڻائي
ڪپار: مغز ڪوپري، پيشاني
ڪج ڪلاهه: معشوق، بادشاهه
ڪرڳل: انبوهه، ميڙ، گوڙ
ڪُرڻ: پچڻ، پوسرڻ (ڦٽ، زخم)
ڪرهل: اٺ
ڪريم: ڪرم ڪندڙ (گناهه بخشيندڙ ٻاجهارو) ڪارساز
ڪڙي: پير ۾ پائڻ جو ڳهه لوهي تار مان ٺهيل ڪڙي
ڪشف: ظهور، کولڻ (تصوف ۾ غيبي اسرارن ظاهر ٿيڻ واري منزل) ڳجهه جي ڄاڻ
ڪشي: ڇڪي، نشانو بڻائي
ڪلال: شراب وڪڻندڙ
ڪلنگي: بادشاهي ڇٽ، تاج
ڪنڌي: ڪنارو اجهو پناهه جهلو آڌار
ڪوڪ: گهٽو پڪل
ڪوهه: ڇو ڇا جي لاءِ
ڪوهيارو: جبل جو رهاڪو
ڪمڪاءُ: تڪليف جو احساس

ڪيفي: سُرور، خُمار، نشو
ڪيسر: زعفران

(ک)
کاڄ: کاڌو، طعام
کٽي: اُنَ يا ڏاس مان ٺهيل لوئي
کينءَ: خوشي
کيڻ: طعام، کاڌو

(گ)
گڙن: گجن، گوڙ ڪن، مست اُٺ جو آواز
گفتار: گفتگو ڳالهہ ٻولهہ
گوش: ڪنُ
گولي: ٻانهي، غلام
گوندر: وڇوڙو، فراق، جدائيءَ جو غم، ڏک

(گھ)
گهٽ: لنگهہ، در، لڪ، رستو

(ڳ)
ڳل: ڳچي، ڪنڌ
ڳل طوق: ڳچيءَ ۾ ڳٽ
ڳوپ: ڳنڍ، چنل نوڙين جي پڇڙين ڪي وٽي
ڳنوار: ڏنار، ڳئون چاريندڙ ڳوناڻو بيوقوف

(ل)
لامڪان: اها جاءِ، جنهن جي سڃاڻپ نہ هجي.
لوري: جهوري، محبت جي تانگهہ سڪ
لوڪ: جهان، دنيا
لون: جسم جا سنها وار

(م)
ماڙ: مدد، واهر، مهر، احسان
ماسويٰ الله: خدا تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ
ماهي: حسين، محبوب، پيارو
مت: عقل، سمجهہ، ڏاهپ، هوش
محڪم: قائم، اٽل

مدامي: سدائين، هميشه کان، آڳاٽو
مدعي: دشمن
مرجان: ڳاڙهاڻ مائل هڪ قسم جو پٿر
مرسل: رسول، پيغام رسائيندڙ
مڙهي: جهڳي، سنياسين جو آستان، ننڍڙو ٽڪاڻو
مزدنگ: هڪ قسم جي ڊگهي
مژگان: پلڪ، اکين جا ڇپر
مستان: عاشق، مستانو مست
مست: نشي ۾ چور، مدهوشي، سرشار
مشتاق: منتظر، شائق، طالبو خواهشمند
موڪ: گهڻو جهجهو جالارو پالوٽ
مولهيو: ڪلنگي دار پٽڪو يا پڳ، مولهاٽو
مهٽو: طعنو
مهي: گهاٽو ڏڌُ
مئخانو: شرابخانو مڌ پيئڻ جو ماڳ
ميگهه ملهار: جهڙالو ساوڻ جي مند ۾ جهڙ
ميلو/ميلا: ملاقات، گڏجاڻي
مينڍا: ڳنڍيل وارن جون ڳنڍيون

(ن)

نات: مرشد، محبوب
نٽ: هڪ قسم جو ڳهه، جيڪو سهاڳڻيون نڪ ۾ پائين.
نسري: ظاهر ٿيڻ، نروار
نسنگ: نانگو جنهن جو ڪنهن سان ڪو سڱ يا لڳ لاڳاپو نه هجي، سورهيه، بي ڊپو بي خوف
نقارو: نغارو
نڪ: پيڙهي، ڪٽنب، خاندان
ننگ: لڄ، غيرت، عزت
ننگهال: عزت رکندڙ لڄ رکندڙ
نوبت: نغاري جو واڄو
نوبنو: چڱو ڀلو تندرست
نورو: پيرن ۾ پائڻ وارو ڳهه، پازيب، جانجهر
نوڪ: ڇهنب، اڻي
نولو: سيڪڙاٽ، نئون
نهوڙڻ: نپوڙڻ
نيش: جوان اُٺ، اٺن سالن جي عمر وارو اُٺ
نينان: نيڻ، اکيون

(و)

واڍوڙيل: گهايل، زخمي، قتيل

وجود وڃائڻ: پاڻ وڃائڻ، فنا ٿيڻ، هستي گم ڪرڻ

وڇڙيون: ڪنوٽيون

وحدت: هيڪڙائي

وِرهه: جدائيءَ جو ڏک، وڇوڙو فراق، درد

وصل: ميلاپ، جدائي

وڻجارو: سوداگر، واپاري

وڻڪار: وسندي

وهامڻ: گذري وڃڻ (وقت)

وهاڻي: گذري

ويراڳي/ ويراڳ: اڪيلائي

(ه)

هادي: پيرِ مغان، مرشد

هجر/ هجرات: جدائي، فراق، وڇوڙو

هردو: من، دل، چِتِ

هسوار: سوار، گهوڙي وارو سوار

همدم: دوست، ساٿي، يار

هنياءُ: قلب، دل، من

هيڪاري: اڃا به وڌيڪ، اڃا به

3. ببليوگرافي

(الف قلمي ڪتاب:

1. بياض درگاهه شريف پير پاڳاران.
2. بياض فقير مولوي حسين شاهه.
3. بياض فقير مولوي عبدالرحمان نظاماڻي.
4. بياض فقير قمر الدين ڪلوڙ.
5. بياض فقير صاحب محمد حسن کُهڙو.
6. بياض فقير يار محمد خاصخيلي.
7. بياض محمود ڏاهري.
8. بياض مملوڪ "روضي ڏٺي چيئر"، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس.

(ب) ڇپيل ڪتاب:

1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "اسان جو ڳوٺ جعفر خان لغاري"، فيئرفين پرنٽرس، ڪراچي سنڌ، 1998ع.
2. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: "تيهه اکريون" - جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1960ع.
3. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: "خليفي غلام نبيءَ جو ڪلام"، حُر هسٽاريڪل سوسائٽي، سانگهڙ سنڌ، 2010ع.
4. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: "سپ رنگ"، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد سنڌ، 1968ع.
5. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: "ڪافيون" - جلد 1، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1985ع.
6. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر: "واعظ العشاق" (ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1968ع.
7. پريم ڊاڪٽر: "گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي" (سائين چولارام فقير جي زندگيءَ جو احوال)، سنت سائين چولارام فائونڊيشن، شهدادپور سنڌ، 1999ع.
8. پنجواڻي، رام پرتابراءِ: "سڪ جي سوغات" (سنتن جو سنيهو): دولت پرنٽنگ پريس، بمبئي، 1959ع.
9. جوڻيجو لياقت علي، فقير: "عبدي جو رسالو"، خليفو عبدالحي جوڻيجو ميموريل ڪاميٽي، عمرڪوٽ سنڌ، 2010ع.
10. چولارام فقير: "مختصر احوال بهادر فقير جو"، 1939ع.
11. سڪندري، محمد اسماعيل ميمڻ، فقير: "الله جو فقير" (حضرت سومر فقير هنگورو رحمة الله) سڪندريه پبليڪيشن، درگاهه شريف، پير جو ڳوٺ، 2005ع.
12. "شوق" نواز علي ڊاڪٽر: "ڪلام شاهه نصير"، شاهه نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪميٽي، نوشهرو فيروز سنڌ، 2004ع.

13. "شوق" نواز علي، ڊاڪٽر: "ڪلام عثمان فقير سانگي"، شاهه نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي، نوشهرو فيروز سنڌ، 2004ع.
14. شيخ محمد فاضل، پروفيسر: "اصغر سائينءَ جو ڪلام"، جميعت علماءِ سڪندريه، پير جو ڳوٺ سنڌ، ڇاپو 4، 1999ع.
15. شيخ محمد فاضل، پروفيسر: "ديوان مسڪين"، جميعت علماءِ سڪندريه، پير جو ڳوٺ سنڌ، 1985ع.
16. عارف المولي: "ڪلام حسن بخش"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع.
17. لاشاري، رشيد احمد: "ڪليات گدا"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع.
18. مهيسر، عبدالرحمان، سُگهڙ: "فقير ميانداد سائين تارڪ بابت روايتون"، خليل ڪتاب گهر، ڳوٺ رفيق مهيسر، تعلقو ڪنگري سنڌ، 2004ع.
19. مير محمد خان "نياز" ٽالپر: "راز و نياز"، حيدري پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ، 1985ع.
20. نظاماڻي، مشتاق: "فقير عبدالله ڪاتيار جو ڪلام"، روضي ڌڻي چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس سنڌ، 2010ع.
21. وساڻ، محمد مبين، پروفيسر: "ٻَچُو بادشاهه ۽ پِيرو وزير"، پيج پاڳارا پبليڪيشن، سانگهڙ سنڌ، 2007ع.
22. وِيرو فقير: "قرب نامو"، فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد سنڌ، 2008ع.

(ج) انٽرويوز/ راوي:

1. ٽڳيل فقير جتوئي، ويٺل "ڦُل" شهر، تعلقو نوشهرو فيروز.
2. فقير حبيب الله ڏاهري، ويٺل ڳوٺ "ڪارجاڻي"، تعلقو دولت پور.
3. سيد حسين شاهه صوفاڻي، مورو.
4. در محمد چانڊيو، ويٺل ڳوٺ "صاحب خان چانڊيو"، تعلقو مورو.
5. سانئلو فقير مهر، ڪپرو.
6. سيد سبب علي شاهه، ويٺل ڳوٺ "بودلو ڏاهري"، تعلقو نوشهرو فيروز.
7. سيد شاهه محمد شاهه، ويٺل ڳوٺ "بودلو ڏاهري"، تعلقو نوشهرو فيروز.
8. فقير شبير محمد لغاري، گادي نشين درگاهه بهادر فقير لغاري، تعلقو شهدادپور.
9. فقير عرض محمد لغاري، ويٺل درگاهه بهادر فقير لغاري، تعلقو شهدادپور.
10. غازي فقير ڏاهري، ويٺل ڳوٺ "مرزا ڏاهري"، تعلقو نوشهرو فيروز.
11. ڪمال الدين فقير ڏاهري، ويٺل ڳوٺ "بودلو ڏاهري"، تعلقو نوشهرو فيروز.
12. فقير محبوب علي شيخ مداحي، پير ڳوٺ.
13. محمد علي مهر، ويٺل پير جو ڳوٺ.
14. حافظ محمد عمر ڏاهري، ويٺل ڳوٺ "بودلو ڏاهري"، تعلقو نوشهرو فيروز.
15. فقير مولا بخش ڏاهري، ويٺل ڳوٺ "محمد موسيٰ ڏاهري"، تعلقو دولت پور.
16. فقير مير محمد نظاماڻي، سانگهڙ.
17. ويرو فقير، درگاهه خوبو ڀڳت، شهدادپور.
18. فقير يار محمد لغاري، اڇڙو ٿر، تعلقو ڪپرو.

(د) راڳي فقير:

1. چنيسر فقير خاصخيلي، ويٺل ڳوٺ "ڪنيرو" (اڇڙو ٿر)، تعلقو ڪپرو.
2. سوڍو فقير ملاح، ڪڏڙو.

3. عالم فقير شر، جهول.
4. فقير عبدالغفور ڪنڀر، ويٺل ڳوٺ "مير محمد خان"، تعلقو ڪنگري.
5. عمر فقير ڪنڀر، ويٺل ڳوٺ "فقير محمد بخش ڪنڀر"، تعلقو ڪنگري.
6. غلام سرور ابڙو ويٺل "مور هڏي ڀٽ" (اڇڙو ٿر)، تعلقو ڪپرو.
7. ڪاشف نظاماڻي، سانگهڙ.
8. ڪلياڻ ڀڳت، شهدادپور.
9. فقير محمد عمر ڳاهو لڳ اڇڙو ٿر، تعلقو ڪپرو.

اداري جا ڇپيل ڪتاب

1. تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي	ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي	200/=
2. وڪريل وٿون (سنڌي مضمون)	ليکڪ: سيد عبدالحسين شاهه موسوي مرتب: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي	200/=
3. ساهتي پرڳڻي جو وهائو تارو (ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي: سوانح حيات، علمي ۽ ادبي خدمتون)	مرتب: بشير احمد هيسباڻي	350/=
4. حضرت عبدالقادر ”بيدل“ : تحقيق جي آئيني ۾	انجنيئر عبدالحسين موسوي	250/=
5. فُتوحات فيروزشاهي	مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري	175/=
6. مٽيءَ جو عشق	محمد صديق منگيو	200/=

زيرِ اشاعت

1. ڳُتل عڪس سُونهن جا! (شاعري)	عبدالحڪيم ”ارشد“
2. سنڌ جو دارالمصنفين (سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جون علمي ۽ ادبي خدمتون)	ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي
3. ماڻڪ موتي (لطيف سائينءَ جي بيتن ۽ واين جي شرح)	الحاج رحيم بخش ”قمر“ لاڪو
۴. توڪي ساهه سنياري (بردي سنڌيءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر تي لکيل مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو)	مرتب: انور منصور مگريو
5. سنڌ جا خوشنويس	ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي
6. ڪليات فقير امام علي لاڪو	مرتب: بشير احمد هيسباڻي

رابطي لاءِ
ساهتي ادبي اڪيڊمي
رضا هائوس، مهراڻ ڪالوني، نواب شاهه، سنڌ
03003212891

پروفيسر شمشاد احمد سومرو، "ساهتيءَ" جي سُندر شهر "موري" ۾ نالي واري جهوني اديب، فتح الدين سومرو "بيدار" مورائيءَ جي گهر ۾ 6 سيپٽمبر 1963ع تي جنم ورتو. تعليم جي حوالي سان معاشيات، سياسيات ۽ سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ۽ بي. ايڊ ڪيل اٿس. پاڻ هن وقت استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. کيس ننڍپڻ کان وٺي گهر ۾ علمي ۽ ادبي ماحول مليو. 1982ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. سندس لاڙو تحقيق ڏانهن گهڻو پئي رهيو آهي.

سندس پهريون تحقيقي ڪم "موري جي قاضي خاندان جي علمي، ادبي، سياسي ۽ ديني خدمتن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو" آهي، جيڪو "جوڳيئڙا جهان ۾" جي نالي سان مڪمل ڪيو اٿائين. هن 1993ع کان "ساهتيءَ جي تاريخ" (ضلعي نوشهري فيروز) تي ڪم شروع ڪيو ۽ ڪيترن ئي موضوعن تي تحقيقي ڪتاب تيار ڪيا اٿس، جن ۾ "ساهتيءَ جون وستيون ۽ واهڻ"، "ساهتيءَ جا صوفي بزرگ ۽ شاعر"، "ساهتيءَ جا ساهتڪار" (ورهاڱي کان اڳ ساهتيءَ جا هندستان لڏي ويل اديب)، "ساهتيءَ جا سرجڻهار"، "ساهتيءَ جا ماڳ ۽ مڪان"، "ڪافيءَ جو باڪمال صوفي شاعر شاهه نصير، سندس طالبي سلسلو فن ۽ فڪر"، "مخدوم نجيب ۽ ريلائي بزرگ"، "موري جا مور" (موري جي 80 کان مٿي اديبن ۽ شاعرن جو تذڪرو)، "نينهن ڪيم نروار" (جيد عالم قاضي مولوي محمد صادق مورائيءَ جي شاعري ۽ سوانح) اچي وڃن ٿا. سندس ڏيڍ سؤ کان مٿي تحقيقي مقالا، مضمون ۽ پروفائيل لکيل آهن. ڪيترائي علمي ۽ ادبي سيمينار ڪرائڻ ۾ تمام اڳڀرو رهيو آهي، جن مان "سنڌي رسالن ۾ ٻوليءَ جو استعمال"، "صوفي پرچارڪ ۾ سچل سائينءَ جو حصو"، "ضلعو نوشهرو فيروز سيمينار 2007ع" ۽ "مورو هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سيمينار 2010ع" ڳڻائي سگهجن ٿا. سنڌي ادبي سنگت موري ۽ سگا شاخ موري سان سندس گهري وابستگي رهي آهي ۽ انهن تنظيمن جو عهديدار پڻ رهندو اچي ٿو. کيس ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن پاران ڪيترائي ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن.

زير نظر ڪتاب "ڪيڏن ريجهان توکي" سنڌ جي انمول صوفي شاعر، سائين سليمان شاهه سوڏلائيءَ جي شاعريءَ ۽ سوانح متعلق هڪ جامع تحقيقي ڪم آهي، جيڪو پروفيسر صاحب جو ادبي ڪيتر ۾ هڪ يادگار ڪم رهندو. هن ڪتاب ۾ شاهه صاحب جون 117 ڪافيون هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻ سان گڏ، سندس سوانح جي ڪيترن ئي پهلوئن کي اسان جي آڏو روشناس ڪرايو ويو آهي، جيڪو هن کان اڳ ڪٿي به نظر نٿو اچي. سندس هي ادبي پورهيو سنڌي ادب ۾ هڪ لازوال حيثيت ماڻيندو

عبدالحڪيم "ارشد"

ڪراچي سنڌ
23-2-2013